
# امر جليل جا ڪتاب

- ٽيون وجود
- سنڌو منهنجي ساهه ۾
- رني ڪوٽ جو خزانو
- جيجل منهنجي ماءُ



ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ

# امر جليل جا
# ڪتاب

ڀاڱو ٻيون

ٽيون وجود

سنڌو منهنجي ساهه ۾

رني ڪوٽ جو خزانو

جيجل منهنجي ماءُ

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

2012ع

# حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | امر جليل جا ڪتاب (ياڱو ٻيون) |
| ليکڪ: | امر جليل |
| ڪمپوزنگ: | نئون نياپو ڪمپوزرس |
| پيج ميڪنگ | |
| لي آئوٽ ۽ ٽائيٽل: | انعام عباسي |
| پروف ريڊنگ: | ”ٽيون وجود ۽ رني ڪوٽ جو خزانو“ |
| | علي عابد سومرو |
| | ”سنڌو منهنجي ساهه ۾ ۽ جيجل منهنجي ماءُ“ |
| | ڊاڪٽر ايوب شيخ |
| ڇاپو پهريون: | جون 2012ع |
| ڇپيندڙ: | نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ ڪراچي سنڌ |
| | فون: 0346-2103811 |
| ڇپائيندڙ: | عبدالعزيز عقيلي |
| | سيڪريٽري |
| | ثقافت کاتو حڪومت سنڌ |

**قيمت:** **-/800 رپيا**

**ملڻ جو هنڌ**

**ثقافت کاتو ڪتاب گهر**

سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي- 74400 سنڌ

فون: 021-99206073

# فهرست


پبلشر جو نوٽ 11
پروفائيل 13
ليکڪ جا ڇپيل ڪتاب 14


# ٽيون وجود


- امڪان جي سرحد (مهاڳ) 19
- دل جي ڳالهه (مهاڳ) 25

1. پنجين موسم 31
2. پکي 41
3. قربان علي ڪنگلي جو روح 47
4. هڪ دل جي اڪيلائي 65
5. غلام 90
6. حياتي وهه وٺو آهي 115
7. منهنجو پٽ مهدي 127
8. ڏند ڪٿا 149
9. منهنجي نصيب ۾ تون نه آهين 152
10. ٽيون وجود 176

## سنڌو منهنجي ساهه ۾


- ٽئون سهاڳ 213
- سهاڳ 217


## ٽٽل آئيني جو عڪس


1. گدڙ 229
2. لٺ 232
3. طوطو 235
4. انٽرويو 238
5. گٽيش 241
6. خاڻ 244
7. مشغولي 247
8. ٻڪر 250
9. حقير 253
10. گامون 256
11. نيڪالي 259
12. قداور 261
13. تاثرات 264
14. جواب 267
15. پٽ 270
16. صاحب 273
17. روپوش 276
18. مرض 279
19. تنبيهه 282
20. سجاڳي 285
21. آئينو 288

# چينو


1. فرق 293
2. تعبير 296
3. مٿو 299
4. چريائي 302
5. ڪنڌ 304
6. معمو 307
7. دنيا 310
8. مسئلو 313
9. سوال 316
10. فيلسوف 318
11. ڪوڙ 321
12. گول 324
13. داڙو پاڙي 327
14. لوهي ٽوپلو 329
15. ٻبر 332
16. گلدستو 335
17. ڪنگ سائيز 338


# پيھي منجھه پاڻ


1. مرشد 343
2. گرين روم 346
3. مٽيان 349
4. سفر 352
5. لاٽ 355
6. ماءُ 358
7. ٽوھر 361

8. سمجهاڻي 363
9. گلدان 366
10. عيد 369
11. ياد 372
12. خاڪو 375
13. سپردگي 378
14. باطن 381
15. نڪ 384
16. هوءَ 387
17. آس 391
18. اشرف المخلوقات 394
19. رهبر 397

## سنڌو منهنجي ساهه ۾

1. تشخص 403
2. نشان 406
3. محبت 409
4. جنم 412
5. اعتقاد 415
6. خالق 418
7. واپسي 421
8. خاموشي 424
9. نگاهه 427
10. وچن 430
11. خيرات 433
12. افق 436
13. اوندهه 439
14. بندش 442

15. زندگي 445
16. علامت 448
17. موهن جو دڙو 451
18. ديوانگي 454
19. الزام 457
20. روانگي 461

# رني ڪوٽ جو خزانو

• رني ڪوٽ جو قيدي (مهاڳ) 467
• خاموشيءَ جو آواز (مهاڳ) 472

1. گهاءُ 478
2. محرم علي 494
3. هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا 507
4. آدم جي ماءُ 523
5. ساڻو ساڻو ساهه 537
6. مان ديوداس نه آهيان 556
7. چِتي ڪتي جو موت 568
8. ڪپيل ٻانهن جو وارث 580
9. هڪ دور جو ماتم 598
10. سنڌي گدڙ اِن (In) اسلام آباد 613
11. رني ڪوٽ جو خزانو 625

# جيجل منهنجي ماءُ


- جيجل منهنجي ماءُ (مهاڳ) 639
- حالتن جو جمود (مهاڳ) 645

1. سفر جو سانگو 663
2. مان ڪنهن کي ڳوليان ٿو 665
3. مان توسان ملڻ ايندس 668
4. ڪوتاهيءَ جو اعتراف 671
5. چينو چا ٿو چاهي 674
6. ساموندين جي سار 680
7. وڇڙ آڳر 680
8. امڙ مان ٿڪجي پيو آهيان 683
9. دودو سومرو يا دودا سومرا 685
10. ڪيڪٽس 688
11. دل جا وهم وسار 691
12. مان تو وٽ هليو ايندس 695
13. سوداءُ 698
14. سنڌو 701
15. ماٽيلي ماءُ جي دعا 704
16. گم ٿي ويل امانت 707
17. نوحو 710
18. رهجي ويل خط 714

| | |
|---|---|
| 19. زمان حال جو عيني گواهہ | 717 |
| 20. مونکي دعا نہ ڏيو | 720 |
| 21. فيصلي جو طلسم | 723 |
| 22. رڍ آڏو رباب | 726 |
| 23. وجينتي مالا ۽ مان | 730 |
| 24. گفتگو | 733 |
| 25. رمضان سگورو آيو آهي | 736 |
| 26. رٽائرٽيڻ کان اڳ | 739 |
| 27. مونا ليزا ڏوبياڻي | 742 |
| 28. ڇمندي ڄام | 745 |
| 29. سچو آهي سبحان | 748 |
| 30. ٻڪر | 752 |
| 31. گندستو ڏيندڙ ٻار | 755 |
| 32. رهبر سان گفتگو | 758 |
| 33. مسئلو | 761 |
| 34. نڙي ۾ اٽڪي پيل گُنڍي | 764 |
| 35. رک ۾ چٽنگ ڳوليان ٿو | 767 |
| 36. ڪارو الله جو پيارو | 770 |
| 37. روڊ رولر | 773 |
| 38. ڦودني جو سوال | 776 |
| 39. ٻليءَ سان عشق | 779 |
| 40. گوتم، چيتو ۽ مان | 782 |
| 41. ازل جو عشق | 785 |
| 42.. مرڻ بہ مشڪل آهي | 788 |

| | |
|---|---|
| 43. ماريندو تہ الله آهي نہ؟ | 792 |
| 44. هاٿي ۽ مان | 795 |
| 45. مان وسارڻ چاهيان ٿو | 798 |
| 46. مرڻ مٺو نہ آهي | 801 |
| 47. رحيم هنگوري جهڙو ڏوهاري | 804 |
| 48. ڪميونسٽ شاعر | 806 |
| 49. پهاڪن جي پڇاڻي | 808 |
| 50 ٻڪر ۽ ڇيلو | 811 |
| 51. سائين چور ڪي سڱ ٿيندا آهن ؟ | 815 |
| 52. قد وڌائڻ جي اٽڪل | 818 |
| 53. ڪارٽون سوچيندا آهن | 821 |
| 54. لڏم ۽ وڃايم | 824 |
| 55. ٻچو ان ڏينهن ڪان | 827 |
| 56. ڪافراڻو سوال | 830 |
| 57. ڳجهہ جي ڳالهہ | 833 |
| 58. روانگي | 836 |
| 59. فائيل، جيڪي بند نہ ٿيندا آهن | 838 |
| 60. خوفناڪ بيماري | 841 |
| 61. اڄ جا افلاطون، سقراط ۽ ارسطو | 844 |
| 62. مالڪ تون درد ڪٿيندين؟ | 847 |
| 63. ميڊم جي ٻلي | 850 |
| 64. فيلسوف ۽ گڏهہ | 854 |
| 65. قندڻ جو پرابلم | 857 |


***

## پبلشر جو نوٽ

هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ وارن ليکڪن ۽ اديبن ۾ ناميارو اديب امر جليل جو نالو پهرين صف ۾ آهي. هُن سماج جي ڪروڙن ۽ ناانصافين کي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ جيئن پيش ڪيو آهي، سو سنڌس ئي ڪمال آهي. اهوئي سبب آهي جو گذريل چاليهن ورهين کان محترم امر جليل جون ڪهاڻيون اڄ بہ سنڌيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهجن ٿيون.

ثقافت کاتي سنڌ جي وزير محترمہ سَسُئي پليجو هلندڙ چوٿين عوامي حڪومت جي هنن چئن سالن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي علم ۽ ادب جي خزانن مان فيضياب ڪرڻ جي لاءِ جتي سڄي سنڌ ۾ لائبريرين جو ڄار وڇائڻ جي رٿائن تي عمل ڪرايو آهي، اتي عالمن، اديبن ۽ ليکڪن جي قلمي ڪاوشن کي عوام تائين رسائڻ جي لاءِ ڪتابن جي ڇپائي جون اڻ ڳڻيون رٿائون پڻ منظور ڪرايون آهن. وزير صاحبہ جي هدايتن هيٺ ثقافت کاتي سنڌي ادب جي وهائو تارن جي ڪاوشن کي خاص طور تي Collected Works جي صورت ۾ ڇپڻ جو آغاز ڪيو آهي. جناب شيخ اياز کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ امر جليل جي ڪتاب کي Collected Works طور سموهيو پيو وڃي. ان سان گڏ فيض احمد فيض جي ڪتابن جي سنڌي ترجمن ۽ ان جي شخصيت ۽ فن تي اصلوڪن

ڪتابن جي ڇپائي ڇپائيءَ هيٺ آهي.

هي امرجليل جي ڪهاڻين ۽ ڪالمن ڪي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇپائڻ جي پيئن ڪڙي آهي. امرجليل جي هن ٻئين جلد ۾ سندس ڇئن ڪهاڻي ڪتابن "تيون وجود"، "سنڌو منهنجي ساهه ۾"، "رني ڪوٽ جو خزانو" ۽ "جيجل منهنجي ماءُ" کي گڏ ڪيو ويو آهي. هنن ڪهاڻين ۾ سماج جي مختلف ڪردارن جي درد، ڪرب، پيڙائن ۽ سماج جي ڪروڌ ۽ ناانصافين کي ليکڪ جهڙيءَ طرح اپٽاريو آهي ان سان تنقيد ۽ اصلاح جا ٻه پاسا پڙهندڙن جي سامهون اچن ٿا ۽ پڙهندڙ چڱائيءَ ۽ مدائيءَ جي وچ ۾ ليکڪو ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو.

اسان کي اميد آهي ته امرجليل جي ڪهاڻين جو هي پيون جلد ٻه پنهنجي ڇپائي ۽ سونهن جي ڪري اوهانکي پسند ايندو. اسان کي اميد آهي ته هي سڀ ڪتاب سنڌ جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي لاءِ بيحد لاياڻتا ٿيا ۽ نوجوان انهن مان پنهنجي علمي ۽ ادبي اڃ اجهائي سگهندا.

**عبدالعزيز عقيلي**

سيڪريٽري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# پروفائيل

نالو: ڪتاب جي پهرين صفحي تي ڏنل آهي.
پٽ ڪنهنجو: فاطمہ ۽ عبدالغني قاضيءَ جو.
ڪڏهن ڄائس: ٻي مهاڀاري جنگ کان ٽي سال اڳ، 8 نومبر 1936ع
ڪٿي ڄائس: روهڙيءَ ۾۔ شڪارپور ۾ چون ٿا ڄائس؟
نپيس: ڪراچيءَ ۾.
پوڙهو ٿيس: اسلام آباد ۾.
پڙهيس: رتن تلاءَ پرائمري اسڪول ڪراچي. اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ ڪراچي يونيورسٽي. ڪراچي يونيورسٽي ۽ اين جي وي اسڪول سان تہ عشق اٿم. ان کان سواءِ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد، گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهہ ۽ فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي.
چا مليو: ايم اي ايڪنامڪس، ايم اي هسٽري ۽ ڊپلوما ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي (ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي پڙهائڻ).
ٽيڪنيڪي سکيا جا مرڪز: اين ايچ ڪي ٽيليويزن ٽوڪيو جاپان، سکوٿائي اوپن يونيورسٽي ٿائيلينڊ ۽ فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي آمريڪا.
ڌنڌو ڌاڙي: ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد.
ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس، اسلام آباد.
وائيس چانسلر، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد (اڻ پورو مدو)
لکڻ پڙهڻ: 1955ع کان ڪهاڻيون، ڪتائون، ناول، مضمون ۽ تخليقي ڪالم. (سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾).
ميڊيا: انيڪ سنڌي ۽ اردو آرٽ پليز ۽ ڊراما سيريلز.
دان: شاهہ لطيف ايوارڊ، اکل ڀارت سنڌي ساهت سڀا نيشنل ايوارڊ، پاڪستان رائيٽرس گلڊ ايوارڊ، پرائيڊ آف پرفارمنس، نشان فضيلت، ڪراچي يونيورسٽي ۽ لائف فيلو۔ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد.
جنون: ڪرڪيٽ ۽ موسيقي.

# ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

- دل جي دنيا
- جڏهن مان نہ هوندس
- منهنجو ڏس آسمان کان پڇو
- ٽيون وجود
- تاريخ جو ڪفن
- سنڌو منهنجي ساهہ ۾
- رني ڪوٽ جو خزانو
- نيٺ گونگي ڳالهايو
- جيجل منهنجي ماءُ
- اندرا
- چنڊ وسامي ويو
- ادب ۽ سياست
- سرد لاش جو سفر
- لهندڙ سج جي لام
- سنڌنامو
- چيني ۽ چرپٽ جون ڪهاڻيون
- فدا حسين فودني، ڏني ۽ قنڌڻ جا ڪالم

## پاڪيٽ بڪ:

1. رڄ 2. هن ڄار ۾ 3. آدم جي ماءُ 4. تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون.

## انگريزي ۾ لکيل ڪهاڻيون:

1. Love, Longing and Death

## تدريسي ڪتاب:

1 A Hand Book of Educational Technology

## ليکڪ جي باري ۾ ڇپيل ڪتاب

- امر جليل- سهڻي نمبر
- هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 1974 _ 1955 (ڀاڱو پهريون)
- امر جليل نمبر- ڪلاچي، ڪراچي يونيورسٽي
- امر جليل- فن اور شخصيت- اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد

کتاب

# ٹیون وجود

# انتساب

تو خوابن کان تعبير، مسافرن کان منزل ۽ آئيندي کان اميد
کسي ورتي آهي. تون زندگي جو دشمن آهين، تون روشنيءَ
جو دشمن آهين. تون سچ ۽ سونهن جو دشمن آهين.
خدا توکي تمام ڏکي رسي ڏيئي ڇڏي آهي.

—امر جليل

# امڪان جي سرحد

ڪتاب ”ٽيون وجود“ جي نئين ايڊيشن لاءِ مهاڳ ۾ ڪجھ لکڻ کان اڳ اوهان جي هڪ غلط فهمي دور ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. ابهام لاشعوري طور تي مون ڪي وٽندو آهي. ڏاڍو پراسرار ۽ معنائن سان ڀريل ڀنڊار لڳندو آهي. اظهار ۾ ابهام لاءِ مون ڪڏهن به شعوري ڪوشش نہ ڪئي آهي. ابهام منهنجي زير اثر نہ آهي. مان ابهام جي زير اثر نہ آهيان. ڪجھ عهدنامن تي اسين صحي اڳ ۾ ڪري ڇڏيندا آهيون. پڙهندا بعد ۾ آهيون. چاهڻ جي باوجود اسين عهدنامي ۾ ڪا بہ تبديلي آڻي نہ سگهندا آهيون. عهدنامي ۾ تبديليءَ کي مان مناسب نہ سمجهندو آهيان. تبديليءَ تي عهدنامي کان انحراف کي مان ترجيح ڏيندو آهيان.

ڪو شهر اجنبي محسوس ٿئي تہ ڇڏي ڏجي. فاتح وانگر ڍاهي پٽ نہ ڪجي. تشخص سان دشمني ڪڏهن بہ پائيدار دوستيءَ جو

سبب ٿي نہ سگهندي آهي. جاگرافي انسان جي وس ۾ ٿي سگهندي آهي، تاريخ نہ. تاريخ پنهنجن روين جو تعين پاڻ ڪندي آهي، ڪنهن کان اجازت نہ گهرندي آهي، منهنجو الميو اهو آهي، جو جڏهن شهر اجنبي ۽ اوپرو محسوس ٿيو مان شهر ڇڏي نہ سگهيس. ڪنهن فاتح وانگر شهر کي ڊاهي پٽ ڪري نہ سگهيس. رام باغ جو نالو آرام باغ رکي نہ سگهيس. شهر ڇڏي رڻ جو راهي ان ڪري ٿي نہ سگهيس جو ڳولڻ وارن صحرائن مان تيل ڪڍي ورتو. مجنون مٿي ۾ واري وجهي شهر موٽي آيو. پاڻ سان، پنهنجي وجود ۾ سڄو سمورو صحرا لڪائي کڻي آيو. شهر ۾ ڪيس ليليٰ جا پُٽ، پوٽا، ڏهٽا مليا، پر ڪيس ليليٰ نہ ملي. اسين شهرن ۾ رهون، يا وڃي ريگستان وسايون، ڳالهہ اسان لاءِ ساڳي آهي. رُڃ جي اڃ منرل (Mineral) واٽر جي بوتل سان نہ لهندي آهي.

عقل وارا گوشي نشينيءَ کي عبادت جو درجو ڏيئي، پنهنجي پنهنجي عبادتگاهہ کولي ويهي رهيا، ڪنهن کي گيان ڏنائون، ڪنهن کي ڌيان ڏنائون. ناستڪ کي آستڪ، ۽ گمراهہ کي راهہ تي آندائون. پر مجنونءَ کي ليليٰ جو ڏس ڏيئي نہ سگهيا. پٽر هٽي مجنونءَ تي پنهنجي پنهنجي عبادتگاهن جا در بند ڪري ڇڏيائون.

ڇا رکيو آهي انهن ڳالهين ۾! جيڏانهن پورب پنڌ، تيڏانهن آئون نہ ويٺو هيءَ هنن جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾. ضروري سمجهان ٿو تہ اوهان جي غلطفهمي دور ڪري ڇڏيان.

ڪتاب ”ٿيون وجود“ مون نہ لکيو آهي. ڳالهہ کي هڪدم نامعقول سمجهي رد نہ ڪريو. يقين ڪريو مان هن ڪتاب جو مصنف نہ آهيان، منهنجو عمل دخل فقط ايترو آهي جو منهنجي ٽئين وجود کان جيڪي ڪهاڻيون اڌ ۾ رهجي ويون هيون، انهن ڪهاڻين کي مون هٿ ۾ کنيو. منقطع سلسلي کي جوڙيو. هيئيت کي زمان،

مڪان ۾ تاريخ جو حوالو ڏنو. ڪجهه جملن جو اضافو ڪيو. اوچتو سلسلو ٽٽي پيو. ڪاٻه ڪهاڻي مڪمل ٿي نه سگهي. اڌ ۾ ڇڏيل ڪهاڻيون اڌ ۾ رهجي ويون. ڪا به ڪهاڻي پنهنجي حتمي اختتام کي پهچي نه سگهي، هميشه کان، ازل کان ائين ٿيندو رهيو آهي، ۽ ابد تائين ائين ئي ٿيندو رهندو. اڌ ۾ رهجي ويل ڪهاڻيون اڌ ۾ رهجي وينديون. تڪميل کي ڪو به مفهوم ملي نه سگهندو. ماڻهو تڪميل جي لفظ جو انت لهي نه سگهندا.

امڪان جي سرحدن کان اڳتي ناممڪن ۾ ممڪن کي تلاش ڪرڻ وارن لاءِ تعزيرات تيار ٿيندا آهن. فنا ۾ بقا کي ڳولڻ وارن لاءِ جستجوءَ جون راهون دردناڪ عذاب، دشوار ۽ مشڪل ٿي پونديون آهن. ڪهاڻيون تڪميل تائين پهچي نه سگهنديون آهن. عدالت ۾ مٽي تي انصاف جي پڳ ٻڌي ويهڻ وارا جج فنا ۾ بقا جي متلاشين کي قيد ۽ موت جون سزائون ته ڏيئي سگهندا آهن. پر اڌ ۾ رهجي ويل ڪهاڻي مڪمل ڪري نه سگهندا آهن. تلوار سان سر لاهي ڇڏڻ سولو آهي، پر ڪپيل سر کي ٻيهر جسم سان جوڙي، اڌ ۾ رهجي ويل ڪهاڻيءَ کي مڪمل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. تسلسل جي بند درن کي کولڻ لاءِ امڪان جي سرحد پار ڪرڻي پوندي آهي.

”ٽيون وجود“ احساس آهي. تصوف وانگر محسوس ته ڪري سگهبو آهي، پر سمجهائي نه سگهبو آهي. ظاهر اسان جو پهريون وجود آهي. انسان جي مڪمل توجهه جو مرڪز آهي. پاڻ کي سينگارڻ، سنوارڻ، عطر عنبير هٽي پاڻ کي قبول ڪرائڻ جو عارضي عنصر آهي. بي بقا علامت آهي. ٻم ڦاٽو جنگهه ڪپجي ويس، باقي بچيل ڄمار منڊڪائي پيو هلندو. هڪ اک ويس ته ڪاڻو. ٻئي اکيون ويس ته نابينو. فالج ٿئيس ته لولو. ڪجهه عرصي کان پوءِ مٽي جا وار ڪرنس ته ٽوڙهو. منهن گهنججي ڇوهاري جهڙو ٿي ويجيس. سلپ

ٻسڪ تي پوپس تہ ڪيو. پر تڏهن بہ ڪروڙين سالن جي تاريخ ۾ انسان ڪي سڀ ڪان وڏيڪ پنهنجو ظاهري وجود وڻندو آهي، هو پنهنجي سڄي ڄمار ظاهري وجودڪي سينگارڻ، سنوارڻ ۾ گذاري ڇڏيندو آهي.

پنهنجي ظاهري وجود جي هيبت ويهارڻ لاءِ انسان پنهنجن ظاهري قوتن جي نماءَ جو محتاج ٿي پوندو آهي. بي انتها دولت، بنگلا، پجيرو ۽ لينڊڪروزر، هوائي جهاز ۽ هٿيار، نوڪر ۽ چاڪر، ڪرائي جا قاتل، ڏاڙيلن ۽ ڪُتن جي لوڏ، ۽ ايوان اقتدار ۾ سندس گونج! دهشت ۽ دٻدٻو! سڄي ڄمار جي جدوجهد جو محور، ظاهر!

جنهن ظاهري وجود ڪي ناهڻ، اپارڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ انسان سڄي عمر داوَ تي لڳائي ڇڏيندو آهي، سو وجود بندوق جي گولي، ۽ خنجر گهاوَ جي سٽ سهي نہ سگهندو آهي. ڪيس گردن توڙ بخار، ڪينسر، يا دل جو دورو ڊاهي ڍير ڪري ڇڏيندو آهي. بي بقا، بي معنيٰ ۽ خسيس هئڻ جي باوجود انسان ازل ڪان پنهنجي ظاهر سان محبت ڪئي آهي. پنهنجي ظاهر سان عشق ڪيو آهي. پنهنجي ظاهر جو نماءُ ڪيو آهي. هُن ذهني طور ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو آهي، تہ اسان جو ظاهري وجود عارضي آهي، ڪمزور آهي، ناقص آهي. اسان جو پهريون وجود بي بقا آهي.

ٻيو وجود، باطن جڏهن پهرين وجود جو زيردست ٿي پوندو آهي، تڏهن انسان تاريخ ۾ لکڻ لاءِ پنهنجا خوني داستان ڇڏي ويندو آهي. هو چنگيز، هٽلر ۽ هلاڪو ٿي پوندو آهي. هو موتمار هٿيار ۽ ايٽم بم ناهي ملڪان ملڪ تباهي جو ڪارڻ ٿي پوندو آهي. هو مذهب، عقيدي ۽ نسل جي نالي ۾ شهر برباد، ۽ وسنديون ويران ڪري ڇڏيندو آهي. انسان مڪمل يقين سان انڪري ٻين لاءِ عذاب جو سبب ٿي پوندو آهي جو هو پاڻ ڪي حق ۽ صداقت جو دائي، ۽ ٻين ڪي پٽڪيل ۽

بدليل سمجهندو آهي. هو هميشه پاڻ کي صحيح، ۽ ٻين کي غلط سمجهندو آهي. هو جڏهن پنهنجي ليکي دنيا کي سڌارڻ ۽ ڏنگي کي سبق سيکارڻ جو ٺيڪو کڻي وٺندو آهي، تڏهن دنيا ۾ وڏي گڙٻڙ پيدا ڪري وجهندو آهي

ڪجهه انسانن جو باطن، سندن ٻيو وجود، سندن پهرين وجود، ظاهر جو ساٿ نه ڏيندو آهي، ائين به ٿيندو آهي جو ڪجهه عرصي تائين ساٿ ڏيڻ کان پوءِ ٻيو وجود، پهرين وجود خلاف بغاوت ڪندو آهي. آگاهيءَ جا بند در ڪڏهن نه کلي سگهندا آهن. پر جڏهن به کلندا آهن، تڏهن ظاهر کي باطن جي ماتحت ڪري ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو ظاهر ۽ باطن جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي پوندي آهي ۽ انسان کي مرڻ گهڙيءَ تائين ولوڙيندي رهندي آهي، ٻن وجودن جي جنگ ۾ انسان ضايع ٿي ويندو آهي.

منهنجو ارادو سمجهائڻ يا سمجهاڻي ڏيڻ جو نه آهي. ڪنهن پيراگراف ۾ لکي آيو آهيان ته ٽيون وجود احساس آهي. تصوف وانگر ٽئين وجود کي محسوس ڪري سگهبو آهي، پر سمجهائي نه سگهبو آهي. تنهنڪري ٽئين وجود بابت مان ڪا به سمجهاڻي نه ڏيندس. مان فقط پنهنجي ڳالهه ڪندس.

منهنجي لاءِ ٽيون وجود احساس آهي، ۽ عقيدو به آهي. ازل کان ڪائنات جو سمورو ڪاروبار تسلسل سان هلي رهيو آهي ۽ ابد تائين هلندو رهندو. وچ وچ ۾ جيڪي ڪجهه ٿيندو رهيو آهي، سو اوچتو ۽ اچانڪ نه ٿيو آهي، سو سمورو لقاءُ ابدي تسلسل جو حصو آهي. راڪيٽ ۽ ميزائيل لکين سال اڳ ٿاهيل پهرين تير جي توسيع آهن. اڄ جي تحرير هزارين سال اڳ غارن ۾ ٺاهيل شڪلين جو تسلسل آهي.

مون اڄ جيڪا ڪهاڻي لکي آهي، سا اصل ۾ اڳ ٻئي ڪنهن ليکڪ لکي هئي ۽ اڌ ۾ رهجي ويئي هئي، مان به ڪهاڻيءَ کي مڪمل

ڪري نہ سگھيو آھيان. ڪھاڻي اڌ ۾ رھجي ويئي آھي. مون ڪان پوءِ گھڻو پوءِ ٻيو ڪو ليکڪ مون کان اڌ ۾ رھجي ويل ڪھاڻي ھٿ ۾ کڻندو. مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، پر مڪمل ڪري نہ سگھندو. ھڪ ئي ڪھاڻيءَ کي ورائي ورائي لکڻ، ۽ تڪميل جي مرحلن تائين پهچائڻ وارا اسين ليکڪ ھڪ ٻئي لاءِ ٽيون وجود آھيون. اسين گذري ويل وقت ۾ ليئو پائي ھڪٻئي کي ڏسي وٺندا آھيون. اسين حال ۾ ھڪ ٻئي جي موجودگي محسوس ڪري سگھندا آھيون. اسين مستقبل ۾ پنھنجي ٽئين وجود لاءِ نامڪمل ڪھاڻيون تڪميل لاءِ ڇڏي ويندا آھيون.

محسوس ڪري رھيو آھيان تہ ٽيون وجود فقط احساس يا عقيدو نہ آھي. ٽيون وجود ذھني ڪيفيت جو نالو بہ آھي. مان جنھن گھر ۾ رھندو آھيان، سو منھنجو گھر نہ آھي. مان اتي اجنبي آھيان. اوپرو آھيان. مان پيئنگ گيسٽ آھيان. مان ڪمائي آڻيندو آھيان، ھو مون کي سمھڻ لاءِ کٽ ۽ کائڻ لاءِ ٽي ويلا ماني ڏيندا آھن. ھيءُ منھنجو گھر ناھي. مونکي خبر ناھي تہ منھنجو گھر ڪٿي آھي. شايد، منھنجو ڪو بہ گھر ڪونھي.

مون جنھن در تي دستڪ ڏني، سو در اڄ تائين نہ کليو آھي.

مون جيڪي چوڻ چاھيو، سو اڄ تائين نہ چيو آھي.

مون جڏھن ڊيفالٽ ۾ ٽيليفون نمبر ملايو، مون کي ھڪ ئي جواب مليو آھي، ”تون جنھن سان ڳالھائڻ چاھين ٿو، تنھن ڳالھائڻ ڇڏي ڏنو آھي.“

امر جليل

15 آگسٽ، 1998ع
اسلام آباد.

# دل جي ڳالهه

دل اڄ ضد ٻڌي ويٺي آهي تہ تنهنجي وجود جي تشريح ڪريان. تفهيم ڪريان. ناممڪن کي امڪان جي حد اندر ڏسان، ۽ امڪان کي ناممڪن ۾ لوڙهي ڇڏيان! مون موت ۾ زندگي، ۽ زندگيءَ ۾ موت ڏٺو آهي.

دل منهنجي دوست، دل منهنجي دشمن آهي. مونکي احساس آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن دل دوکي جي ديوار پٺيان گم ٿي ويندي. خاموشين جي لامحدود پولار ۾ مون کي هيڪلو ڇڏي هلي ويندي. يادن جي گنبذ مان ڪا صدا نہ ايندي. اٿپوري ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي پهچڻ کان اڳ سانت جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويندي. هڻڻ تي نہ هڻڻ

جو ۽ نہ هئڻ تي هئڻ جو گمان زندگيءَ جي جهنگ مان گذرندي پختو ٿي ويو آهي.

ٿئين وجود کي ست رنگ هجن ها تہ جيڪر ڪينواس تي ڪا تصوير ٺاهي ڇڏيان ها. ٿئين وجود کي سنگيت جا ست سر هجن ها تہ مان جيڪر جوڳ جي پيرويءَ ۾ بندش ڪريان ها. پر ائين نہ آهي، ائين ٿي نہ سگهيو آهي. خوشبوءَ کي بوتل ۾ بند ڪري، اوپيم ۽ پوائزن جو نالو ڏيئي وڪڻڻ سولو آهي، پر احساس جي توضيح مشڪل آهي.

ٽيون وجود پهرين ۽ ٻئين وجود جي توسيع ۽ تڪميل آهي. مان سمجهان ٿو تڪميل مناسب لفظ نہ آهي. ازل کان، جڏهن کان انسان ۽ ڪائنات جي وجود جون شاهديون تاريخ کي مليون آهن، ڪا بہ تخليق ڪو بہ علم، ڪا بہ ساڃاهہ، ڪا بہ سمجهہ، ڪا بہ آگاهي تڪميل تائين پهچي نہ سگهي آهي، سڀ ڪجهہ اڻپورو آهي. اڌ ۾ رهجي ويو آهي، سيني کان وڏيڪ اڻپورو، نامڪمل ۽ اڌ ۾ رهجي ويل انسان آهي. سندس سمجهہ ۽ ساڃاهہ علم ۽ آگاهي ناقص آهي. مذهب، زبان، رنگ، نسل ۽ قوميت جي نالي پٽيان سندس وجود ۾ ڪوري وانگر ڪامندڙ هڪٻئي لاءِ نفرت ۽ حقارت کيس تڪميل تائين پهچڻ نہ ڏنو آهي. هر انسان پنهنجي وجود ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نظريي جو ٻرندڙ جبل لڪائي جي رهيو آهي. تاريخ جي هر دور ۾ جيتري قدر ۽ جيڏي تعداد ۾ انسان، انسان کي مذهب ۽ قوميت جي نالي ۾ ڪٺو آهي، ايڏي تعداد ۾ نہ قدرتي آفتن نہ وبائن ۽ نہ بلائن انسان کي ماريو آهي. انسان ڀرپور نموني ۽ ڏاڍي سختيءَ ۽ شدت سان پنهنجي اشرف المخلوقات هئڻ جي نفي ڪئي آهي. ان ڪم ۾ هن ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. هن پنهنجو لقب، پنهنجو پرائيڊ آف پرفارمنس موليٰ ڪي موٽائي موڪليو آهي.

تنهنڪري، مان فقط ايترو چوندس تہ ٽيون وجود پهرين ۽ ٻئين وجود جي توسيع آهي. اسان جو پهريون ۽ ٻيون وجود پاڻ ۾ وڙهندي، لڙندي، ڪرندي، اُٿندي، ڪٽندي ۽ هارائيندي جڏهن بيوسي وچان ٽڪجي پوندا آهن، تڏهن ٽئين وجود لاءِ دل ۾ ساڃاهہ ۽ آگاهيءَ جي جوت جلي پوندي آهي. اسان جو پهريون ۽ ٻيو وجود ٽئين وجود جي موجودگيءَ ۾ عدم موجودگيءَ جو سبب ٿي پوندا آهن.

ٽئين وجود کي تصوف ۽ عقيدي وانگر فقط محسوس ڪري سگهبو آهي. سمجهائي نہ سگهبو آهي. ڪنهن وضاحت جي، يا سمجهائڻ جي ڪوشش ڪبي تہ سمجهاڻي مبهم، بي معنيٰ، بي مطلب ۽ بي مقصد ٿي پوندي. احساس جي سمجهاڻي کي مان احساس جي نفي سمجهندو آهيان.

ٽئين وجود کي مون پاڻ کان اڳ، ۽ پاڻ کان پوءِ محسوس ڪيو آهي. مونکي پنهنجي شبيهہ، پنهنجي شڪل، پنهنجون عادتون، پنهنجا رويا، پنهنجا خيال گهڻو اڳ آيل ڪنهن ٻئي شخص ۾ محسوس ٿيا آهن. تاريخ جي هر دور ۾ مون، پنهنجي ٽئين وجود کي محسوس ڪيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيو آهي جو مون پنهنجي ٽئين وجود جا پاڇا ۽ اولڙا هڪ کان وڌيڪ زاوين ۾ ڏٺا آهن. اهڙي صورتحال ۾ مان منجهندو نہ آهيان. مان فقط حيران ٿيندو آهيان. مان سمجهان ٿو جنهن کي نرواڻ نصيب نہ ٿيندو آهي، تنهن کي ٽئين وجود جي ساڃاهہ سڌا طور سوچن ۾ ملندي آهي. ڪهاڻي ٽيون وجود ۾ چاچو ۽ ڀائٽيو هڪٻئي جو ٽيون وجود آهين، هڪٻئي جي توسيع آهين.

مان ڪنهن جي توسيع آهيان؟ ڪير منهنجي توسيع آهي؟ هڪ سوال صدين کان، هر جنم ۾ منهنجو تعاقب ڪندو رهيو آهي، مان ڪير آهيان؟ مان ڪير آهيان؟

شاهہ ۽ سچل کي پڙهندي جڏهن سهڻي ۽ ميهار جو ذڪر آيو هو، تڏهن مون پنهنجي روح ۾ سيسڙاٽ محسوس ڪيو هو. مون محسوس ڪيو هو تہ مان ميهار آهيان. مان ميهار جي، يا ميهار منهنجي توسيع آهي. مان درياهہ جي ٻئي پر وچوڙي جو دونهون دکائي ويٺو آهيان. مان هڪ ممنوع محبت جو مرتڪب آهيان. نادانستہ مون هڪ اهڙي عورت سان محبت ڪئي آهي. جيڪا سهڻيءَ وانگر ٻئي ڪنهن شخص سان پرڻيل آهي. ميهار منهنجون ٽيون وجود هو. سندس ممنوع محبت کي ابديت جو درجو بخشڻ لاءِ ڪيس شاهہ ۽ سچل جهڙا درويش مصنف مليا هئا. منهنجو ڪو بہ مصنف ڪونهي. اها عورت ڪير آهي، ڪٿي آهي، مون کي ڪا خبر ڪونهي! مان هڪ ممنوع محبت جي ڏوهہ ۾ سنگسار ٿيڻ لاءِ خونخوار انبوهہ جي وچ ۾ بيٺو آهيان. هنن جي وضو ڪيل هٿن ۾ پٿر آهن.

هڪ مُلان جي فتويٰ کان پوءِ ڪراچيءَ جي هڪ مسجد ٻاهران جنهن ابهم، ٻک کان بيحال پتڪڙي ٻار کي، نيڪ نمازين پٿر هڻي اُڪَ ماري وڌو هو. اهو ٻار منهنجو ٽيون وجود هو. مون حضرت عيسيٰ وانگر ٻنا پيءُ جي پيدا ٿيڻ جي دعويٰ نہ ڪئي هئي. منهنجي ماءُ مريم نہ هئي. تنهنڪري، هن مون کي خدا جي گهر ٻاهران، خدا جي حفاظت ۽ پناهہ ۾ ڏنو هو ۽ خدا جي نيڪ ٻندن مون کي سنگسار ڪري ڇڏيو هو.

مون کي پنهنجو ٽيون وجود ڪرشن چندر جي ناول غدار ۾ بيجناٿ جي ڪتي ۾ نظر آيو هو. رام ۽ رحيم جي نالي ۾ ڀڙڪايل فسادن جي باهہ مان ڀڄندي، بيجناٿ ڪڏ ايندڙ پنهنجي ڪتي کي چيو هو: ”اڙي چريا، توکي ڪنهن کان، ۽ ڇا جو ڊپ آهي، تون نہ هندو آهين، نہ مسلمان آهين، پوءِ ماڻهن وانگر ڇو ٿو منهنجي ڪڏ ڀڄندو ۽ لڪندو وتين!“

درويشن جي دعوي ۾ وڏي معنيٰ ۽ مفهوم هوندو آهي. هو مون جهڙن جيتامڙن کي اظهار لاءِ زبان ڏيندا آهن. مون کي ڪا خبر ڪونهي تہ سچل سائينءَ ڪنهن ڪنهن جي لاءِ چيو هو: ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، آئون جوئي آهيان، سوئي آهيان.

مون کي محسوس ٿيندو آهي، سچل سائينءَ منهنجي ٿئين وجود کي پنهنجي پناهہ ۾ ورتو آهي:

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
آئون جوئي آهيان، سوئي آهيان.

امر جليل
8 نومبر 1993ع

شعبو: ايجوڪيشن ٽيڪنالاجي
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي
اسلام آباد.

# پنجين موسم

مان تمام تيزيءَ سان ڊوڙندو پئي ويس، اوچتو ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌي بيهي رهيس.

ان وقت مان مارگله ٽڪرين جي هنج ۾ گهاٽي جهنگ مان ڊوڙندو پئي ويس. مان ان ڪري پئي ڊوڙيس جو موت منهنجو پيڇو ڪري رهيو هو. ڊاڪٽرن چيو هو جيستائين ڊوڙندو رهندين، جيئرو رهندين. ڊوڙندين نه، ته وقت کان اڳ مري ويندين. مان وقت کان اڳ مرڻ نٿو چاهيان. مان مرڻ کان اڳ ڪليل اکين سان جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جو خواهشمند آهيان. اصل ۾ هڪ خواب خاطر مان گهاٽي، اونداهي جهنگ ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان. اسلام آباد گڙنگ ڪامورن ، سرمائيدارن، ۽ اڇن ڪارن سفارتڪارن جو شهر آهي. ان

قسم جا ماڻهو گهڻو ڪري دل جي بيمارين، مٽن پيشابن ۽ ٽولهه جي مرض ۾ مبتلا هوندا آهن، هو به موت جي ڊپ کان ڊوڙندا رهندا آهن. سندن ڊوڙڻ لاءِ خاص رستا ۽ جهنگ مان گذرندڙ پيچرا ٺاهيا ويا آهن. شام ٿيندي ئي سنهڙين ٽٽنگن ۽ پخال جهڙن پيٽن وارا گنجا انهن پيچرن تي ڊوڙندي ۽ سهڪندي نظر ايندا آهن. مان نه ڪامورو آهيان، نه سرمائيدار آهيان، ۽ نه ئي سفارتڪار آهيان. مان تنهن هوندي به ڊوڙندو رهندو آهيان. مان سمهي نه سگهندو آهيان. جاڳندو رهندو آهيان. مان ڪليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا ۾ جاڳندو رهندو آهيان. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته مون جهڙا سودائي وقت کان اڳ مري ويندا آهن. مان وقت کان اڳ مرڻ نٿو چاهيان. وقت کان اڳ مرڻ وارا هميشه نه مرندا آهن، هو عارضي طرح مري ويندا آهن. کليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جي آرزوءَ ۾ هو ٻيهر جنم وٺندا آهن. مان ٻيهر جنم وٺڻ جي حق ۾ نه آهيان، خواب منهنجو نرواڻ آهي. مان هن جنم ۾ ئي ڪليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جو خواهشمند آهيان. هڪ خواب خاطر مان ڪامورن جي اميرپرور شهر اسلام آباد ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان.

هي گذريل هفتي جي ڳالهه آهي. مارگلہ ٽڪرين جي هنج ۾ گهاٽي جهنگ مان گذرندڙ پيچرن تان مان ڊوڙندو پئي ويس. وچ جهنگ ۾ جتي ٻڙن جا قديم وڻ آهن، ۽ ٻڙن جي سڪل ٽارين تي سج لٿي مهل چپرا اچي ويهندا آهن. مون ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌو. ڊوڙندي ڊوڙندي مان بيهي رهيس. ۽ روئڻ جو آواز ٻڌڻ لڳس. ڪو هنجون هاري روئي رهيو هو. سڏڪي رهيو هو. مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو پر روئڻ وارو شخص مون کي نظر نه آيو. مون دل ۾ الله سائين جا لک ٿورا مڃيا ته روئڻ جو آواز ڪنهن مرد جو هو. عورت جو نه هو. عورت جو آواز هجي ها ته پوءِ مان جيڪر هڪ ڪن لاءِ اتي نه ترسان

ها، ۽ ڪيس ڏائڻ سمجهي پڄي وڃان ها. مان ڏائڻن ڪان ڏاڍو ڊڄندو آهيان. اسلام آباد ۾ آدم خورن ڪان سواءِ ڏائڻيون بہ چڱي چوکي تعداد ۾ آباد آهن. جڏهن بہ مان ڪنهن ڏائڻ ڪي بيوٽي پارلر ۾ داخل ٿيندي، يا بيوٽي پارلر مان نهي نڪي ٻاهر ايندو ڏسندو آهيان، تڏهن منهنجو ساهہ وچي پيرن ۾ پوندو آهي ۽ پير وچي ساهہ ۾ پوندا آهن. مون جهنگ ۾ اڪثر چهرن ڪي موت جي ڊپ کان ڊوڙڻ وارن جي حال تي کلندي ڏٺو آهي. جهنگ ۾ روئڻ جو آواز ٻڌي سوچيم، ضرور ڪو دانشور چهرو آهي، ۽ ماڻهن جي حال تي کلڻ بدران روئي رهيو آهي، ۽ اهڙي طرح چهرن جي تاريخ ۾ نئين باب جو اضافو ڪري رهيو آهي.

مون ڪنڌ مٿي ڪري بڙ جي ٽارين تي ويٺل چهرن ڏانهن ڏٺو. چهرا هميشہ وانگر کلي رهيا هئا. ڪو بہ چهرو مون کي روئيندي نظر نہ آيو.

مون وڏي واڪ چيو "ابا روئڻا، تون ڪٿي آهين؟" مون کي نظر چو نہ ٿو اچين؟"

سڏڪن هاڻو آواز آيو "افسوس، اي رحمدل انسان تون مون کي ڏسي نہ سگهندين."

"چو ڏسي نہ سگهندس؟" پڇيم، "تون جن، يا ٻيءِ غيبات آهين چا؟"

"نہ، مان جن وغيره نہ آهيان." هن روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو "تون جنهن وڻ جي ٽڙ وٽ بيٺو آهين، مان ان ٽڙ جي ٻئي پاسي ويٺو آهيان."

هڪڙي چهري زور سان ٽهڪ ڏنو.

مون روئڻي کي چيو، "تنهنجو ڏک سور معلوم ڪرڻ ۽ توکي ڏسڻ لاءِ مان ٽڙ جي پاسي اچي رهيو آهيان. تنهنجي روئڻ مونکي بہ روئڻهارڪو ڪري وڌو آهي."

مان ڦيرو کائي ٿُڙ جي ٻئي پاسي کان وچي ٻيٺس. مون کي تعجب ٿيو ٿڙ جي ٻئي پاسي ڪو ٻه نه هو. روئڻ جو آواز بدستور اچي رهيو هو. مون کي ڪجهه ڪاوڙ لڳي، چيم "اجايو چرچا نه ڪر. تون ته هتي ٻه موجود نه آهين."

جواب آيو "هينئر مان ٿڙ جي ٻئي پاسي وچي وينو آهيان. مان جهڙي حال ۾ آهيان، تنهنجي سامهون نه ايندس. مان نه ٿو چاهيان ته تون مون کي ڏسين."

"توکي ڇو نه ڏسان!" کائنس پڇيم، "يار، تون اگهاڙو ته ناهين.!"

"نه" هن روئيندي چيو "مونکي ڏسي تون ڊڄي ويندين."

" ڇو ڊڄي ويندس." کائنس پڇيم، "ٻن ٻدران چار ٽنگون اڀئي چاڙ"

هٻڪندي هٻڪندي چيائين، "ها."

پڇيومانس، "تون ڪٿي ڪو جانور، يا جانورن جو مائٽ مٽ ته نه آهين؟"

هن روئيندي چيو "مان هڪ خونخوار جانور آهيان."

"ته پوءِ مڙيو ئي خير آهي." چيم، "ٽيليويزن تي روزانو قسمين قسمين جانور ڏسڻ کان پوءِ اسان جانورن کان ڊڄڻ ڇڏي ڏنو آهي. توکي ڏسڻ لاءِ مان ٿڙ جي ٻئي پاسي اچي رهيو آهيان. خدا جي واسطي مونکي گوهي نه ڏجانءِ."

مان هڪدم ڦيرو کائي ٿُڙَ جي ٻئي پاسي کان وچي ٻيٺس. ڏٺم ته، هڪ شينهن ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي وينو هو ۽ هنجون هاري روئي رهيو هو. مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن شينهن کي روئيندي ڏٺو هو. مونکي پنهنجين اکين تي اعتبار نه آيو. هونءَ به مون پنهنجين اکين تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. هڪ دفعي اسلام آباد ۾ مون هڪ ٻي انتها سهڻي ڇوڪري گهمندي ڦرندي ڏٺي هئي. هوءَ هميشه پنهنجين

ڇھن پينرن سان سير سپاٽا ڪندي ھئي، ۽ ھونڊا سوڪ ڪار ۾ گھمندي رھندي ھئي. ھوءَ ڇھن ئي پينرن ڪان تمام ننڍي لڳندي ھئي. مان مٿس آڪن ڇڪن ٿي پيس. سوچيم، ڪجھ بہ ٿي پوي، نہ مڙندس، ساڻس شادي ضرور ڪندس! پوءِ جڏھن پڇا ڳاڇا ڪرايم، تڏھن خبر پئي تہ ھوءَ ڇھن ڇوڪرين جي ننڍي ڀيڻ نہ ھئي. ھوءَ ڇھن ڇوڪرين جي وڏي ڀيڻ بہ نہ ھئي، ھوءَ ڇوڪرين جي ماءُ بہ نہ ھئي. ڇوڪرين جي ماءُ مري ويئي ھئي. ھوءَ ڇھن ئي ڇوڪرين جي ناني ھئي. پر پريان ڇھن ئي ڇوڪرين جي ننڍي ڀيڻ لڳندي ھئي. مان سمجھان ٿو ان ۾ سمورو ڏوھ ويچارين اکين جو بہ نہ آھي. جڏھن پنجين موسم ماحول تي ڇانئجي ويندي آھي، تڏھن اسين جيڪي ڪجھ ڏسندا آھيون، سو اصل ۾ اھو نہ ھوندو آھي، جيڪي اسان کي نظر ايندو آھي؛ ۽ اصل ۾ جيڪي ڪجھ ھوندو آھي، سو اسان کي نظر نہ ايندو آھي.

مون کي شينھن جي ھئڻ تي شڪ ٿيڻ لڳو. سوچيم: ھيءُ ضرور ڪو ٻڪر آھي. ٻڪر جو پٽ آھي، يا ٻڪر جو پيءُ آھي، ۽ شينھن جي کل پائي ڪاسائين کان بچڻ جي اٽڪل ڪري رھيو آھي. مان سوچ ۾ گم سم ھيس، جو شينھن چيو "توکي چيو ھوم نہ، تہ مون کي ڏسي ڊڄي ويندين!"

"اھڙي ڳالھ ڪونھي." چيم، "اصل ۾ مان تنھنجي باري ۾ سوچي رھيو ھوس."

پڇيائين، "منھنجي باري ۾ ڇا پئي سوچيئہ؟

چيم، "سوچيم پئي تہ، بظاھر تہ تون ڏسڻ ۾ ھوبھو شينھن جھڙو آھين، پر اصل ۾ ڪير آھين؟"

گجگوڙ ڪندي چيائين، "مطلب جي ڳالھ ڪر."

چيم، "سمجھان پيو تہ تون سچ پچ شينھن آھين، يا شينھن جي

کل ۾ ٻڪر آهين، ٻڪر جو پيءُ آهين، يا گدڙ آهين!“

”اجائي يخي نہ هڻ.“ شينهن ناراض ٿيندي چيو ”مان اصلي ۽ خالص شينهن آهيان، منهنجي ڳالهہ ڪري ٻڌ“

”معاف ڪجانءِ يار اصلي شينهن.“ چيم، ”ڏوهہ منهنجو بہ ڪونهي! اصلي شينهن کي مون هميشہ پڃرن ۾ بند ڏٺو آ هي. تون ڦريون شينهن آهين، جنهن کي مون آزاد گهمندي، بلڪ روئيندي ڏٺو آهي.“

”مون کي خبر آهي، مون کي خبر آهي.“ شينهن گجگوڙ سان روئڻ لڳو. چهرا ٻڙ جي تارين مان اڏامي ويا.

چيم، ”تنهنجي روج راڙي مان ڪجهہ هڙ حاصل نہ ٿيندو. تون جيڪڏهن سچو پچو شينهن آهين، تہ پوءِ هڪ نہ هڪ ڏينهن پڃرن ۾ بند ڪيو ويندين. تون وڌيڪ عرصي تائين آزاد گهمي ڦري، بلڪ روئي بہ نہ سگهندين.“

”مان پڃرن کان نہ ٿو ڊڄان.“ شينهن پنهنجي چنبي سان نڪ اگهندي چيو ”بس، مان سرڪس وارن کان، بلڪ سرڪس وارن جي رِنگ ماسٽر کان ڊنل آهيان.“

چيم، ”ڏاڍي عجيب ڳالهہ ڪئي اٿئي!“

شينهن گجگوڙ واري نوع ۾ روئيندي چيو ”مان رنگ ماسٽرن جي اشارن تي ڪرتب ڏيکاري نہ سگهندس، مان خودڪشي ڪندس.“

ان کان اڳ جو مان شينهن کي دلداري ڏيان: شينهن چيو: ”تون جيڪڏهن چاهين تہ منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو.“

”ڪهڙي قسم جي مدد؟“ مون ڪانئس پڇيو شينهن چيو ”مون کي خدا جي واسطي هڪ ٻڪر، يا ڪنهن گدڙ جي کل آڻي ڏي.“

”ڇا جي لاءِ؟“ مون تعجب وچان چيو.

وراڻيائين، ”توهان ماڻهن جي معاشري ۾ گدڙن ۽ ٻڪرن جو قدر

ڪيو ويندو آهي. شينهن جو نہ. مون کي خدا جي واسطي ٻڪر يا گدڙ جي ڪل آڻي ڏي، مان گدڙ يا ٻڪر تي جيئرو رهندس ۽ قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندس.“

شينهن جي قومي جذبي کان مان ڏاڍو متاثر ٿيس. چيم، ”تنهنجي قومي جذبي کان مان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان. تون دنيا جو واحد شينهن آهين، جنهن ٻڪر يا گدڙ تي قوم جي خدمت ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي. مان توکي سلام ٿو ڪريان، ۽ واعدو ٿو ڪريان تہ سڀاڻي شام تائين توکي ٻڪر يا گدڙ جي ڪل آڻي ڏيندس تہ جيئن تون قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهين.“

شينهن ڇڪي مون کي ڇاتيءَ سان لاتو ڇيائين، ”مان تنهنجو انتظار ڪندس، پرديسي بابو.“

چيم، ”اهو ڊائلاگ تنهنجي واتان بنهہ نہ ٿو نهي. اهو ڊائلاگ ڪنهن دردناڪ فلم ۾ پهاڙي حسينہ جي واتان نهندو آهي.“

ان کان پوءِ اسان ٻنهي هڪ ٻئي کان خدا حافظ چئي موڪلايو.

مان وري جهنگ ۾ ڊوڙڻ لڳس. ڊوڙندي ڊوڙندي مان شينهن لاءِ ڪنهن ٻڪر يا گدڙ جي ڪل هٿ ڪرڻ لاءِ ترڪيبون سوچيندو رهيس. اوچتو مون کي ياد آيو تہ ڪيترائي ڪاسائي منهنجي مامي جا جگري دوست آهن. ڪانئن هڪ ٻڪر جي ڪل هٿ ڪري سڀاڻي شام تائين شينهن کي پهچائيندس. مون سوچيو ان نيڪ ڪم ۾ مون کي دير نہ وجهڻ گهرجي. پنجين موسم ۾ شينهن گهڻي وقت تائين آزاد گهمي نہ سگهندا آهن. پنجين موسم ۾ شينهن پڃرن ۾ بند ٿي ويندا آهن: يا سرڪس وارن جي هٿ لڳي ويندا آهن. پوءِ رنگ ماسٽر جي اشارن تي ڪرتب ڏيکاريندا آهن. مون کي شينهن جي حال تي رحم آيو.

پنهنجي گهر بدران مان ڊوڙندو سڌو پنهنجي مامي جي گهر

ويس. منهنجو مامو تن تنگن واري ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ آواز بند ڪري ٽيليويزن تان خبرون، يا خبرون ٻڌائڻ واريءَ کي ڏسي رهيو هو.

مون کي ڏسندي مامي پڇيو "اڄ وري ڪهڙي ماليخوليائي خبر کڻي آيو آهين."

"اڄ مون هڪ شينهن کي روئيندي ڏٺو آهي." ان کان پوءِ مون مامي کي شينهن سان پنهنجيءَ ملاقات ۽ سموري گفتگوءَ جو سربستو احوال ڏنو!"

"اجائي بڪ ٿو ڪرين." مامي سخت ڪاوڙ وچان چيو "جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا توکي پاڳل ڪري ڇڏيو آهي."

"مان پاڳل نہ آهيان، ماما." مون آهستي چيو "جڏهن پنجين موسم ايندي آهي، تڏهن ماڻهو مون وانگر محسوس ڪرڻ لڳندا آهن."

"اڙي ڪهڙي پنجين موسم!" مامي ڪاوڙ وچان ڪنبندي چيو "تون چريو ٿي پيو آهين، تون صفا چريو ٿي پيو آهين، مان توکي گدو بندر موڪلي ڇڏيندس."

"جيڏانهن وڻيو مون کي موڪلي ڇڏيو." چيم، "پر ڪيڏانهن موڪلڻ کان اڳ هڪ ٻڪر جي ڪل جو انتظام ڪري ڇڏجو. هڪ مظلوم شينهن سان مون کي واعدو نڀائڻو آهي."

مامي ساڙ کائيندي چيو "اڙي تنهنجي لاءِ نہ ڪريان هڪ ڪوتي جي ڪل جو انتظام!"

"في الحال هڪ شينهن جي عزت جو سوال آهي." چيم، "ڪيترائي ڪاسائي اوهان جا دوست آهن. روزانہ اوهان سان ڪچهري ڪرڻ ايندا آهن. اوهين کين چوندا تہ هو سولائيءَ سان هڪ ٻڪر جي ڪل جو بندوبست ڪري ڏيندا."

"اڙي هو سيئي ڊاڪٽر آهن." مامي ميز تي مڪ هڻندي چيو "هو

ڪاسائي نہ آهن.“
”هو سيئي ڪاسائي آهن.“ چيم، ”الائي ڇو سڀئي ڪاسائي اوهان کي ڊاڪٽر نظر ايندا آهن!“
”بدبخت، مان توکي قتل ڪري ڇڏيندس.“ مامي ڪاوڙ وچان چيو. ”منهنجن سمورن دوست ڊاڪٽرن چيو هو تہ تنهنجو پاٽيجو چريو ٿي پيو آهي، ڪيس چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏ.“
”اوهان جا ڪاسائي دوست جنهن جاءِ کي چرين جي اسپتال سڏين ٿا، سا جاءِ اصل ۾ چرين جي اسپتال نہ آهي.“ ماما کي ٻڌايم، ”ان هنڌ اوهان جا ڪاسائي دوست ڳئون، مينهون ۽ ٻڪر ذبح ڪندا آهن. اوهان سولائيءَ سان هڪ ٻڪر جي ڪل مون کي ڏياري سگهو ٿا. هڪ مظلوم شينهن اوهان کي بہ پنهنجي دعائن ۾ شامل ڪندو.“
ماما فون ڏانهن ويندي چيو ”مان اجهو ٿو تنهنجي لاءِ ٻڪر جي ڪل جو بندوبست ڪريان، تون فڪر ئي نہ ڪر.“
ماما بہ چار دفعا فون جا مختلف نمبر ڦيرايا. هن رسيور ۾ وات وجهي تمام آهستي ڳالهايو مان سندس گفتگو ٻڌي نہ سگهيس.
ٿوري دير کان پوءِ ماما جا ڪاسائي دوست، جن کي هو ڊاڪٽر سڏيندو هو پهچي ويا. ڪين ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيس، زور زور سان تاڙيون وڄايم ۽ پوءِ ڪيتري دير تائين وڄائيندو رهيس. هو مون کي ڪمال شفقت ۽ پيار سان هڪ اهڙي ڪمري ۾ وٺي ويا، جتي بي انتها روشني هئڻ جي باوجود اوندهہ هئي. گهگهہ اوندهہ هئي، ڪپڙا لاهي هنن مون کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ، اک ڇنڀ ۾ هنن منهنجي جسم تان منهنجي ڪل لاهي ڇڏي، سڀ ڪجهہ بي انتها هيبتناڪ هو.
ان کان اڳ جو مان تڪليف وچان سور اسرافيل سان ابدي اوندهہ کي روشنين ۾ بدلي ڇڏيان، هنن منهنجي جسم تي ٻڪر جي

ڪل چاڙهي ڇڏي.

مان اڪثر وساري ويهندو آهيان، تہ ڀڪر خواب نہ ڏسندا آهن. جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا ۾ گهاٽن جهنگن ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان. اهڙا گهاٽا جهنگ، جتي قديم ٻڙ ۽ پپر جا وڻ آهن، ۽ جن جي ٽارين تي چهرا وينل هوندا آهن. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ موت منهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي. مون کي ڊوڙڻ گهرجي، مان ڊوڙندو آهيان. تسلسل جي ٽٽل پيچرن تي مان ڊوڙندو رهندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن جهنگ ۾ هيڪلي روئيندڙ شينهن کي ياد ڪندو آهيان. جنهن ڀڪر جي ڪل پائي زندهہ رهڻ جي تمنا ڪئي هئي.

***

# پکي

امان مون کي اڌ رات جو ننڊ مان جاڳايو. ڊنل هئي، سڙٻاٽن ۾ چيائين، ”ٻاهر اڱڻ ۾ نم جي ڏار تي پوائٽتو پکي ويٺو آهي.“

پاسو ورائيندي چيم، ”چيرو هوندو. امان ماٺڙي ڪري سمهي پئه.“

چيائين، ”چيرو ناهي.“

”چيرو ناهي، ته پوءِ چيري جو ماٺٿ هوندو.“ پکي ننڊ مان جاڳايو هئائين. اک نه پئي کلي، چيم، ”مونکي سمهڻ ڏي، امان.“

”سمهڻ ڪيئن ڏيانءِ!“ امان مونکي ڌونڌاڙيندي چيو. ”ٻاهر نم جي ڏار تي هڪ پوائٽتو پکي ويٺو آهي.“

انهن ڏينهن ۾ مونکي وڏين سفارشن کان پوءِ زندگي ۾ ٻهريون

دفعو نوڪري ملي هئي، ۽ سا بہ پاپوليشن پلاننگ کاتي ۾ جنهنجو اصلي، يعني جنرل نالو فيملي پلاننگ کاتو آهي. جيئن تہ مان پهريون دفعو آفيسر ٿيو هوس، تنهنڪري مون ”روميو جوليٽ“ پائوڊر جو وڏو ڏبو خريد ڪيو هو. رات جو سمهڻ کان اڳ بدن کي پائوڊر سان ڀيوت ڪري ڇڏيندو هوس، ۽ پوءِ ڪنهن سهڻي من مهڻي ليڊي هيلٿ وزيٽر جي باري ۾ سوچيندي سمهي پوندو هوس.

جنهن رات اسان جي اڱڻ ۾ نم جي ڏار تي هڪ ڀوائتو پکي اچي ويٺو هو ۽ جنهن وقت امان مونکي ننڊ مان جاڳايو هو تنهن وقت مان غزالي نالي هڪ ليڊي هيلٿ وزيٽر جي باري ۾ خواب ڏسي رهيو هوس. خواب ۾ هو: ايگزيڪيٽيو آفيسر سان سير سپاٽا ڪري رهي هئي، ۽ مان الغوزي تي لوڪ ڌن وڄائي رهيو هوس. امان مونکي ننڊ مان جاڳايو. خواب ٽٽي پيو. امان جي اها حرڪت مونکي بي واجبي لڳي. دل ۾ آيو تہ سمجهائي ڇڏيانس، تہ سنڌي آفيسر کي ننڊ مان نہ جاڳائبو آهي. مان نہ فقط تنهنجو پٽ آهيان پر وڏين سفارشن کان پوءِ آفيسر ٿيل بہ آهيان. پر دل جي ڳالهہ زبان تي نہ آندم پاسو ورائي ڇڏيم.

امان منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو ”عجيب انسان آهين، ٻاهر نم جي ڏار تي هڪ خوفناڪ پکي ويٺو آهي ۽ تون پاسو ورائي ننڊ پيو ڪرين؟“

”اوهو تون تہ مونکي اجايو پريشان پئي ڪرين؟“ بيزار ٿيندي چيم، ”اهو پکي چهرو هوندو، چهري جو ويجهو مائٽ چمڙو هوندو يا خليفي هارون رشيد جو چمڙا پوش روح هوندو.“

”نہ، نہ.“ امان وراڻيو ”نہ چهرو آهي ۽ نہ چمڙو ڪو بيحد ڀوائتو پکي آهي.“

”هڪ ٽنگ تي بيٺو آهي ڇا؟“

”نہ!“

”پلا تقرير پيو ڪري ڇا؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ يقين ڪر، نم جي ڏار تي ويٺل پکي ڪنهن بہ صورت ۾ پوائٽو ناهي.“ امڙ کي سمجهائيندي چيم، ”تون مانڙي ڪري سمهہ رهہ.“

امان جي ننڊ اڏامي هئي، هوءَ ڪمري جي دريءَ مان ٻاهر اڳڻ ۾ بيٺل نم جي وڻ ڏانهن نهارڻ لڳو. جنهن جي ڏار تي هڪ پوائٽو پکي ويٺل نظر آيو هو.

مون امان کي چيو ”اڳڻ واري بتي وسائي ڇڏ. اونده ۾ تو کي نہ وڻ نظر ايندو، ۽ نہ ئي ڏار نظر ايندو جنهن تي تو هڪ پوائٽي پکيءَ کي ويٺل ڏٺو آهي.“

”مون پوائٽو پکي ڏسي ورتو آهي.“ امان دريءَ وٽان موٽندي چيو، ”اونده ڪرڻ کان پوءِ بہ مونکي ان پکيءَ جي موجودگيءَ جو خيال ايندو رهندو.“

”تون وهمي آهين.“ مان اُٿي ويهي رهيس، چيومانس، ”پوائٽي پکيءَ کي ڇا ڪريان؟“

امان وڏي اچي منهنجي سامهون ويٺي. مون ڏانهن ڇتائي ڏسڻ لڳي. هن ڪجهہ دير تائين نہ ڳالهايو. مون ڏانهن ڏسندي رهي. سندس گهور مون کي گهائڻ لڳي. مان بيچين ٿيڻ لڳس. منهنجي اندر ۾، شعور ۽ لاشعور جي تهن هيٺان ڪجهہ ميڻ وانگر رجڻ لڳو.

مون پنهنجي بيچيني لڪائڻ لاءِ امان کان پڇيو. ”ٻڌاءِ نہ، مان پوائٽي پکي کي ڇا ڪريان.“

امان جواب نہ ڏنو.

اوچتو هوءَ مون کي اجنبيءَ ۽ اوپري عورت نظر اچڻ لڳي، ٻاهرين

اوندهہ ۾ رات جي خاموشيءَ ۾ هوءَ پراسرار روح وانگر محسوس ٿيڻ لڳي. ڪو اڻڄاتل خوف منهنجي وجود ۾ داخل ٿيڻ لڳو تڏهن مون امان جو آواز ٻڌو.

چيائين، ”پکيءَ کي ماري ڇڏ.“

”پکيءَ کي ماري ڇڏيان!“ مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو. مان اُٿي ويهي رهيس، ۽ اچرج مان امڙ ڏانهن ڏسڻ لڳس.

”ان پکيءَ تاريخ جي هر دور ۾ توکي دوکو ڏنو آهي.“ امان چيو ”هيءُ آخري موقعو اٿئي، وڃ تي ويٺل پکي ماري ڇڏ.“

”امان، ڳالهہ ٻڌ.“ مون ماحول جو طلسم ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ”منهنجو ڏند ڪٿائن ۾ جنن ڀوتن ۾ ڪو اعتبار ڪونهي.“

امان جي منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو. ڀرون ٽڙجي ويس. هوءَ اک ڇنڀڻ بنا مون ڏانهن ڏسندي رهي.

چيائين، ”تاريخ ڏند ڪٿا نہ آهي، منهنجا بيوقوف پٽ. تاريخ ماضيءَ جو عبرت ڪدو ۽ آئيندي جو سونهون آهي.“

”ان پکيءَ جو تاريخ سان ڪهڙو واسطو آهي؟“

”جيڪو تنهنجو ۽ منهنجو آهي.“

”مونکي تنهنجي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي، مان سمهان ٿو.“

”جڏهن بہ اهو پکي نظر آيو آهي، تڏهن تو ننڊ ڪئي آهي.“ امان چيو. ”هيءُ فيصلو ڪندڙ آخري دور پيو هلي، توکي پکيءَ کي مارڻو پوندو، يا پکي توکي ماري ڇڏيندو.“

امان جي ڳالهہ ٻڌي مون کي حيرت ٿي. امان جي عمر اسي سال هئي. دل ۾ سوچيم، چوندا آهن اسي مت کسي، امان کي شايد خفخان ٿي پيو آهي، تنهن ڪري وڦلي پئي.

”توکي ان پکيءَ کي مارڻو پوندو.“ امان المارڙيءَ ڏانهن وڌي ويئي.

الماڙيءَ جا طاق کولي ٻُنالي بندوق ڪڍي آئي. بندوق ۾ ٻه ڪارتوس پيري، مون کي ڏيندي چيائين، ”وڃ، پکيءَ کي وڃي ماري ڇڏ.“

مون بندوق وٺي امان ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيومانس، ”پکي کي مارڻ سان منهنجي نوڪري خطري ۾ ته نه پوندي؟ وڏين سفارشن کان پوءِ ته نوڪري ملي آهي!“

امان اٿلي پئي. ڪنبندڙ هٿن سان بندوق کان ڪسي ورتائين. ڪجهه ڪاوڙ ۽ ڪجهه ملامت واري لهجي ۾ چيائين، ”تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ تون ايترو ڇسو، واٽڙو ۽ بيوقوف نه هئين. جهڙو هن دور ۾ آهين. آهين ته منهنجو ئي پٽ، پر مون کي تنهنجي غيرت تي شڪ ٿيڻ لڳو آهي.“

منهنجي ننڊ ڦٽي ويئي، مان تِوائي ٿي امان ڏانهن ڏسندو رهيس.

امان اڱڻ ڏانهن ويندي چيو، ”پوائٽتي پکيءَ کي مان ٿي ماريان. اڄ ڪانپوءِ تون ٻانهيون پائي ڇڏجانءِ.“

امان ڪمري مان نڪري ويئي، ۽ وڃي وچ اڱڻ ۾ بيٺي.

مان ڊوڙندو سندس پويان وڃي بيٺس. امان وچ اڱڻ ۾ بيٺي هئي. بندوق جو قنداق ڪلهي سان لڳائي نم جي ڏار جي چشت ورتي هئائين. جنهن تي ڪو خوفناڪ ۽ پوائٽو پکي ڏنو هئائين.

مون پکيءَ ڏانهن چتائي ڏٺو. منهنجي حيرت جا ڪا حد نه رهي. امان جنهن پکيءَ کي پوائٽو پانيو هو سو پکي ڳيرو هو.

مون بندوق جي ناليءَ ۾ هٿ وجهندي امان کي چيو، ”نم جي ڏار تي ويٺل پکي ڳيرو آهي. ڳيرو امن جو پکي آهي، امن جي علامت آهي.“

”اهو پکي اسان لاءِ سڀ کان پوائٽو پکي آهي.“ امان بندوق ڇڏائيندي چيو، ”اهو پکي اسان جي وجود جو ويري آهي، مان ڪيس ضرور ماريندس.“

ان ڪان اڳ جو امان گھوڙي تي زور ڏيئي ڪارتوس چوڙي چڏي، مون هٿ وڌائي اگهڙ جي بتي وسائي ڇڏي. هڪدم، گهگهه اونده ڇائنجي ويئي.

"اهو ڇا ڪيئه، بيوقوف!" امان رڙ ڪئي.

اونده ۽ خاموشيءَ ۾ مون پکيءَ جي پرواز جو پڙڪو ٻڌو. پکي اڏامي ويو.

مون بتي ٻاري ڇڏي، امان ڏک، ڪاوڙ ۽ ارمان وچان چيو. "اهو ڇا ڪيئه، اهو ڇا ڪيئه!"

مون کيس سمجهائيندي چيو "هيءُ ڏاڍو حساس علائقو آهي. بندوق جو آواز ٻڌي جڳ جاڳي پوي ها، ۽ پوءِ منهنجي نوڪري خطري ۾ پئجي وڃي ها، وڏين سفارشن ڪان پوءِ تہ مان آفيسر ٿيو آهيان."

امان بندوق مان ڪارتوس ڪڍي اڇلائي ڇڏيان خالي بندوق مون کي ڏيندي چيائين، "مان توکي پاراتون تي ڏيان پٽ، پر مان محسوس ٿي ڪريان ٿي تہ ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ تون لولو لنگڙو ٿي پوندين: تڏهن هيءَ بندوق لٺ بدران استعمال ڪجانءِ"

مون نمُ جي ڏار ڏانهن ڏٺو مون کي خوشي ٿي تہ پکي صحيح سلامت اڏامي ويو هو.

***

# قربان علي ڪنگلي جو روح

قربان علي ڪنگلو ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي، سعيد منزل جي پرسان، فٽ پاٿ تي مري ويو. سندس روح هڏڙين جي قفس مان نڪرڻ ڪان پوءِ جنت دوزخ جي داروغن واري سيٽلمينٽ آفيس ڏانهن روانو نہ ٿيو. اها آفيس ستين آسمان جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڳجهي نموني موجود هئي، ۽ قربان علي ڪنگلي جي روح وٽ ان آفيس جي نہ مڪمل ايڊريس هئي، ۽ نہ ئي پوسٽ باڪس نمبر.

قربان علي ڪنگلي جي روح ڪي ڊپ هو تہ پاڻمرادو ستين آسمان ڏانهن ويندي، متان تارن جي جهرمر، يا هترادو گرهن ۽ راڪيٽن جي زوڪاٽن ۾ منجهي مري، تنهنڪري، هو قربان علي ڪنگلي جي جسم مان نڪرڻ شرط، ڇال ماري فٽ پاٿ تي بيٺل پپر

جي وڻ تي چڙهي ويو ۽ هڪ ٽاريءَ تي ويهي، حضرت عزرائيل جي ايجنٽن جو انتظار ڪرڻ لڳو. (هتي، اصطلاح عزرائيل جي ”ايجنٽ“ مان مراد ”پوليس وارا.“ سمجهڻ جي غلطي ڪرڻ نه گهرجي.)

حضرت عزرائيل جا ايجنٽ قربان علي ڪنگلي جو روح قبض ڪرڻ لاءِ اڌ رات ڌرتيءَ تي آيا هئا. پوءِ اوچتو ڪين آسمان تان حضرت عزرائيل جو Sos يعني ترت پيغام پهتو، ته قربان علي ڪنگلي جو روح قبض ڪرڻ کان اڳ سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح قبض ڪيو وڃي، جيڪو اينڪلسيريا نرسنگ هوم جي هڪ پرائيويٽ اسپيشل روم ۾ گذريل پندرنهن ڏينهن کان آڪسيجن ۽ ولائيتي دوائن جي زور تي موت جي فرشتن کي شڪست ڏيئي رهيو هو. تنهنڪري حضرت عزرائيل جي ايجنٽن، ان وچ ۾ قربان علي ڪنگلي جي روح کي ذري گهٽ جسم مان ٻاهر ڪڍي ورتو هو. تن قربان علي ڪنگلي جي روح کي جسم ۾ اندر ڌڪيندي کيس ڪجهه دير تائين جسم ۾ ويهي سندن انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ هو سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح قبض ڪرڻ لاءِ اينڪلسيريا يا نرسنگ هوم ڏانهن هليا ويا.

قربان علي ڪنگلي جو روح دير تائين حضرت عزرائيل جي ايجنٽن جو انتظار ڪندو رهيو پر هو وڏيڪ دير تائين قربان علي ڪنگلي جي سڙيل ڳريل جسم ۾ ويهي ايجنٽن جو انتظار ڪري نه سگهيو. قربان علي ڪنگلو بنيادي طرح ذيابيطس جو مريض هو. تنهنڪري طرحين طرحين جي قٽ قرڙين، ۽ ٻين مرضن سندس جسم کي ڪاٺي ڪپائي ڇڏيو هو. اهڙي روڳي جسم ۾ قربان علي ڪنگلي جي روح وڏيڪ دير تائين ويهڻ مناسب نه سمجهيو. تنهنڪري ماٺ ميٺ ۾ جسم مان نڪري پر ۾ بينل پپر جي وڻ تي وڃي وينو ۽ عزرائيل جي ايجنٽن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جنهن وقت قربان علي ڪنگلي جو روح، قربان عليءَ جي جسم مان آزاد ٿي پپر تي وڃي ويٺو تنهن وقت رات جو پوين پهر هيو ۽ سيءَ پنهنجي اوج تي هيو. روح ست سالن تائين گرم گرم جسم ۾ رهڻ ڪان پوءِ جڏهن پهريون دفعو جسم مان ٻاهر نڪتو. تڏهن تهه سياري جي رات ۾ ڪنبڻ لڳو. ان وقت روح کي جمال ابڙي جو افسانو ”خميسي جو ڪوٽ“ ياد آيو ۽ هن پسگردائيءَ ۾ ڪنهن خميسي لاءِ واجهايو پر ڪيس ڪو به خميسو نظر نه آيو.

قربان علي ڪنگلي جو روح سيءَ ۾ ڪنبڻ لڳو ۽ پنهنجي تڙ تڪڙ تي پڇتائڻ لڳو. ان وقت ڪيس ٿامل ڪرائل جي ڪتاب ”سارٿر رسارٿس“ جو فلسفو سمجهه ۾ آيو ته جسم روحن جو لباس آهن. سوچيائين، جتي ست سال قربان علي ڪنگلي جي جسم ۾ گذاري چڏيا هئائين، اتي ڪجهه گهڙيون ٻيون به گهاري ڇڏي ها. ۽ جسم ۾ ويهي عزرائيل جي ايجنٽن جو انتظار ڪري ها، ٻاهر نه نڪري ها.

پوءِ اوچتو قربان علي ڪنگلي جي روح کي قربان عليءَ جي مئل جسم ۾ موٽي وڃڻ جو خيال آيو. ان خيال جي پس منظر ۾ محمد رفيع جو اهو گانو هو. جيڪو قربان علي جو روح رمضان ۾ ريڊيو سيلون تان اڪثر ڪري ٻڌندو هو. ان گاني ۾ ستن سالن جي ڇوڪر جو ذڪر هو. جيڪو رمضان شريف ۾ زوريءَ روزو رکي ٿو ۽ مري وڃي ٿو. پوءِ خدا جي فضل سان هڪ فرشتو ڌرتيءَ تي اچي ٿو ۽ مئل ڇوڪر کي جيئاري هليو وڃي ٿو! روح سوچيو جيتوڻيڪ قربان علي بک ۽ بيروزگاريءَ وگهي ڇيچلائي ڇيچلائي مئو هو پر جيئن ته هو رمضان شريف ۾ روزو رکي نه مئو هو ۽ نه ئي ستن سالن جو هيو. تنهنڪري ڪو به آسماني فرشتو ڌرتيءَ تي نه ايندو ۽ قربان علي جي روح کي ٻيهر جسم ۾ داخل ٿيڻ جي واٽ نه ٻڌائيندو.

قربان علي ڪنگلي جي روح مايوس ٿي، جسم ۾ موٽي وڃڻ جو

ارادو رد ڪري ڇڏيو ۽ پير جي تارين تي ويهي ٺڪ ۾ ٽڙڪندي عزرائيل جي ايجنٽن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

سڄ ڪني ڪڍي، سڄ جا سونهري ڪرڻا سيءَ ۽ سياري جي سرد ٿڌن کي چيرينندا ڌرتيءَ تائين پهچي ويا. هڪ ٽرام ٽن ٽن ڪندي لنگهي ويئي. بندر روڊ تي آمدرفت شروع ٿي ويئي. پانت پانت جا ماڻهو سعيد منزل وٽان لنگهندا رهيا. پر حضرت عزرائيل جا ايجنٽ موٽي نہ آيا.

ٿوري دير کان پوءِ هڪ نوجوان ڇنگي (جنهن پنهنجي اڌ عمر وارن ٺاهڻ ۾ گذاري ڇڏي هئي) فٽ پاٿ تي ٻوهاري ڏيندو، قربان علي ڪنگلي جي لاش وٽ پهتو. هن قربان عليءَ جي لاش کي راڪيٽ ڪاٽيندڙ موالي سمجهي، لت وهائي ڪڍي. لت ڪائڻ کان پوءِ بہ قربان عليءَ جو لاش جيئرو نہ ٿيو. انسان ذات جي تاريخ ۾ فقط هڪ اهڙي شخص جو ذڪر آيو آهي، جيڪو هزارين سال اڳ نوڪر سان مئل ماڻهو اٿاري کڙا ڪندو هو. هن جو نالو حضرت عيسيٰ هو. خدا جو پيغمبر هو ۽ ماڻهن کي خدا کان ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

جنهن ڇنگيءَ قربان عليءَ جي لاش کي لت وهائي ڪڍي هئي، تنهن جو نالو وڪٽر مسيح هو. پر وارن جي دلفريب اسٽائيل سبب وحيد مراد سڏبو هو. هن کي خبر هئي تہ لت جڏهن پاٽيءَ ۾ پسيل ڪاٺ جهڙي جسم کي لڳندي آهي، تڏهن اهو جسم ڪنهن جيئري ماڻهوءَ جو نہ، بلڪ مئل جو هوندو آهي. ان سلسلي ۾ ڪيس ڏهن سالن جو ذاتي، ۽ چوويهن سالن جو خانداني تجربو حاصل هو.

وڪٽر مسيح عرف وحيد مراد ماحول جو جائزو ورتو. ڪو بہ ڏانهنس متوجہ نہ هو. ڪنهن بہ ڪيس قربان علي ڪنگلي جي لاش کي لت هڻندي نہ ڏٺو هو. هن دل ۾ يسوع مسيح جا ٿورا مڃيا. پوءِ ٻوهارو ڪڇ ۾ ڪري واردات تان غائب ٿي ويو. ڪيس خبر هئي، تہ ٺاٽي تي

وچي رپورٽ لکائڻ واري سان ڇا ٿي گذرندو آهي.

قربان عليءَ جو روح پيپر جي تارين تان ڏٺو تہ وڪٽر مسيح عرف وحيد مراد اک ڇنڀ ۾ غائب ٿي ويو.

ٿوري دير کان پوءِ اين جي وي هاءِ اسڪول جا شاگرد اسڪول ويندي سعيد منزل وٽان اچي لنگهيا. منجهائن ڪجهہ ڄڻا قربان عليءَ جي لاش کي بيخبر ديوانو سمجهي رونشي خاطر بيهي رهيا، ۽ تاڙيون وڄائي ڳائڻ لڳا.

”ديوانا، ڙي ديوانا،

پاڪستاني مستانا،

ووٽ وري تون ڏيندين،

ساري جڳ کان بيگانا!“

جڏهن ساري جڳ کان بيگانو پنهنجي جاءِ تان نہ چريو تڏهن اها ڳالهہ عام ٿي ويئي، تہ سعيد منزل وٽ فٽ پاٿ تي ليٽيل شخص جيئرو نہ هو، بلڪ مئل هو.

ٿوري دير ۾ ماڻهن جو وڏو ميڙ فٽ پاٿ تي گڏ ٿي ويو.

قربان علي ڪنگلي جو روح حيرت وچان ماڻهن ڏانهن ڏسڻ لڳو. جيڪي قربان عليءَ جي لاش ڏانهن ڏسي رهيا هئا. اهو منظر ڏسي، روح کي ڏاڍي حيرت ٿي. ڇو جو قربان علي جڏهن جيئرو هو. ڌرتيءَ جي سيني تي هلندو هو ۽ جيئري رهڻ لاءِ وس آهر جدوجهد ڪندو هو. تڏهن ڪو بہ ماڻهو اک کڻي ڏانهس نہ ڏسندو هو. ماڻهن جا آواز ٻڌي، روح حيرت جي ڄار مان نڪري آيو ۽ ميڙ ۾ بيٺل ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو.

”هن ملڪ ۾ جيستائين سوشلزم نہ ايندو تيستائين ماڻهو فٽ پاٿ تي مرندا رهندا.“

”موت ۽ زندگي الله جي هٿ وس آهي.“

”موت ۽ زندگي الله جي وس آهي، تہ پوءِ خونين کي موت جي سزا ڏيڻ بند ڪريو.“

”پر هيءُ آهي ڪير؟“

”ماڻهو آهي!“

”ٺوڪ نہ هڻ، ياڙيا، چتائي ڏسينس، شايد پٺهين آهي.“

”هيءُ اهو شخص آهي ، جيڪو صدين کان فٽ پاٿ تي مرندو رهندو آهي.“

”بس ڪر افلاطون جا پٽ.“

”مان افلاطون جو پٽ ناهيان، مان پنهنجي پيءُ جو پٽ آهيان.“

”سائين، مان تہ وري بہ اهو ئي چوندس، تہ ملڪ ۾ سوشلزم آڻيو ۽ ماڻهن کي فٽ پاٿ تي مرڻ کان بچايو.“

”تنهنجو دماغ خراب آهي، ڪامريڊ هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ورتو ويو آهي، هتي اسلامي نظام نافذ ٿيندو، اسلام ئي سيني مسئلن جو حل آهي.“

”مڊل ايسٽ ۾ عربن کي هڪ دفعو ڏسڻ کان پوءِ اهڙيون ٻاراڻيون ڳالهيون نہ ڪندين، مولانا.“

”مان تنهنجو خون ڪندس، ڪامريڊ.“

”اڙي اڙي!“ وڏهو نہ، پاڪستان ۾ درحقيقت نہ سوشلزم لاءِ گنجائش آهي، ۽ نہ اسلام لاءِ، هتي اسلامي سوشلزم ايندو ۽ پوءِ ماڻهن جي حالت هڪدم سڌري ويندي.“

قربان علي ڪنگلي جو روح پيپر جي ٽارين تان اڏامي ويو. هو وڏيڪ ڪجهہ ٻڌڻ جي پاڻ ۾ همت ساري نہ سگهيو.

وڻ تان اڏامڻ کان پوءِ قربان عليءَ جو روح ڪجهہ دير صدر ۾ ڀٽڪندو رهيو. هن ايلفيءَ تي هڪ سانوريءَ ڪرستان ڇوڪريءَ کي ڏٺو جنهن جون اکيون وڏيون، ۽ باداميءَ وانگر هيون. روح کي ياد آيو

تہ قربان عليءَ جوانيءَ ۾ هڪ اهڙيءَ ئي سانوريءَ ڇوڪريءَ سان محبت ڪئي هئي. پر هوءَ قربان عليءَ سان محبت نہ ڪندي هئي. ان محبت کان پوءِ قربان عليءَ ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ وري محبت نہ ڪئي، هو پاڻ کي مجنونءَ جو سڀ کان وڏو رقيب سمجهندو هو!

روح ڪجهہ دير تائين صدر ۾ پتڪڻ کان پوءِ گارڊن روڊ تي اينڪلسيريا نرسنگ هوم ڏانهن هليو ويو. ڪيس ڊپ هو تہ حضرت عزرائيل جا ايجنٽ سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح قبض ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن سعيد منزل وٽ وڃي پهتا، ۽ قربان علي ڪنگلي جي جسم مان روح کي غائب ڏٺائون، تہ پوءِ هو ڪيس دنيا ۾ پتڪڻ لاءِ ڇڏي، جنت دوزخ جي داروغن ڏانهن هليا ويندا. قربان علي ڪنگلي جي روح نہ ٿي چاهيو تہ اسلام، سوشلزم ۽ اسلامي سوشلزم جي گهاٽي ۾ پيڙجندو رهي. تنهنڪري هن گارڊن جو رخ ڪيو ۽ جهٽ پٽ اينڪلسيريا نرسنگ هوم پهچي ويو. اتي جاچ ڪرڻ تي ڪيس خبر پئي، تہ آڪسيجن، ولايتي دوائن ۽ عزرائيل جي ايجنٽن ۾ جنگ جاري هئي. سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح ولايتي دوائن ۽ آڪسيجن جي آڌار تي حضرت عزرائيل جي ايجنٽن جو زبردست مقابلو ڪري رهيو هو ۽ جسم جو قلعو ڇڏڻ کان نابري واري بيٺو هو.

قربان علي ڪنگلي جو روح اينڪلسيريا نرسنگ هوم جي ٻاهران، لوهي در وٽ بيهي رهيو ۽ حضرت عزرائيل جي ايجنٽن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

انتظار جون گهڙيون ڪاٽيندي، قربان علي ڪنگلي جي روح جنت ـ دوزخ جي داروغن واري سيٽلمينٽ آفيس جي باري ۾ سوچيو. ڪيس پڪ هئي تہ دير يا سوير، قربان علي ڪنگلي جي روح کي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملي ويندي. روح جيڪو قربان عليءَ جي

ذيابيطس واري جسم ۾ رهيو هو. سو جنت جي منين شين، جهڙوڪ: ماکيءَ ۽ کير جي ندين، ڪارڪن ۽ انگورن جو تصور ڪري سخت پريشان ٿيو.

روح سوچيو مساوات جي لحاظ کان جنت ۾ پڪوڙا، شامي ڪباب، چٽڻيءَ وارا ڇولا، چڪن تڪا، ڪوفتا، برياني وغيره به ملڻ گهرجن..!

روح جڏهن قربان علي ڪنگلي جي جسم ۾ هوندو هو. تڏهن قربان علي وڏي شوق سان پڪوڙا کائيندو هو. تنهنڪري پڪوڙن جي خوشبوءِ هو جسم مان نڪرڻ کان پوءِ به وساري نه سگهيو.

روح پڪوڙن لاءِ واجهايو.

نرسنگ هوم جي سامهون، رينو سئنيما وٽ هڪ پڪوڙائي گاڏي تي پڪوڙا تري رهيو هو. قربان علي ڪنگلي جو روح پڪوڙن جي ٿالهه وٽ وڃي بيٺو جيئن ته جسم جي لباس کان آزاد هو تنهنڪري ڪنهن کي به نظر نه پئي آيو. هن ٿالهه مان ڪجهه پڪوڙا کڻي، اخباري ڪاغذ جي ٽڪر ۾ ويڙهي ڇڏيا، ۽ پڙو کڻي موٽي وڃي اينڪلسيريا نرسنگ هوم جي لوهي در وٽ بيٺو.

ان وچ ۾ حضرت عزرائيل جي ايجنٽن، ۽ سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي روح جي پاڻ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ختم ٿي، ۽ سيٺ صاحب جو روح ايجنٽن آڏو پيش پيو.

سيٺ صاحب ڇهه مسجدون ٺهرايون هيون، ۽ ست حج ڪيا هئا، تنهنڪري حضرت عزرائيل جا ايجنٽ ڪانئس ڏاڍا متاثر هئا، ۽ سندس روح کي ڏاڍي عزت سان وٺي اسپتال مان ٻاهر نڪتا.

عزرائيل جي ايجنٽن کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته قربان علي ڪنگلي جو روح فٽ پاٿ تي سندن انتظار ڪري رهيو هو. هن ڪين سموري ماجرا ڏاڍي دردناڪ پيرائي ۾ بيان ڪري ٻڌائي، ته ڪيئن هو

تڪڙ ڪري جسم مان ٻاهر نڪتو هو ۽ پوءِ پيپر تي وڃي ويٺو هو ۽ پوءِ اسلامي سوشلزم جون ڳالهيون پڙهي، اتان وٺي ڀڳو هو. سيٺ صاحب جي روح ڏاڍي عجب وچان پنهنجي ساءِ چيو "تہ ڇا فٽ پاٿ تي بہ ماڻهو مري ويندا آهن؟"

"ها، سيٺ صاحب جا روح." قربان علي ڪنگلي جي روح وراڻيو. "اهڙن انسانن جا روح حضرت عزرائيل جي ايجنٽن جي مدد کان سواءِ جسم ڇڏي ڏيندا آهن."

سيٺ صاحب جي روح چيو "هو ولايتي دوائون ۽ آڪسيجن استعمال نہ ڪندا آهن ڇا؟"

"اسلامي سوشلزم جون ڳالهيون نہ ڪر. سيٺ صاحب جا روح." قربان علي ڪنگلي جي روح حضرت عزرائيل جي ايجنٽن کي چيو "هلو ڇو نہ ٿا؟"

حضرت عزرائيل جا ايجنٽ سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا ۽ قربان علي ڪنگلي جي روحن کي وٺي ستين آسمان ڏانهن روانا ٿيا.

حضرت عزرائيل جا ايجنٽ قربان علي ڪنگلي ۽ سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي روحن کي وٺي جڏهن ڌرتيءَ کان ڌار ٿيا، تڏهن پرواز جي پهرين دور ۾ ٻئي روح خاموش رهيا. قربان علي ڪنگلي جو روح ان ڪري خاموش هو جو هن پنهنجو جسم سعيد منزل جي پرسان فٽ پاٿ تي ڇڏيو هو. هو سوچي رهيو هو تہ قربان عليءَ جو جسم منجهند تائين فٽ پاٿ تي پيو هوندو. سندس ڪنڌ لڙيل، ۽ وات کليل هوندو. جنهن ۾ بي انداز مکيون وينيون هونديون. پيٽ سُڄي ويو هوندس، ۽ ٽنگون ٻانهون اڪڙجي، سيٽجي ويون هوندس. ڪو بہ سندس پرسان بيهي ارمان ڪرڻ وارو نہ هوندو ۽ سرد آهہ ڀرڻ وارو نہ هوندو. جنهن سانوري ڇوڪريءَ سان قربان عليءَ

جوانيءَ ۾ هڪ دفعي بيپناهہ محبت ڪئي هئي، سا اتفاق سان جيڪڏهن اتان اچي لنگهندي تہ هوءَ قربان عليءَ ڪي سڃاڻي نہ سگهندي، قربان علي ڪنگلي جو روح اهو سوچي اداس ٿي ويو. تہ ٻئي ڏينهن جڏهن ميونسپلٽي وارا قربان علي جي جسم ڪي لاوارث لاش سمجهي ڪنهن قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏيندا، تڏهن سندس آلي قبر تي نازبوءَ رکڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو. سندس قبر تي اگر بتي ٻارڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو. پوءِ جڏهن سانجهيءَ جا پاڇا قبرستان تي لهندا، تڏهن قبر جي پرسان ويهي، سڏڪن ڪي روڪي روڪي روئڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو.

قربان علي ڪنگلي جي روح حضرت عزرائيل جي ايجنٽن کان پڇيو ”جڏهن مجنون مري ويو هو تڏهن ليليٰ اُتي آڏو اگر بتيون ٻاري رهي هئي.“

اها ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ قربان علي ڪنگلي جو روح وڌيڪ اداس ٿي ويو هو ۽ پوءِ خاموشيءَ ۾ غرق ٿي ويو.

سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح بہ ڏرتي ڇڏڻ کان پوءِ خاموش رهيو. هو سوچي رهيو هو تہ سندس جسم، جنهن کي هن اينڪلسيريا نرسنگ هوم ۾ ڇڏيو هو سو ڪجهہ دير کان پوءِ ڪنهن ايمبولنس ۾ ڪچي ڊفينس هائوسنگ سوسائٽيءَ واري سندس رهائشگاهہ ”سيونٿ هيون“ ۾ پهچايو ويندو. سندس چارئي جوان پٽ، جن کي پنهنجو ڏيهي ۽ پرڏيهي واپار ۽ ڪاروبار آهي، سي سڀ پنهنجيون ڪاريون شيروانيون پائي غمگين نظر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوندا. سيٺ صاحب جي روح سوچيو ٻئي ڏينهن سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي مرڻ جي خبر سندس فوٽو سميت اخبارن ۾ شايع ٿيندي ۽ پوءِ سموري ملڪ جون سموريون واپاري منڊيون، انجمنون ۽ جماعتون سندس غم ۾ اخباري بيان جاري

ڪنديون ۽ سندس خدمتن جو اعتراف ڪنديون. وڏا وڏا سياستدان سندس قبر تي گلن جي چادر چاڙهڻ ۽ فاتح پڙهڻ ايندا. اهڙي طرح سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح سوچيندو رهيو ۽ سفر ڪندو رهيو.

ٽئين آسمان کان چوٿين آسمان ڏانهن ويندي حضرت عزرائيل جي هڪ ايجنٽ قربان علي ڪنگلي جي روح وٽ پڪوڙن جو پڙو ڏسي ورتو.

هن حيرت وچان روح کان پڇيو "پڙي ۾ ڇا کنيو اٿئي؟"

"پڪوڙا."

"پڪوڙا؟"

"ها."

"ڇا ڪندين پڪوڙا؟"

"پاڻ سان جنت ۾ کڻي ويندس."

"عجيب بيوقوف روح آهين!" عزرائيل جي ايجنٽ چيو "ڇريا جنت ۾ ماکي ۽ کير جون نديون، ڪارڪن جا انبار ۽ انگورن جا ڇڳا ئي ڇڳا نظر ايندا آهن. اتي پڪوڙا کائيندي شرم نه ايندءِ؟"

قربان علي ڪنگلي جي روح چيو "اسين نندي ڪنڊ جا ماڻهو منڊي، پاوا، اوجهري ۽ دال تي هريل آهيون."

هڪدم سيٺ صاحب جي روح اعتراض ڪيو. هن چيو "اسين به ته نندي ڪنڊ جا آهيون. اسين چڪن تڪا، مرغ مسلم، ڪوفتا، برياني ۽ پڊنگ وغيره پسند ڪندا آهيون."

"توهين زمين تي رهندي به جنت ۾ ۽ مرڻ کان پوءِ جنت ۾! پر مان پنهنجي ڳالهه پيو ڪريان" قربان علي ڪنگلي جي روح پوءِ حضرت عزرائيل جي ايجنٽ کي مخاطب ٿيندي چيو "مان سٺ سالن تائين ذيابيطس واري جسم ۾ رهيو آهيان. مون کي جنت جي

شين جھڙوڪ: انگور، ڪارڪن ۽ ماکيءَ کائڻ کان پرهيز آهي.“

”وڏو ڪو بدنصيب آهين!“ سيٺ جي روح چيو“ زمين تي ڪير، ڪارڪن، ۽ ماکيءَ کان محروم رهين ۽ جسم ڇڏي آسمان ڏانهن هلندي بہ انهن شين واپرائڻ کان نابري وارين ٿو اوهه. تون بدنصيب آهين!“

روح جي بحث تي عزرائيل جي ٻين ايجنٽن جو ڌيان ڇڪجي ويو. جنهن ايجنٽ روح سان بحث شروع ڪيو هو تنهن پنهنجين ساٿين کي چيو ”هيءُ بيوقوف روح پاڻ سان پڪوڙن جو پڙو کڻي پيو هلي.“

”پڪوڙن جو پڙو!“ حضرت عزرائيل جي وڏي ايجنٽ قربان علي ڪنگلي جي روح کي ڇڙٻ ڪيندي چيو ”اڙي بيوقوف، توکي خبر هئڻ گهرجي تہ جسم ڇڏڻ کان پوءِ ڪنهن بہ روح کي پاڻ سان زمين جي ڪا بہ شيءِ ساڻ ڪري آسمان ڏانهن سفر ڪرڻ جي اجازت نہ ملندي آهي. ڦٽا ڪر اهي پڪوڙا!“

قربان علي ڪنگلي جي روح وراڻيو ”مان پاڻ سان زمين جو هڪ ٻيو تحفو بہ کڻي پيو هلان. اهو تحفو فقط اسان جهڙن جي حصي ۾ ايندو آهي. اسين جيڪي ڏتڙيل جسمن جي پوشاڪ ۾ رهندا آهيون.“

”جلدي ٻڌاءِ“ عزرائيل جي وڏي ايجنٽ قربان علي ڪنگلي جي روح کان پڇيو ”جلدي ٻڌاءِ تہ زمين جو اهو ڪهڙو تحفو آهي، جيڪو تون پاڻ سان آسمانن ڏانهن کنيو پيو هلين.“

”ان تحفي جو نالو آهي، غم.“ قربان علي ڪنگلي جي روح چيو ”مان پاڻ سان غمن جا انبار کڻي ستين آسمان جي سفر تي هلي رهيو آهيان.“

”ورهيہ ٿيا جو اسان افلاطون جو روح قبض ڪيو هو. تون پاڻ کي

افلاطون جو روح سمجهڻ جي بيوقوفي نہ ڪر.“ وڏي ايجنٽ چيو ”هڪدم پڪوڙا ڦٽا ڪر.“

قربان عليءَ جي روح حيرت وچان پڪوڙن جي پڙي ڏانهن نهاريو.

”ڏسين ڇا پيو.“ ايجنٽن جي سردار چيو. ”اڇلاءِ.“ قربان عليءَ جي روح پڙي مان پڪوڙا ڪڍي ڏرتيءَ ڏانهن اڇلايا.

”اهو ڪاغذ بہ اڇلاءِ.“ وڏي ايجنٽ چيو.

”هي ڪاغذ، اخبار جو ٽڪر آهي، منجهس خبرون ڇاپيل آهن.“ روح عرض ڪيو ”هيءُ ڪاغذ پڙهڻ لاءِ آهي، ڪائڻ لاءِ ناهي، تنهنڪري اميد اٿم تہ توکي ۽ تنهنجين ساٿين کي ڪو اعتراض نہ ٿيندو.“

”ٺيڪ آهي.“ عزرائيل جي خاص ايجنٽ ورائيو. ”تون ڇهين آسمان تائين اخبار جي ٽڪر تان خبرون پڙهندو هل، ستين آسمان تي پهچڻ شرط اهو ڪاغذ ڦٽو ڪري ڇڏجانءِ.“

”او-ڪي باس.“ قربان علي ڪنگلي جي روح جواب ڏنو ۽ ڏاڍي شوق وچان اخبار پڙهڻ لڳا، جيڪا پڪوڙن جي تيل سان سٽيي تي ويئي هئي.

قربان علي ڪنگلي جو روح ڦاٽل اخبار جو سٽيو ٽڪر پڙهندو رهيو ۽ حضرت عزرائيل جي ايجنٽن جي نظرداري ۾ سفر ڪندو رهيو.

ڪجهہ دير کان پوءِ، سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي روح قربان علي ڪنگلي جي روح کان پڇيو ”اخبار ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪا خبر ڇار آهي ڇا؟“

”نہ.“ ڪنگلي جي روح ورائيو ۽ اخبار پڙهندو رهيو.

”مان سمجهان ٿو تو سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي

موت کان پوءِ شيئرس بازار ۾ وڏو لوڏو ايندو.“ سيٺ صاحب جي روح پڇيو ”آهي ڪا شيئر جي خبر چار؟“

”جسم ڇڏڻ کان پوءِ به پئسي جو چڪر نه ڇڏيو اٿئي!“

”مايا انسان جي مرڻ کان اڳ به اهم آهي ۽ مرڻ کان پوءِ به.“

”يليل آهين سيٺ صاحب جا روح. تنهنجي عقل تي مايا جي چربي چڙهي ويئي آهي.“

”ڳالهه ٻڌ، قربان علي ڪنگلي جا روح.“ سيٺ صاحب جي روح چيو ”سياڻي اخبارن ۾ به خبرون ڇپبيون. هڪ خبر ان جسم جي باري ۾ هوندي، جنهن ۾ مان رهندو هوس. ٻي خبر ان جسم جي باري ۾ هوندي جنهن ۾ تون رهندو هئين. مون واري ڇڏيل جسم جي باري ۾ لکيل هوندو ته ملڪ جو نامور سخي، ڪاروبار جو ڏٽي، ڪارخانن ۽ بئنڪن جو مالڪ الحاج سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا ڪالهه دارالفنا مان ڪوچ ڪري دارالبقا روانو ٿي ويو. انا الله وانا اليه راجعون ۽ تو واري ڇڏيل جسم جي باري ۾ اخبارن جي ڪنڊ پاسي ۾ لکيل هوندو ته ڪالهه سعيد منزل جي پرسان فٽ پاٿ تي ڪو نامعلوم شخص مئل پيو هو. بس ان کان وڌيڪ هڪ اکر به نه هوندو.“

قربان علي ڪنگلي جي روح کي سيٺ صاحب جي روح جي ڳالهه مناسب ۽ معقول محسوس ٿي.

سيٺ صاحب جي روح کيس وڌيڪ متاثر ڪرڻ لاءِ، دولت جي اهميت جتائڻ لاءِ چيو ”سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا پنهنجي مرضي مطابق نالي جي آڌار تي ملڪ جي اقتصادي ۽ معاشي ماحول کي هيٺ مٿي ڪري سگهندو هو بنا روڪ ٽوڪ جي گيهه، کنڊ، ڇانور ۽ ٻيو سامان سمگل ڪرائي سگهندو هو پر سيٺ قربان علي به چار يتيم خانا، خيراتي اسپتالون، ۽ فلاحي ادارا به هلائيندو هو. عاليشان قسم جون ڇهه مسجدون نهرايون هئائين. ست حج ڪيا

هٿائين. دنيا آخرت تي قبضو الحاج سيٺ قربان علي فقط دولت جي آڌار تي ڪيو هو...“

”تہ پوءِ اخبار ۾ انعام جي هيءَ خبر پڙهي توکي ضرور خوشي ٿيندي، سيٺ قربان عليءَ جا روح.“

”انعام؟“

”ها، انعام.“

”رقم ڪيتري آهي؟“

”فقط پنج هزار.“

”کوڙ آهي.“ سيٺ صاحب جي روح چيو.

”انعام جي باري ۾ مفصل احوال ٻڌاءِ.“

”پوليس ڪاتي طرفان اخبار ۾ هڪ نوجوان جي تصوير ڇاپي اٿائون، جيڪو پوليس جي قبضي مان ڀڄي ويو آهي، قربان علي ڪنگلي جي روح ڀڄي ويل نوجوان جي تصوير سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي روح کي ڏيکاريندي چيو ”هن ڀڳل نوجوان کي گرفتار ڪرائيندڙ کي پنج هزار روپيا انعام ڏنو ويندو.“

سيٺ قربان عليءَ جي روح ڏاڍي غور سان، ڇتائي اخبار جي سٽيي تڪر تي ڇاپيل تصوير ڏانهن ڏٺو. پوءِ قربان علي ڪنگلي جي روح کي چيائين، ”اسين هن نوجوان کي گرفتار ڪرائي سگهون ٿا.“

”سو وري ڪيئن؟“ ڪنگلي جي روح پڇيو.

”اسين روح آهيون. اسان کي ڪو بہ ڏسي نہ سگهندو.“ سيٺ صاحب جي روح چيو ”اسين ڌرتيءَ تي هر ڪا ڪنڊ ڪڙڇ ڳولي ڦولي، ڀڳل نوجوان کي گرفتار ڪري پوليس جي حوالي ڪنداسين، ۽ انعام حاصل ڪنداسين.“

ڪنگلي جي روح پڇيو ”پر اسين انعام جي رقم ڪيڏانهن ڪنداسين؟“

”تون تہ آهين هڪ لاوارث جسم مان نڪتل روح.“ سيٺ جي روح چيو ”پر مان وڏي آل اولاد واري خانداني سيٺ جي جسم مان نڪتل روح آهيان. مان انعام جي رقم سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي پٽن کي ڏيئي ڇڏيندس.“

”نيڪ آهي.“ ڪنگلي جي روح چيو ”ان نيڪ ڪم ۾ مان تنهنجي مدد ڪندس، هاڻي زمين ڏانهن واپس موٽڻ جو بندوبست ڪر.“

سيٺ صاحب جي روح گهڙي ڪن سوچڻ کان پوءِ حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ کي چيو ”مان سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي جسم مان نڪتل روح آهيان نہ.“

برابر.“ حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ وراڻيو.

”سيٺ هميشہ نيڪيءَ جا ڪم ڪندو هو.“

”برابر.“

”سڀ ڪم منهنجي مدد سان ڪندو هو؟“

”برابر.“

”مان هينئر بہ نيڪ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي نالي ۾.“

”ڪهڙو ڪم.“

”انعام جي رقم هٿ ڪري سيٺ جي پٽن کي ڏيئي ڇڏيندس، هو بہ پيءُ وانگر اها رقم ڪنهن نيڪ ڪم ۾ لڳائي ڇڏيندا.“

حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ سيٺ صاحب جي روح کان پڇيو ”آسمان تي وري ڇا جو انعام؟“

”انعام زمين تي ملڻو آهي.“ سيٺ جي روح وراڻيو تنهن ڪري اسان کي ڪجهہ دير لاءِ زمين ڏانهن موٽي هلڻو پوندو.“

”زمين ڏانهن موٽي هلڻ وڏي ڳالهہ ناهي.“ اسين اجا سفر

۾ آهيون.“ حضرت عزرائيل جي ايجنٽ پڇيو ”پر جيستائين انعام جي پڪ نہ ٿيندي، ڏرتيءَ ڏانهن موٽ نہ ڪائيندا سين.“

”انعام جي پڪ آهي.“ سيٺ صاحب جي روح چيو ”هڪ نوجوان پوليس جي قبضي مان ڀڄي ويو آهي. پوليس ڪاتي سندس تصوير اخبار ۾ شايع ڪرائي آهي. سندس گرفتاريءَ تي پنج هزار رپيا انعام رکيو اٿائون.“

حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ پنهنجن ساٿين کي چيو ”ساٿيو ڦيرو ڪائي ڌرتيءَ ڏانهن موٽ ڪائو.“

ننڍن ايجنٽن حضرت عزرائيل جي وڏي ايجنٽ جي حڪم جي بجا آوري ڪندي آسمانن کان منهن موڙي، ڌرتي ڏانهن رُخ ڪيو.

واٽ تي حضرت عزرائيل جي وڏي ايجنٽ سيٺ صاحب جي روح کان پڇيو ”ڀڄل نوجوان جي تصوير ڪهڙي اخبار ۾ ڏني اٿئي؟“

”ڪوڙن واري اخبار ۾“ سيٺ صاحب جي روح وراڻيو.

”مون کي ڏيکار.“ حضرت عزرائيل جي ايجنٽ چيو ”مان بہ ان نوجوان کي گرفتار ڪرائڻ ۾ اوهان جي ڀرپور مدد ڪندس.“

سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جي روح هڪدم قربان علي ڪنگليءَ جي روح کان ڦاٽل اخبار جو سڙيو ٽڪر وٺي حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ حوالي ڪيو.

حضرت عزرائيل جو خاص ايجنٽ ڪجهہ دير تائين اخبار ۾ شايع ٿيل نوجوان جي تصوير ڏانهن ڏسندو رهيو. جنهن جي هيٺان لکيل هو تہ اهو نوجوان پوليس جي قبضي مان ڀڄي ويو آهي، ۽ سندس گرفتاريءَ تي پنج هزار رپين جو انعام رکيل آهي

تصوير کي جاچي ڏسڻ کان پوءِ حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ پنهنجن ساٿين کي حڪم ڏيندي چيو ”ساٿيو ڦيرو ڪائو آسمان ڏانهن موٽ ڪائو. ڌرتيءَ کي پٺ ڏيو واپس هلو.“

حضرت عزرائيل جي ايجنٽن پنهنجي سردار جي حڪم جي بجا آوري ڪندي ڏرتيءَ کان منهن موڙيو ۽ پيهر آسمان ڏانهن رخ ڪيو.

سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح ڏاڍو حيران ٿيو. ڪانئس ذري گهٽ چرڪ نڪري ويو. حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ کان پڇيائين. "ڪهڙي سبب ڪري حڪم بدلايو اٿئي ۽ نوجوان کي گرفتار ڪرائڻ جو نيڪ خيال ڇڏيو اٿئي؟"

حضرت عزرائيل جي ايجنٽ وراڻيو "ڪو بہ بني بشر، روح يا فرشتو ان تصوير واري نوجوان کي گرفتار ڪرائي نہ سگهندو."

سيٺ صاحب جي روح حيرت وچان پڇيو "ڇو؟"

حضرت عزرائيل جي خاص ايجنٽ جواب ڏنو "ڪجهہ عرصو اڳ اسان هڪ پوليس ٿاڻي ۾ لاڪپ ۾ ان نوجوان جي چيريل، ڇچريل ۽ عذابن ڪاڏل جسم مان سندس روح قبض ڪيو هو."

اها ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ سيٺ قربان علي شعبان علي توپ والا جو روح مايوسين جي اوڙاهہ ۾ غرق ٿي ويو ۽ خاموشيءَ سان آسمان جو سفر ڪندو رهيو.

قربان علي ڪنگلي جو روح، حضرت عزرائيل جي وڏي ايجنٽ جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ سوچيندو رهيو تہ هو جنت ۾ ڪا بہ مٺي شيءِ، جهڙوڪ: ماکي، ڪارڪ ۽ انگور نہ واپرائيندو ۽ ڪنهن سانوري حور سان محبت ڪندو ۽ ڌرتيءَ جي درد کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندو.

***

# هڪ دل جي اڪيلائي

ڪيفي گرانڊ جي در ۾ نرگس منهنجي سامهون اچي، مونکي ٻاهر نڪرندو ڏسي، در وٽان هٽي ويئي، ڪجهه پرپرو ٿي بيٺي.

مان گرانڊ مان ٻاهر نڪري رهيوهوس، هوءَ اندر اچي رهي هئي. سالن ڪانپوءِ ڪيس ڏٺم ته اک ڇنڀي نه سگهيم. ڪليل طاق جي هئنڊل ۾ مُٺ مضبوط ٿي ويئي. جيڪو ساهه سيني ۾ لهي ويو هو ڪجهه دير لاءِ اندر رهجي ويو جنهن نگاهه سان ڪيس ڏٺم، گهڙيءَ ۾ ڇاتم ۽ سڃاتم، سا نگاهه سندس چهري تي رهجي ويئي. اڳ ائين نه ٿيانيو هوم، ته ڇهن سالن ڪان پوءِ جڏهن ڀيٽڪندو گرانڊ ۾ ايندس، ۽ گذريل لمحن کي سڏيندس، زخمن کي کوليندس، تڏهن هوءَ اوچتو ئي اوچتو زندگيءَ جي ڪوهيڙي مان نڪري منهنجي آڏو اچي بيهندي، اندر

اڪيلي ڪنڊ ۾ چانهه جي سپ ڀريندي به اهو ئي سوچيو هئم، تہ تمنائون جيڪڏهن مون جهڙي مفلس جي ميراث هجن ها تہ اڄ جيڪر اداسين کان گهٻرائجي نرگس جي هٿن ۾ منهن لڪائي زندهہ رهڻ جي عذاب کي سهي وڃان ها. پر پوءِ پاڻ کي سمجهايو هوم، تہ اسان برف جا تاج محل اڏيندا آهيون. ڪاغذ جا گل جهول ۾ جهلي بهارن جو انتظار ڪندا آهيون. دل زخمن کان چور هوندي آهي، پر تڏهن بہ چپن تي مرڪ آڻيندا آهيون. پاڻ کي سمجهائيندا آهيون، تہ محبت نہ ڪريو ڊرتي ڪيڙيو عاشق تہ مجنون هو اسين سڀ سڏڙيا آهيون!

نرگس پرڀرو ويٺي هئي. آڱر تي چاٻين جي زنجيري ويڙهي رهي هئي. ڪيس فيروزي ساڙهي پاتل هئي، جنهن مان گج لڳل بلائوز جا ڪاوا تجلي ڏيئي رهيا هئا. منهن تي ڳوڙهو ميڪ اپ ڪيو هئائين. روج جو رنگ فيس پائوڊر مان ظاهر ٿي رهيو هوس. اکين تي ويڪري فريم واري ڪاري بيچ ڪومبر عينڪ هئس. وارن ٺاهڻ جو نمونو نہ بدليو هئائين. وار اڳ وانگر ڪلهن وٽان ڦرندا، اڳيان اڇي بيٺا هئس. سندس چهرو وارن جي دائري ۾ اڳ جهڙو ئي ڪشش ڪندڙ هو. هوءَ منهن ۾ نہ بدلي هئي، رڳو بدن ۾ ڪجهہ ڪجهہ ڀرجي ويئي هئي.

گهڻو اڳ، نرگس جڏهن منهنجي پيار کي ڪنهن ٻار جو ضد سمجهيو هوءِ چيو هو "چريا مان تنهنجي لائق نہ آهيان." تڏهن ڪانئس ورائي پڇيو هوم "اهو بہ ڪو آرڊيننس آهي ڇا؟"

"مان سچ پچ تہ تنهنجي لائق نہ آهيان." هن گنڀير ٿيندي چيو هو.

ءُ مون ڪيس ٻانهن کان جهلي سمجهايو هو "مان ڪنهن ديسي ناول جو هيرو نہ آهيان، ءُ نہ ئي تون هيروئن آهين. مان توکي چاهيان

ٿو مون کي تنهنجي گهرج آهي.“

هن منهنجي چريائيءَ تي ،اڻ ميي پيار تي کلي ڏنو هو. مون کي سرچائينديءَ چيو هئائين. ”مان توسان ڳالهين ۾ ته پڇي نه سگهنديس، پر ايترو سو چاڻان ٿي ته، تون هڪ نه هڪ ڏينهن وڏو ماڻهو ٿيندين، ملڪ ۾ نالو ڪيندين. ان وقت منهنجو وجود تنهنجي ناموس ۾ ڇيت وانگر چپندو.“

وراڻيو هوم، ”مان سڀ ڪجهه ٿي سگهندس پر چور ۽ وڏو ماڻهو ٿي نه سگهندس.“

ان وقت هن ٽهڪ ڏنو هو. منهنجي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو هئائين.

گذريل ڇهن سالن ۾ مان سڀ ڪجهه ٿي سگهيو آهيان، پر چور ۽ وڏو ماڻهو ٿي نه سگهيو آهيان. مان انهن هزارين لکين انسانن مان هڪ آهيان، جيڪي آفيس ۾ ڪم ڪندي موڳا مٽر ٿي ويندا آهن ۽ حالتن جي گهاڻي ۾ پنهنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ رات ڏينهن جدوجهد ڪندا آهن. اسين اخبارن ۾ ملڪ جي خوشحاليءَ جون خبرون پڙهندا آهيون ۽ خوش ٿيندا آهيون.

ان ڏينهن نرگس کي پنهنجي آڏو ڏسي جڻ ڏيل ڏري پيو. دل چاهيو ته چوانس ته منهنجو قد راوڻ کان ڊگهو ٿي ويو آهي. پر جيڪي چوڻ چاهيم، چئي نه سگهيم. ازل کان خاموش دل سيني جي مقبري ۾ ابابيل وانگر پرڙا هڻي هڻي ساڻي ٿي پيئي. اها گهڙي بڙڇي بڻجي هنياءَ ۾ چپڙ لڳي. جڏهن پويون دفعو نرگس مون کان ڌار ٿي هئي، تڏهن دل اداس هئي. ڪائنات جي ڪنڊ ڪنڊ اداس هئي. ان دفعي پڪ ٿي ويئي هيم ته هوءَ قيامت تائين منهنجي ٿي نه سگهندي. مان سندس ضد کان محبت جي ڪيپ ڪٽي نه سگهندس، ۽ منهنجو پيار سندس اخلاقي قدرن آڏو مات ٿي ويندو. اها رات اماس جي رات هئي.

نرگس ۾ مان سيبريز ريسٽورينٽ جي پڌر مان اٿي، ٻاهر واريءَ جي دڙن تي اچي ويٺا هئاسين. پريان سمنڊ ڪنهن ازلي عذاب ڪان ڦٿڪي رهيو هو. مون پنهنجون آڱريون نرگس جي آڱرين ۾ جڪڙي ڇڏيون هيون ۽ منهن ورائي سندس اکين ۾ نهاريو هوم. پريان اينڊڙ ٽيوب لائيٽ جي ميرانجهريءَ روشنيءَ ۾ ڏٺو هوم ته سندس اکين جي ڪنڊن ۾ لڙڪ تري رهيا هئا. هيٺيون چپ ڪنبي رهيو هوس. ڪاڏيءَ ۾ ڪپ پئجي ويو هوس. تڏهن ڪيس چيو هوم: ”اڄ کان پوءِ مان ڪڏهن به توسان ملڻ جي ڪوشش نه ڪندس نرگس. ڪڏهن به ملڻ جي ڪوشش نه ڪندس. اڄ کان پوءِ مان وڇوڙي جي علامت ٿي جيئندس. جڏهن به جڳ ۾ جدائي جو ذڪر ٿيندو، تڏهن مون کي ياد ڪيو ويندو.“

هوءَ وياڪل ٿي ويئي هئي. منهنجن آڱرين ۾ جڪڙيل سندس آڱريون نرم برف ٿي ويون هيون. تڏهن سڏڪن کي جهلي جهلي چيو هوم، ”اڄ جڏهن چاهيندي به مان توکي پنهنجو ڪري نه سگهيو آهيان، تڏهن سمجهان ٿو ڇڻ نصيب جي ٿالهه مان اياڳ جو وڏو حصو پنهنجي لاءِ ڪٽي ورتو اٿم.“

الاءِ ڪيئن، ٽٽل ڦٽل لفظن ۾ گهٽيل گهٽيل لهجي ۾ چيو هئائين، ”تنهنجي ايڏي محبت وقتي آهي چريا. تنهنجي آڏو آهيان، چاهين ٿو پري ٿيندس، وساري ڇڏيندين.“

هن ڇوڻ خاطر چئي ڇڏيو هو پري ٿيندس ته وساري ڇڏيندين: پر جيڪي چيو هئائين، تنهن جو مطلب نه سمجهو هئائين.

مان ڪيس وساري نه سگهيو آهيان. روحن جا رشتا وسارڻ سان نه وسرندا آهن. وساري سگهانس ها ته ان ڏينهن ڪيس اکين آڏو ڏسي جيءُ جهرندو نه پانيان ها. پاڻ جهلي وٺان ها. ماضيءَ کي وقت جو وهنوار سمجهي در وٺان هٿي وجان ها.

مان نہ هٽيس، در ۾ بيٺو رهيس. هوءَ اندر اچڻ لاءِ آتي ٿيڻ لڳي. در جي سامهون اچي بيٺي. سندس ڪاريون منيون ۽ گهاٽين پنبڻين واريون اکيون ڪاري عينڪ سان ڍڪيل هيون. مونکان لڪل هيون.

ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن ڏٺائين. تڏهن لپ اسٽڪ لڳل چپ ڏار ٿي ويس. وڏيل وڪ بيهجي ويس. چاٻين جي زنجير منهنجي نصيب وانگر سندس هٿ جي ترئيءَ ۾ بند ٿي ويئي. هن هٿ مٿي ڪري، عينڪ جي ڪمان ۾ آڱريون وجهي، عينڪ اکين کان ڏار ڪري ڇڏي.

نگاهون مليون تہ ڪجهہ دير لاءِ ڏار ٿي نہ سگهيون. هوءَ لاڳيتو منهنجين اکين ۾ ڏسندي رهي، پوءِ هن پاڻ سنڀالي ورتو. کليل چپ بند ڪري، ڪِيت ڏيئي عينڪ پرس ۾ رکي ڇڏيائين. ساڙهيءَ جو ڪريل پلئہ سنڀالي ورتائين، ڄڻ ڪجهہ نہ ٿيو هو. زندگي اتفاقن تي اڏيل آهي.

هوءَ ڇهن سالن ۾ نہ بدلي هئي. سال بدلجي ويا. وقت بدلجي ويو. دل جي دنيا بدلجي ويئي، هوءَ نہ بدلي هئي. هن جنهن شدت سان برداشت ڪرڻ سکيو هو. تنهن کي قبضي مان نہ ڪڍيو هئائين.

منهنجي سامهون اچي بيٺي، فقط هڪ لفظ چيائين، "تون!"

مان خاموش رهيس. طاق جي هئنڊل مان هٿ نہ ڪڍيم. وٺ نہ گهٽايم. ٿورو هٽي بيٺس. ڪيس اندر اچڻ لاءِ رستو ڏنم. هوءَ ساڙهي جو پلئہ سنڀاليندي، ذري گهٽ مون سان لڳندي، اندر هلي آئي. طاق جي هئنڊل مان هٿ ڪڍي ورتم. وٺ بند ٿي ويئي.

چيائين، "اچ."

اندر ۾ اٿيل طوفان کي دٻائيندي، آهستي چيم، "مون کي سڃاڻين ٿي نرگس."

هوءَ ويجهو هلي آئي. سندس ميڪ اپ، پرفيوم ۽ ڪولون جي

خوشبوءِ عذاب وانگر منهنجي روح ۾ داخل ٿي رهي هئي. ٻيهر، سارنگي جي سڏڪي وانگر، ڳيت ڏيئي ساڳيو لفظ ورجايائين، ”اڄ.“

تڏهن چيم، ”وقت جي پيرن ۾ زنجير وجهندا هئاسين اهو وقت گذري ويو نرگس.“

پاڻ سنڀالڻ لاءِ پرس هڪ هٿ مان ڪڍي ٻئي ۾ جهليائين. مون تان نظرون هٽائي ڪيفي جي پردن کي ڏٺائين. پوءِ واچ ۾ وقت ڏسندي گهٽيل آواز ۾، آواز- جيڪو ڇڻ سندس شڪست جو آواز هو، چيائين، ”مون وٽ منهنجا فقط پندرهن منٽ باقي آهن، مون کان منهنجا پندرهن منٽ وٺي مونکي پنهنجا پندرهن منٽ نه ڏيندين؟“

وراڻيم، ”مون پنهنجي سموري حياتي تنهنجي حياتيءَ سان مٽائڻ چاهي هئي نرگس، تو منهنجي آڇ ٺڪرائي ڇڏي، منهنجي دل ٽوڙي ڇڏيئي، اڄ پندرهن منٽ مٽائي ڇا ڪندين!“

هوٽل نه هجي ها، ويٽر ۽ گراهڪ نه هجن ها، ڪا اڪيلي ڪنڊ هجي ها، هوءَ روئي پوي ها. پنهنجا لڙڪ روڪي نه سگهي ها. هن ساڳي لهجي ۾ چيو ”مان ان لائق آهيان، مون کي تنهنجي حياتيءَ تي ڪو به حق نه هو.“

مان خاموش رهيس.

هُن جا ڇپر جهڪي آيا، چيائين، ”مون کي پنهنجا پندرهن منٽ نه ڏيندين.“

مون نه ڳالهايو.

هوءَ پاڻ تي ضبط ڪري رهي هئي، پر تڏهن به آواز ڪنبي رهيو هوس. التجا ڪيائين، ”اڄ نه.“

ڪيفي جي اپر فلور ڏانهن وڌي وياسين. هوءَ مون سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي. اڌ ڏاڪڻ ۾ چيائين، ”تون ڪيترو نه بدلجي ويو آهين.“

منهن ورائي ڏانهنس ڏٺم. پڇيم، ”مان بدلجي ويو آهيان!“
”ها.“ چيائين، ”تون بدلجي ويو آهين.“
”مان ساڳيو آهيان.“ وراڻيم، ”فقط سال بدلجي ويا آهن. وقت بدلجي ويو آهي. باقي مان ساڳيو آهيان. منهنجو غم ساڳيو آهي.“
سڏڪي وچڙيل لهجي ۾ چيائين، ”توکي پهرينءَ نظر ۾ ته اصل سڃاڻي ئي نه سگهيس.“
مون توکي ڏسڻ شرط سڃاڻي ورتو هو. چيم، ”تون هميشه مون کي نه سڃاتو آهي.“
چيائين، ”تون بدلجي ويو آهين. تنهنجون ڳالهيون نه بدليون آهن.“
اپر فلور تي پهچي هوءَ ٽوهر جي ڪونڊين وٽ بيهي رهي. هڪ ٽيبل کان سواءِ سڀئي خالي هيون.
هن ٽٽل آواز ۾ چيو، ”جنهن ڪنڊ ۾ اسين ويهندا هئاسين اها پريل آهي.“
مون ڏاکڻي ڪنڊ ڏانهن ڏٺو. هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري آمهون سامهون ويٺا هئا. سندن ڪتاب ۽ گائون ٽيبل تي رکيل هئا. ڇوڪرو ٻئي ٻانهون ٽيبل تي رکي، ڪجهه اڳتي جهڪي، ٽيبل جي ٻئي پاسي ويٺل ڇوڪريءَ سان ڳالهائي رهيو هو. ڇوڪري آڱر ڳل تي رکي، نگاهون سندس نگاهن سان ملائي، چپن تي مرڪ آڻي، دلچسپيءَ سان سندس ڳالهيون ٻڌي رهي هئي.
نرگس پڇيو، ”ڇا ٿو ڏسين.“
”ٻنهي جي چريائي.“
”چريائي؟“
”ها، چريائي.“ چيم، ”وقت پيار جو دشمن آهي نرگس. وقت جي هڪ هڪ گهڙي محبت جي هڪ هڪ جملي جي تربت آهي. هي

ٻئي نادان آهن. وقت کي محبت جي جملن جو نذرانو ڏيئي رهيا آهن. “
ٿڏو ساهہ کڻي چيائين. ”اڄ. ڪئڪٽس جي ڪونڊين وٽ ٿا ويهون. “
هوءَ پرس ۾ چابيون ٽيبل تي رکي. ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ڇڻ ٽڪل هئي. مان سندس سامهون ٽيبل جي ٻئي پاسي ويٺس.
جڏهن ساهہ جائيتو ٿيس. تڏهن چيائين. ”مان ڪڏهن ڪڏهن گرانڊ ۾ ايندي رهندي آهيان. “
”مان ڇهن سالن کان پوءِ اڄ پهريون دفعو آيو آهيان. “ وراڻيم. ”اڄ مون وٽ گرانڊ جي هڪ چانهہ ۽ هڪ پيٽس کائڻ جيترا پيسا هئا. تنهن ڪري هليو آيس. “
نرگس جواب نہ ڏنو. ڪئڪٽس جون ڪنڊيون ڏسندي رهي. ڪجهہ دير کان پوءِ چيائين. ”منهنجو نالو جيڪر ڪئڪٽس هجي ها. “
”اهو مان آهيان. “ وراڻيم. ”منهنجي حياتيءَ جي هڪ هڪ ساعت ٿوهر آهي. منهنجو وجود زهريلو آهي. مان ويرانين ۾ اسرندو آهيان. “
هوءَ هوٽل جي ڇت ۾ روشنين جا ترورا ڏسڻ لڳي. مون خالي ٽيبل ڏانهن نهاريو. دل پرجي آئي.
يادگيرين جي وير چڙهي ذهن جي واريءَ ۾ دفن ٿي ويئي.
ويٽر آرڊر وٺڻ آيو.
نرگس پڇيو ”ڇا پيئندين. “
”ڪجهہ نہ. “
”ڇو. “
”مان چانهہ پي اٿيو هوس جو در ۾ تون ملي وئين. “
”ڪافي پيءُ. “

”نہ، تون پيئہ.“

اکيون اداس ٿي ويس، اباڻکي ٿي ويئي، چيائين، ”سکندي سال ٿي ويا آهن، اڄ مون سان ڪافي پيئہ.“

دل ڏونگر هجي ها، ڏري پوي ها، سندس درد کي برداشت نہ ڪري ها.

چيائين، ”منهنجي ننڍي تمنا پوري نہ ڪندين.“

دل چاهيو تہ چوانس، مان تنهنجي هر تمنا پوري ڪريان ها نرگس، هر خواهش پوري ڪريان ها، پر تو منهنجي چاهت کي چريو ڀانيو مون کي ڇڏي ڏنئہ، مون کان ڊار ٿي، مون کي ازل جي اڄ ڏيئي ڇڏيئہ. اڄ هڪ ننڍڙي تمنا لاءِ التجا ڇو ٿي ڪرين؟ پر جيڪي چوڻ چاهيم، چئي نہ سگهيم، خاموش رهيس.

هن ويٽر کي ڪافي آڻڻ لاءِ چيو. ويٽر آرڊر وٺي هليو ويو. پڇيائين، ”اڄ گهڻن سالن کان پوءِ مليا آهيون.“

”ڇهن سالن کان پوءِ.“

”ڄڻ ڇهن صدين کان پوءِ مليا آهيون.“ پنبڻيون جهڪي آيس، پتلين تي پاڻيءَ جو تهہ چڙهي ويس.

”مونکي ڀانئجي ٿو ڄڻ ڇهن گهڙين کان پوءِ مليا آهيون.“ چيم، ”مان اهو منظر وساري نہ سگهيو آهيان جڏهن تو چيو هو : وڃ، وڃي ڊرامہ ۽ ڪهاڻيون لک ۽ ڪرڪيٽ راند ڪر، منهنجي چڪر ۾ پنهنجو وقت برباد نہ ڪر.“

چيائين، ”تنهنجو حافظو سٺو آهي.“

”هر بدنصيب انسان جو حافظو سٺو هوندو آهي.“ ورائيم، ”مان هونءَ وساري ڇڏيان ها، پر ان دفعي مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو پوڪن وانگر محبت جو اظهار ڪيو هو ۽ تو ڪلي ٽاري ڇڏيو هو.“

هن نظرون جهڪائي ڇڏيون، ڄڻ پشيماني لڪائي رهي هئي.

مون ٻئي ٻانهون ٽيبل تي رکي ڇڏيون. ڪجھ اڳتي جهڪي آيس. اندر جا اڌما ڪوري وانگر ڪامڻ لڳا. چيم، ”فقط عورتن زندگيءَ ۾ هڪ دفعو محبت ڪرڻ جو نيڪو نہ ڪنيو آهي نرگس. مرد بہ زندگي ۾ فقط هڪ دفعو محبت ڪندو آهي، ۽ پوءِ سڄي عمر ان پيار جي ياد سان دل جي اڪيلائين کي آباد ڪندو آهي.“

هوءَ اوچتو اداس ٿي ويئي. وڏين وڏين، ڪارين ڪارين اکين مان ڏک جا پاڇا ليئا پائڻ لڳس. ساڄي هٿ سان ڪاٻو ڪلهو جهلي هوءَ ٽيبل تي هڪ طرف نمي آئي. ڪاٻي ٻانهن ٽيبل تي اڇلي ڇڏيائين. اڌ ٻانهن تائين پاتل رنگارنگي ڪنگڻين مان بہ، چار ڪنگڻيون ٽٽي ٽيبل تي پکڙجي ويون. اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

”ڇا ٿيو نرگس.“ بيچين ٿي سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ کڻي ورتم، ”ڇا ٿيو نرگس.“

”ڪجہ نہ. ڪجھ بہ نہ.“

”ڪيئن آهين.“

”ٺيڪ آهيان.“ هن پاڻ سنڀالي ورتو. ٽيبل تان ڀڳل ڪنگڻيءَ جو ٽڪر کڻي، آڱرين ۾ ڦيرائيندي چيائين، ”تنهنجي ڊرامي جو هڪ جملو دل تي تري آيو آهي.“

”ڪهڙو.“

ٻڏل آواز ۾ چيائين، ”تو لکيو هو.... تو لکيو هو...“ هوءَ جملو پورو ڪري نہ سگهي، آواز جذبن جي اٿل ۾ لرهي ويس.

هن پنهنجو هٿ منهنجي هٿ مان ڪيڍي ورتو ”ايڏو برداشت ڪرڻ انسان جي وس کان ٻاهر آهي. نرگس.“ چيم، ”تون پاڻ تي ظلم ڪري رهي آهين.“

”ان لاءِ بہ مون وٽ تنهنجا لفظ آهن.“

”مون کي دل کان ڏار ڪري، منهنجن بيجان لفظن کي ڇو ياد

رڪيو اٿئي.“

جڻ پڙاڏي ۾ ڳالهايائين، ۽ منهنجي هڪ ڊرامي جو جملو ورجايائين، ظلم جڏهن انتها تي پهچندو آهي، تڏهن منجهائنس پنهنجي پيار جا پڙاڏا ايرندا آهن. مان دور افق جي هن پار پنهنجي پيار لاءِ واجهائيندي رهنديس، هر آواز کي پنهنجي پيار جو آواز سمجهي پاڻ کي پرچائيندي رهنديس.“

آواز ڪنبڻ لڳس، ڳورو ٿي، بند ٿي ويس، خاموش ٿي ويئي.

هن منهنجي هڪ ڊرامي ۾ ڪم ڪيو هو ان ڪانپوءِ، جنهن عرصي ۾ هو منهنجي اکين کان اوجهل ٿي هئي، تنهن عرصي ۾ زندگيءَ جي هزارين ڊرامن ۾ جيئندي مرندي رهي هوندي. پر تڏهن به منهنجا لفظ وساري نه سگهي هئي.

يونيورسٽيءَ جي ڊرامي فيسٽيول ۾ جڏهن يونيورسٽيءَ جي ڪا به ڇوڪري منهنجي ڊرامي ۾ حصو وٺڻ لاءِ راضي نه ٿي هئي، تڏهن اسان جو سوشل سيڪريٽري الاءِ ڪٿان نرگس کي وٺي آيو هو. نرگس جي باري ۾ پهرئين ڏينهن ڪنهن ڇوڪري جو رمارڪ ٻڌو هوم، ته بهادر آباد ۾ رهندي آهي، بلڪل چالو مال آهي.

ٻه ٽي ڏينهن ريهرسل ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي ڏينهن نرگس مون کان پڇيو هو” اهڙا اوپرا ۽ دقيانوسي ڊائلاگ ڇو لکيا اٿئي؟“

ان ڏينهن مون پهريون دفعو غور سان سندس منهن ۾ نهاريو هو. وراڻيو هوم“ ان ڪري جو مون اجا محبت نه ڪئي آهي.“

”سچ!“ هن پڇيو هو.

”ها.“ چيو هوم، ”محبت ڪرڻ کان پوءِ انسان، ماٺهو گهٽ ۽ ٻڪر وڌيڪ نظر ايندو.“

ڪجهه ڏينهن رکي، هن عجيب سوال پڇيو هو ”يونيورسٽيءَ جي ڇوڪرين تنهنجي ڊرامي ۾ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڇو ڪيو؟“

ڪيس ٻڌايو هوم "چو جو مان الوءَ وانگر گنڀير نہ آهيان، ڪنهن بہ فلم اسٽار جهڙو هئنڊسم نہ آهيان ۽ نہ ئي فلمي محبت جي لائق آهيان. مان مجنونءَ جو دشمن آهيان."

هوءَ کلڻ لڳي هئي.

"اڙي! تون کلي رهي آهين." ڪيس سمجهايو هوم: "اسان جي يونيورسٽيءَ ۾ توکي چپي چپي تي مجنون ۽ وک وک تي ليليٰ نظر ايندي، اسان يونيورسٽيءَ ۾ ان لاءِ ايندا آهيون تہ جيئن هڪ ڊگري حاصل ڪري وڃي نوڪري ڪريون ۽ پيٽ پاليون ۽ شادي ڪري ٻار پيدا ڪريون. عشق اسان جي تعليمي ادارن جي ايڪسٽرا ڪريڪيولر ايڪٽوٽي آهي."

هن مون کي چتائي ڏٺو هو ۽ پوءِ چيو هئائين، حق تي چوڪريون توکان ونئہ ٿيون وڃن." ۽ پوءِ جيترا ڏينهن ريهرسل هلندي رهي ،مان نہ چاهيندي بہ ڏانهس ڇڪبو هوس. شروعات ۾ جيڪو لاپرواهيءَ وارو رويو مون سان اختيار ڪيو هئائين، بدلجندو ويس. ريهرسل کان اڳ ۽ پوءِ جڏهن آرٽس آڊيٽوريم جي گرين روم ۾ اچي ويهندا هئاسين، تڏهن پهرن جا پهر گذري ويندا هئا. ڳالهيون نہ کٽنديون هيون. ابتيون سبتيون ڳالهيون جن جو نہ منڍ هوندو هو ۽ نہ پڇاڙي. ايئن ڪندي اهو نہ سوچيو هوم تہ مان ئي هوس جو دل جو نذرانو ڏيئي رهيو هوس: هوءَ هماليہ جي برف هئي، جميل هئي. اونهاري سياري کان بي نياز هئي. پر مان الاءِ ڇو محسوس ڪندو رهيس، تہ هوءَ مون کي چاهي ٿي. ڪيس مونسان، منهنجين هوائي ڳالهين سان پيار آهي. سندس انڪار رڳو زمان حال جي روڳي اخلاق جي ڦٽن تي خيالي پهو آهي، ڪيس سمجهايو بہ هوم، "چري، حياتيءَ ۾ هڪ گهريلو زندگيءَ جي ايتري ئي حقدار آهين، جيتري ڪنهن لاٽ صاحب جي ڌيءَ. فرق فقط ايترو آهي جو تنهنجو رازدار ڪو بہ ڪونهي ۽ انهن خانداني ڇوڪرين جا

هزارين رازدار هوندا آهن ۽ سندن رازن جو سلسلو هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين هلندو ايندو آهي.“

ڪلي وراڻيو هئائين، ”اهڙيون ڳالهيون ڪندين ته ماڻهو گدو بندر موڪلي ڇڏيندوءَ.“

”۽ پوءِ جڏهن هوءَ ويندڙ وقت سان گڏ ويئي هلي، تڏهن به ۽ اڄ به، اهو ئي محسوس ڪندو رهيو آهيان ته نرگس کي مون سان بي پناهه محبت هئي. هوءَ جيستائين جيئري رهندي، مون کي وساري نه سگهندي. جيڪڏهن وساري سگهي ها ته ان ڏينهن اداس نه ٿئي ها.غم ميڪ اپ جي تنهن کي ڦاڙي سندس منهن مان ظاهر نه ٿئي ها.

مان ڊاڪٽي ڪنڌ ڊانهن ڏسي رهيو هوس، جتي ڪو مون جهڙو چريو چاهت مان ڳالهائي رهيو هو. ڇوڪري گاڏون تي ٿونٽ رکي سندس ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، هو ساڳيءَ ڪنڌ ۾ ويٺا هئا، جتي گهٽو اڳ مان ۽ نرگس ويهندا هئاسين، ۽ وقت جي پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيندا هئاسين..

پڇيائين، ”ڇا ٿو ڏسين؟“

”جي.“ منهن ورائي سندس اکين ۾ ڏٺم.

پڇيائين، ”ڇا ٿو ڏسين؟“

چيم، ”خوابن جو ڪوهيڙو.“

چپ ٿي ويئي ٿڌو ساهه کڻي، سڌي ٿي ويٺي. مٿو ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان لڳائي ڇڏيائين.

پوءِ پڇيائين، ”ايم اي ڪيئه.“

”ها.“

”ڪهاڻيون؟“

”لکندو آهيان.“ وراڻيم، ”۽ هر ڪهاڻي سان گڏ پنهنجي مٿان ڊيموڪليس جو خنجر اٽڪائي ڇڏيندو آهيان.

”ٻ ڊرامہ؟“

”ڇڏي ڏنم.“

”ڇو؟“

”جڏهن خود زندگي جو ڊرامو غمناڪ ڪلائيميڪس ڏانهن وڌڻ لڳو آهي، تڏهن ڊرامہ لکڻ ۽ ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ بيڪار ٿو سمجهان.“

”ڪڏهن کان؟“

وراڻيم، ”جڏهن کان تون ڏار ٿي آهين.“

هڪدم ڪرسيءَ تان اٿي ويٺي. منهن ٻئي پاسي ڪري ٻہ چار وکون کڻي دري تائين هلي ويئي، پردو هٽائي ٻاهر ڏسندي رهي، ڪجهہ دير کان پوءِ موٽي آئي.

جڏهن ڪرسيءَ تي ويٺي، تڏهن چيم، ”جنهن ڏينهن منهنجي پيڙا تنهنجي ضبط کان مات کاڌي هئي نرگس، اهو ڄاڻندي بہ تہ توکي مون سان محبت آهي پر اقرار نٿي ڪرين، مون محبت جي شڪست قبول ڪري ورتي آهي.“

”مان تنهنجي لائق نہ هئس.“ هن آهستي چيو ”مون کي توسان محبت ڪرڻ جو ڪو بہ حق نہ هو.“

”دل ڏرتي ناهي، جنهن تي ڊڪٽيٽر شپ هلي سگهي.“ بيچين ٿي چيم. ”منهنجي محبت کان انڪار ڪري جيڪا ڪيپ کٽي اٿئي تنهن لاءِ توکي تمغو ملڻ گهرجي.“

چپ ڏندن ۾ پيڪوڙي ڇڏيائين.

مان چوندو رهيس، منهنجي دل ۾ درد جي جيڪا ڇيٽ ڪپي ويئي آهي، تنهن جو ڇيڪو مان روح جي گهراين ۾ محسوس ڪندو رهندو آهيان.“

چپن ۾ چيائين، ”توکي غلط فهمي ٿي آهي.“

”چا جي.“

” تہ مون کي توسان محبت آهي.“

”ڪوڙ نہ ڳالهاءِ.“ جڻ ڦاٽ ڪاڏم. ”توکي مون سان محبت هئي ،توکي مون سان محبت آهي، تون سدائين مون سان محبت ڪندي رهندينءَ.“

”مون کي توسان محبت ڪونهي.“

”آهي. توکي مون سان محبت آهي.“

”نہ نہ.“

” ان جو زبان سان اقرار نٿي ڪرين تہ چاٽيو.“ مان پاڻ روڪي نہ سگهيس چيم. ”پنهنجي دل کان پڇي ڏس نرگس. پنهنجي دل کان پڇي ڏس. انهن راتين کان پڇي ڏس، جن ۾ تون ڦٿڪندي رهي آهين، انهن اڪيلائين کان پڇي ڏس جن ۾ تون هنجون هاريندي رهي آهين. ان حياتيءَ کان پڇي ڏس جنهن جو هڪ هڪ ساهہ هيري جي ڪڻ وانگر تنهنجي وجود کي چيري ڦاڙي چٽ ڪري رهيو آهي.“

”بس ڪر خدا جي واسطي بس ڪر.“ هن اکيون بند ڪري ڇڏيون. چپ ڦڙڪڻ لڳس، سڄو بدن ڪنبڻ لڳس. آهستي آهستي ضبط ڪري ورتائين.

اکيون کولي منهنجي منهن ۾ ڏٺائين.

پشيمان ٿيندي چيم. ”مون کي معاف ڪر نرگس.“ چپن تي اداس مرڪ تري آيس. چيائين. ”چريا.“

”نہ نرگس.“ چيم. ”مون کي توسان اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي. ڪو بہ حق ڪونهي.“

”چريا تون ليکڪ آهين. توکي هر ڪا ڳالهہ چوڻ جو حق آهي.“ منهني هٿ تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيائين.

”ڪير ٿيندو آهيان مان. توسان اهڙيون اڏنگيون ڳالهيون

ڪرڻ وارو." مان چئي چپ ٿي ويس.

شايد ڳالهہ بدلائڻ لاءِ پڇيائين، "ڪرڪيٽ راند ڪندو آهين."

وراڻيم، "ڪرڪيٽ بہ تو وانگر منهنجي ٿي نہ سگهي."

ڏاڪڻيءَ ڪنڊ ۾ ويٺل ڇوڪريءَ ڇوڪرو اٿي ويا.

اپر فلور خالي ٿي ويو.

ويٽر ڪافي کڻي آيو.

نرگس ڪانئس پڇيو "هن کي سڃاڻين ٿو امام."

امام منهنجي منهن ۾ نهاريو ڇڱيءَ طرح جاچڻ کان پوءِ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيائين "نہ"

"هن کي سچ پچ نٿو سڃاڻين."

"نہ" هن مون ڏانهن ڏسندي وراڻيو.

پوءِ نرگس جڏهن کيس منهنجو نالو ٻڌايو تڏهن ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو، چيائين، "ڪيترو نہ بدلجي ويو آهي." پوءِ مون کان پڇيائين "ڪيئن آهيو ڪٿي آهيو ڇا ڪندا آهيو؟"

سندس سيني سوالن جو جواب هڪ ڏنم "مان جيئرو آهيان امام ۽ جيئرو رهڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهيان."

هن اچرج مان ڪنڌ لوڏيو ڇڻ منهنجو جواب سمجهہ ۾ نہ آيس، هو هليو ويو.

نرگس ڪافي ٺاهڻ لڳي.

مان ڏاڪڻيءَ ڪنڊ ڏانهن ڏسڻ لڳس، جتي گهڻو اڳ ڪانئس پڇيو هوم، "مون سان شادي ڪرين يا نہ ڪرين نرگس، فقط ايترو ٻڌاءِ تہ مون سان محبت ڪندي آهين؟"

تڏهن وراڻيو هئائين، "توهان مرد آهيو ايترو جلد عاشق ڇو ٿي پوندا آهيو؟"

جواب ڏنو هو تہ. ”اهو مرض پراڻو آهي پر مون کي شرت چندر جو ديوداس نہ سمجهجانءِ مان ديو آهيان، ديو ڪٽي ويندو مانءِ.“

”تون رومانٽڪ ٿيندو ٿو وڃين.“ هن ڪافيءَ جو ڪوپ وڏائيندي چيو هو ”اڇ ڪافي وٺ.“

”اڇي ڪافي وٺ.“ نرگس آهستي چيو.

ڇرڪ ڀري ڏانهس نهاريم. ٻنهي جملن جي وچ ۾ سالن جي وڇوٽي هئي. ڪوپ ڏانهن ڏٺم جنهن ۾ ڪافي منهنجي زندگيءَ جي ڪن وانگر ڦيرون پائي رهي هئي. ڪپ مان سپ ڀريم.

هوءَ ڏاڪٽي ڪنڌ جي خالي ٽيبل ڏانهن ڏسي رهي هئي. ڇڻ نگاهن سان ڪجهہ تلاش ڪري رهي هئي. ڪجهہ نہ مليس تہ سوريءَ تي لٽڪيل پڙدا ڏسي، پڙدن جي ڀرسان رکيل ڪئڪٽس جي ڪونڊين تي اکيون اٽڪائي ڇڏيائين.

مان جهونگارڻ لڳس.

”يادون منهنجون يادون ناهن، تو جيان ٿيون پرايون.
پل پل پٽڪن منهنجي من ۾ ماضيءَ جون پرڇايون.
صدين جو آ ساٿ مٺا سو پل ۾ ڪيئن پلايون.
اکڙيون ڀرجي آيون.“

سندس اکيون ڀرجي آيون، اداس ٿي ويئي، ٽڪ ٻڌي منهنجي منهن ۾ ڏسڻ لڳي. ڇڻ اکين مان ساهہ نڪري ويس. ماٺڪيون پٿر ٿي ويس.

کيس ڇُهيم، ”نرگس.“

”هون.“

”ڪيئن آهين نرگس“

منهنجي ڳالهہ جو جواب نہ ڏنائين. چپائين- ٿٿل ڦٿل آواز ۾ چپائين، ”مون کي خبر نہ هئي، مون کي خبر نہ هئي تہ تون.... تہ تون

وساري نہ سگھندين.“

وراڻيم، ”مان جيڪڏهن مري پوان نرگس ۽ موهن جو دڙو ٿي پوان تہ اج کان پنج هزار سال پوءِ منهنجي لاش مان ماڻهو تنهنجي ياد جا کنڊر کوٽي ڪڍندا.“

ڪجهہ دير تائين نہ هن ڳالهايو نہ مون.

مان اڌري ويل گفتگوءَ جا گم ٿيل جملا ذهن ۾ ورجائڻ لڳس. ماضيءَ جي وهہ ۾ ليئو پائي پنهنجي آواز جو پڙاڏو ٻڌڻ لڳس.

گهڻو اڳ، هڪ دفعي جڏهن روح ويڳاڻو ۽ من ملول هو، تڏهن نرگس کان پڇيو هوم، ”مون سان شادي ڇو نٿي ڪرين نرگس.“ هن منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو هو. منهنجي منهن ۾ ڏسندي رهي، مون سوال ورجايو هو ”مون سان شادي ڇو نہ ٿي ڪرين نرگس.“

تڏهن منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ بدران پڇيو هئائين، ”خبر اٿئي مان ڪير آهيان.“

۽ مون وراڻيو هو ”تون منهنجي آهين، منهنجي، ان کان وڌيڪ مان ڄاڻڻ نٿو چاهيان تہ تون ڪير آهين.“

تڏهن پڇيو هئائين، ”مون سان شادي ڪري دنيا آڏو ڪنڌ ڪڻي سگهندين؟“

لاپرواهيءَ مان وراڻيو هوم، ”منهنجو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي آهي، ما ن دنيا جو محتاج نہ آهيان.“

ڪجهہ دير خاموش رهي مون کي سمجهايو هئائين، ”چريا، مون سان شادي ڪري پنهنجو مستقل تباهہ ڪري ڇڏيندين.“

مون کي کل آئي هئي سندس بيوقوفي تي، ۽ چيو هوم، ”مان پاڪستان جي انهن نو ڪروڙ نوانوي لک، نوانوي هزار، اٺ سئو چاليهہ ماڻهن مان هڪ آهيان جن کي لفظ مستقبل جي معنيٰ نہ ايندي آهي، اسان جو مسقبل اجهي ۽ اٽي لاءِ جدوجهد آهي.“

هوءَ خاموش ٿي ويئي هئي. ڳالهائي نہ سگهي هئي. نرگس جي آواز ماضيءَ سان منهنجي ياد جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.

نرگس پڇيو "ڇا ڪندو آهين."

"مان ڏاند آهيان." وراڻيم، "ملڪ جو اقتصادي ۽ معاشي گاڏو هلائيندو آهيان."

"ڇا." هوءَ حيرت وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي، "گذريل ڏهن سالن ۾ * ملڪ جيڪا وحشت انگيز ۽ دهشت انگيز ترقي ڪئي آهي، مان ان ترقيءَ جو سبب آهيان." دل چڻ ڏري پيئي، چيم "توکان ڏار ٿي مان تمام وڏو ماڻهو ٿي ويو آهيان نرگس. ڪشمير کان ڪاڪس بازار تائين ڪارخانا منهنجا آهن. زمينون منهنجون آهن. مان ڏاڍو وڏو ماڻهو ٿي ويو آهيان. هي جو پاڪستان ۾ وليڪا، آدمجي ۽ باواني جا نالا ٻڌندي آهين، اهو مان آهيان. هندستان ۾ منهنجو نالو ٽاٽا، بولا ۽ جي بي منگهرام آهي مان هينري فورڊ آهيان."

هوءَ منجهي پيئي، چيائين، "منهنجو مطلب آ تہ."

"مان تنهنجو مطلب سمجهي ويو آهيان." لڇندي وراڻيم، "توسان شادي نہ ڪري مان سماجي رتبي ۾ قدآوار ٿي ويو آهيان. چاهيان تہ هٿ وڌائي هڪ سٽ سان آسمان کي ڌرتيءَ تي آڻي ۽ هڪ پل سان ڌرتيءَ کي آسمان جي جاءِ تي اٽڪائي ڇڏيان. ۽ خبر اٿئي، ايندڙ چونڊن ۾ مان صدارتي اميدوار ٿيندس."

پڇيائين، "ايڏو زهر ڪٿان آندو اٿئي."

وراڻيم، "ان سوال جو جواب پنهنجي دل کان پڇي ڏس."

چڻ ڪا اڻ تڻ هئس، پڇيائين، "نوڪريءَ ۾ تہ آهين نہ."

چيم، "ها، تو واري الله سائين جي فضل، يونيورسٽي ڊگريءَ جي ڪرم ۽ سرڪار سڳوريءَ جي مهرباني سان دال ماني ڪمائي وٺندو

* ون يونٽ ۽ ايوب خان وارا ڏهہ سال 1958ع کان 1968ع تائين

آهيان.“

”اوهہ.“ ڇڻ ساهہ ۾ ساهہ پيس، ”شڪر آ.“

ٻيهر خاموشي ڇانئجي ويئي.

ڪجهہ دير ڪان پوءِ هن واڇ ڏسندي چيو ”مون وٽ منهنجا باقي پنج منٽ آهن. وري وڇڙي، الاءِ زندگي ۾ ٻيهر ملي سگهنداسين يا نہ، مون کي پنهنجي باري ۾ ٻڌائي“

وراڻيم، ”مان جيڪي هوس اهو ئي هوس، ان ڪان پوءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو آهيان.“

منجهندي منجهندي چيائين، ”ٻڌو هو...ٻڌو هوم توسان گڏ، ڪجهہ عرصو اڳ ، هڪ ڇوڪري نظر ايندي هئي.“

ڪيس جواب نہ ڏنم، ڇتائي سندس منهن ۾ ڏٺم.

پڇيائين، ”ڪير هئي؟“

وراڻيم، ”هوءَ مونسان محبت ڪندي هئي.“

”توسان محبت ڪندي هئي.“ هن دک، درد ۽ دانهن کي جهلي جهلي پڇيو، ”ڪير هئي؟“

”مون سان يونيورسٽي ۾ پڙهندي هئي.“ وراڻيم، ”مان فائينل ۾ هوس، هوءَ آنرز ۾ هوندي هئي.“

پڇيائين، ”نالو ڇا هوس.“

”نسيمہ.“

”تون بہ...“ جملو پورو ڪري نہ سگهي، ڇڻ ساهہ سيني مان نڪري نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هوس، پوءِ ڪوشش ڪري جملو پورو ڪيائين.

”تون بہ ڪيس چاهيندو هئين.“

”مان؟“

”ها، تون.“

مان ماڻهو نہ. جيڪڏهن يوناني ڏند ڪٿا هجان ها، ڪيس سيني جا طاق کولي اندر جو منظر ڏيکاريان ها. سندس هڪ هڪ ياد جي چٽ ڪيس ڏيکاريان ها. دل جا گهاءَ ڏيکاريانس ها. مان فقط ايترو چئي سگهيس، "تون وئينءَ پاڻ سان سڀ ڪجهہ کڻي وئينءَ."

پڇيائين، "تون نہ چاهيندو هئينس ڇا"

سندس سوال ڀالو بڻجي منهنجي روح مان پار ٿي ويو. چيم، "تنهنجي قلبءَ جو موتي جيڪڏهن هيري جي ڪڻ آهي نرگس، تہ مان ڪائڻ لاءِ تيار آهيان."

هن جواب نہ ڏنو.

مون چيو "الاءِ ڇا ڏنو هو ڇري، منهنجي اداس اکين ۾، ٿڪل اکين ۾! تو جيڪو درد ڏنو هو سو ڏسي ورتائين، منهنجي بيپناهہ مايوسي ڏسي ورتائين. ڪيس ٻڌايم تہ ڇري توکي ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي. حياتيءَ جي اڪيلائي آهي. مسلسل خاموشي آهي. تنهنکي پنهنجو ڪري ڇا ڪندينءَ؟"

ٿڌل لهجي ۾ پڇيائين، "منهنجي باري ۾ ٻڌايو هوسين ڇا؟"

"ڪيس خبر هئي." وراڻيم، "يونيورسٽيءَ جي هڪ هڪ شاگرد کي خبر پئجي ويئي هئي تہ تون مون کان ڌار ٿي وئي آهين."

"پوءِ بہ توکي چاهيائين؟"

"ها." وراڻيم، "چيو هئائين، مان توکي، تنهنجين مايوسين سميت پنهنجو ڪريان ٿي."

ان وقت ويٽر امام آيو ادب سان اچي بيٺو. چيائين: "قادر سيٺ پنهنجي ڪار ۾ توهان جو انتظار ڪري رهيو آهي."

"چئينس، اچان ٿي." نرگس کهرائيءَ سان وراڻيو. ويٽر هليو ويو. ڪائنس پڇيم، "شادي ڪيئہ نرگس."

"نہ."

”تہ اجا ڪنواري آهين.“

”مون کي ڪنواري سڏائڻ جو حق ڪونهي.“

”اسان وٽ هر غير شادي شده عورت کي ڪنواري سڏائڻ جو حق آهي. وراڻيم, ”جيڪڏهن اهو حق ڪائنس ڦري ونجي تہ پوءِ جيڪر گهٽن ئي خاندانن جا ڏينگا ڏيري تي وڃن.“

نرگس ڪنبندڙهٿن سان پرس مان ڏهين رپئين جو نوٽ ڪڍي ٽيبل تي رکيو. مون نوٽ ٽيبل تان کڻي موٽائي سندس پرس ۾ وجهي ڇڏيو.

پڇيائين, ”ڇو.“

چيم, ”ڇا, مان ايترو حق بہ نٿو رکان.“

هن اکيون بند ڪري ڇڏيون.

مون بل جا پئسا ٽيبل تي رکي ڇڏيا.

پوءِ هن اکيون کوليون منهنجي منهن ۾ نهاريو. چيائين, ”مون شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“

ڇڻ سچ جو ٻرندڙ گولو ڌرتيءَ تي لهي آيو.

پڇيم, ”ڪڏهن کان.“

چيائين, ”منهنجي زندگي جو زوال شروع ٿي چڪو آهي.“

”تنهنجي ۽ منهنجي زندگي جو زوال ان وقت شروع ٿي ويو هو جڏهن توبي بي رابعہ بصريءَ جو رڪارڊ ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو هو. جڏهن منهنجي محبت کي پنهنجي ضد آڏو قربان ڪري ڇڏيو هئيہ.“ وراڻيم, ”اهو فيصلو اڄ کان ڇهہ سال اڳ ڇو نہ ڪيو هيئہ.“

”فائدو؟“

”منهنجي وجود ۾ زهر جو مقدار گهٽ هجي ها.“ ڏک وچان چيم, ”۽ تنهنجين اکين ۾ اڄ ڪنهن سهاري جي تلاش نہ هجي ها.“

هينئين چپ ۽ ڪاڏيءَ جي وچ ۾ ڪُٻ پئجي ويس, اکيون آليون

ٽيس، پر لڙڪ لڙي نہ سگهيس، هن نہ ڳالهايو.

مون ڳالهايو. "حالتون مون سان ۽ مان حالتن سان ڪڏهن بہ ناهہ ڪري نہ سگهندس. هن گهٽ ۾ مان جلد پوساڻجي مري وينديس."

هن ڇپر کڻي مون ڏانهن نهاريو.

چيم، "مرڻ کان اڳ توکان هڪ اعتراف ڪرائڻ چاهيان ٿو."

هوءَ مون ڏانهن ڏسندي رهي.

چيم، "مون سان پيار اٿئي نرگس."

سانجهيءَ جهڙي اداس مرڪ سندس چپن تي تري آئي، ڪنڌ کي هلڪو لوڏو ڏيئي منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيائين.

ٻيهر پڇيم، "مون سان پيار اٿئي نرگس."

ڪجهہ ترسي، اپن ساهن ۾ هڪ لفظ چيائين، "نہ."

چيم، "اهو انڪار مون ڏانهن ڏسي ڪر."

هوءَ هڪدم اٿي بيٺي، منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيائين.

ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.

چيائين، "مان وڃان ٿي."

"نرگس."

"جي."

"مون ڏانهن ڏس نرگس."

هن مون ڏانهن ڏٺو.

پڇيم، "زندگيءَ ۾ ڪڏهن مون سان محبت هيئہ."

هيٺئين چپ کي واڇ وٽان ڏندن ۾ پڪوڙي ڇڏيائين، جڻ ضبط جو آسمان ٽٽڻ لڳو هوس، پوءِ آهستي آهستي چيائين، "مون شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

مان ڏانهنس ڏسندو رهيس. ڪيس جواب ڏيڻ چاهيم، پر ڏيئي نہ سگهيم. پاڻ کي پولار ۾ پنواٽيون کائيندي محسوس ڪيم.

نرگس گھٽيل آواز ۾ ڳالهايو "توڇيو هو ڪو وقت ايندو جڏهن من کي، پنهنجو ارادو بدلائڻو پوندو."

"جنهن وقت جي تون ڳالهہ ٿي ڪرين، اهو وقت تنهنجي انڪار جو خنجر سهي، رت وهائيندو اڳتي وڌي ويو آهي." وراڻيم، "رت ڦڙن جي ياد ذهن ۾ شب خون هڻندي آهي. گهائل وقت موٽي نہ ايندو آهي، نرگس."

اسان هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا هئاسين، خاموش، اداس وياڪل ۽ وڃايل، جڻ انسان نہ، کنڊرن جا ٽٽل ڦٽل بت هئاسين. يا ڪنهن ڪهاڻيءَ جي المناڪ پڇاڙي هئاسين. منهنجي ٽيڻ ڪان منهن موڙي، نرگس نہ بي بي رابعہ بصريءَ جو ڪردار ٽوڙي سگهي هئي ۽ نہ مان ٽي، سندس خيال مطابق، سماجي افراتفريءَ ۾ پنهنجي لاءِ ڪو مٿانهون مقام ڳولي سگهيو هوس ۽ نہ ڳولي سگهيو آهيان. حالتن مون کي زهر ڏنو آهي، نرگس جو انڪار زمان حال جي ڦٽن تي پهو رکي نہ سگهيو آهي.

مان نانگ ڦڻ وانگر ويٺل: هوس ۽ هوءَ هرڻي وانگر هيسيل.

نرگس سڏڪن مليل آواز ۾ پڇيو جنهن ڇوڪريءَ سان محبت ڪئي هيئہ سا ڪٿي آهي."

وراڻيم، "منهنجي اکين آڏو آهي."

"نہ نہ" اداس ٿي ويئي، "هوءَ هوءَ جيڪا توسان محبت ڪندي هئي، يونيورسٽيءَ واري ڇوڪري."

چيم، "اهو ڇو ٿو پڇين."

"الاءِ" آواز وچڙڻ لڳس، "الاءِ ڇو...بس ائين ئي."

وراڻيوم، "منهنجو ڏک ۽ اڪيلائي ورهائي ونڻ لاءِ ان ڇوڪريءَ مون سان شادي ڪئي آهي."

مون سندس ڪلها جهڪندي ڏٺا. هڪ هٿ پيشانيءَ تي رکي،

مون ڏانهن ڏسڻ بنا چيائين، ”مان وڃان ٿي.“

منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ بنا ڏاڪڻ لهڻ لڳي.

ڪيس سڏيم، ”نرگس.“

هوءَ اُتي ڏاڪڻ ۾ بيهي رهي.

ٻه چار ڏاڪا لهي سندس پٺيان وڃي بيٺس. هن منهن نه ورايو.

”مون ڏانهن ڏس نرگس.“

هن منهن ورايو اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا هئس، سڏڪن جهڙي آواز ۾ چيائين، ”ڇئه“

منهنجو پنهنجو آواز اوپرو اجنبي ٿيندو ويو. الاءِ ڪيئن پڇيم، ”مان جيئندس ته وڇوڙي جي علامت ٿي جيئندس، پر نرگس، ڇا ڪڏهن به توکي مون سان محبت نه ٿي.“

لڙڪن کي اکين جي ڪنورن ۾ قابو ڪري ڇڏيائين.

آهستي انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيائين، ”نه“

۽ پوءِ هوءَ هڪدم ڏاڪڻ لهي، در کولي گرائونڊ مان ٻاهر نڪري وئي.

***

# غلام

هڪ سٺ پنجهٺ سالن جو پوڙهو پنهنجي وس آهر سائيڪل هلائيندو، منظور چيمبرس کان گاڏي کاتي جي چوڪ ڏانهن اچي رهيو هو. کيس خاڪي رنگ جي ڪٽل پتلون پاتل هئي، جنهن تي گوڏن وٽ چتيون لڳل هيون. مٿان پراڻو ميرو سيرو آمريڪن ڪوٽ پيل هوس، جنهن جو ڪلر تاجي-پيٺو تي ويو هو. ڪوٽ جي ٻانهن ۾ ٺونٺين وٽ آرپار ٽنگ هئا. ڪراڙي کي پيرن ۾ ڇڳل بوٽ، ۽ مٿي تي تيل ۾ ريت ٿيل جناح ڪيپ هئي.

پوڙهي جي منهن تي منجهيل سُٽ وانگر ريڪائون هيون ۽ اکيون وساميل وساميل، جن تي گول ڪاون واري عينڪ چڙهيل هئي. عينڪ جي هڪڙي ڪمان ڀڳل هئي ۽ ان طرفان عينڪ پوڙهي کي

ڪن تائين ڏور سان ٻڌل هئي. سندس ٻئي منيون سائيڪل جي هئنڊل ۾ هيون. هٿن جي مٿان رڳون اُڀري آيون هيس. هو سائيڪل تي اڳيرو جهڪيل هو.

پوڙهي جي سائيڪل به پوڙهي وانگر پوڙهي هئي. جيئن وائيءَ جي مريض جي سنڌ سنڌ مان ٽڙڪاٽ نڪرندا آهن تيئن پيڊل جي گهمري گهمري سان سائيڪل مان ٽڙڪاٽ نڪري رهيا هئا. سائيڪل جا ٻئي مڊگارڊ ڍڳل هئا. سياري جو صبح هو. جنوريءَ جو جوڀن هو. سج اڃا ڪني مس ڪڍي هئي. ولهه ۾ سائيڪل هلائيندو ۽ ڪڏهن سائيڪل جي هئنڊل ۾ ٻڌل ٿاڃي جي هٿ سنڀاليندو، ڳاڙي ڪاتي جي چوڪ وٽ اچي پهتو. چوڪ وٽان جڏهن هوش محمد شيدي روڊ ڏانهن ڦريو، تڏهن اوچتو پاسي واري گهٽيءَ مان نڪرندڙ موٽر جي منهن ۾ وڃي پيو.

موٽر هڪ ٽيهن ٻٽيهن سالن جو سانورو شخص هلائي رهيو هو. هن جي پاسي ۾ ڳوڙهو ميڪ اپ ڪيل، ڀريل بدن واري عورت ويٺي هئي. عورت ان شخص کان عمر ۾ به، چار سال وڏي پئي ڏٺي، پر تنهن هوندي به ميڪ اپ جي آڌار تي بيحد حسين پئي لڳي. سندس اکين تي ويڪري فريم واري عينڪ هئي، ۽ سندس نگاهون سڙڪ تي کتل هيون. هن جڏهن پوڙهي سائيڪل سوار کي اوچتو موٽر جي منهن ۾ ڏٺو تڏهن ڪانئس رڙ نڪري ويئي. "اوهه! ڇا ٿو ڪرين، مشتاق!"

مشتاق جو پير ايڪسيليٽر تان کڄي ويو ۽ وڃي بريڪ تي ڪُتو. موٽر نئين هئي، سڙڪ تان ترڪندي چيڪاٽ ڪندي، پوڙهي کان تر تان گسندي، اليڪٽرانڪ پول وٽ وڃي بيٺي.

پوڙهو ماحول کان بي نياز پنهنجي خيالن ۾ گم، سائيڪل ڪاهيندو هليو ويو.

"بدتميز! جاهل" عورت نفرت وچان چيو ۽ سندس سرخيءَ هاٺا

چپ نارنگيءَ جي ڦار وانگر ڏار ٿي ويا.

مشتاق جي منهن جو پنو لهي ويو. هو پريشانيءَ مان پوڙهي ڏانهن ڏسي رهيو هو. جيڪو پيڊل ڦيرائيندو، سائيڪل هلائيندو، هوش محمد شيدي روڊ تان اڳتي وڌندو پئي ويو.

”تون به ته الاءِ ڪهڙن خيالن ۾ گم هوندو آهين.“ عورت جي لهجي ۾ بيزاري هئي. ”پول سان هٽي چوويهن هزار رپين جي گاڏيءَ جي ستيا ناس ڪري ڇڏين ها.“ ۽ پوءِ دريءَ کان ٻاهر نهاريندي چيائين، ”انڌو منڊو به ڪرين ها.“

اوڙي پاڙي جا مرد، عورتون ۽ ٻار بريڪ جو آواز ٻڌي بالڪنين، درن ۽ درين مان ڳاٽ ڪڍي موٽر ڏانهن نهارڻ لڳا.

”هاڻ هلائيندي به، يا ماڻهن کي ٻيو ڪو ڪرتب ڏيکاريندين!“ عورت ٻاهر ٿي ويئي، چيائين، ”پهريون پيرڊ مون کي ونڃڻو آهي، جلد ڪر، هل.“

مشتاق موٽر اسٽارٽ ڪري، هوش محمد شيدي روڊ ڏانهن ڦري ويو.

”هڪ جاهل پوڙهي جي جان بچائڻ خاطر ڪار پول ۾ هٽين ها، ته مان ڊيڊي کي ڪهڙو جواب ڏيان ها.“ هوءَ ڇپن ۾ پڻ پڻ ڪندي رهي.

مشتاق ڪار هلائيندي، جهيڻي آواز ۾ چيو ”پر بهرحال ڪار ڪنهن انسان جي زندگيءَ کان ته اهم ناهي.“

”خبردار جو مون کي ترقي پسند افسانن جا جملا ٻڌايا اٿئي.“ عورت مشتاق ڏانهن ڪنڌ ڦيرائيندي چيو ”ڪار مون کي ڏاج ۾ ملي هئي، تنهنجي ڪمائيءَ جي ناهي جو درد محسوس ڪرين.“

مشتاق زخمي ڪيهر وانگر عورت ڏانهن ڏٺو پر ساڻس اک ملائي نه سگهيو. ٻئي خاموش هئا. عورت جا پينسل سان نهيل ڀرون سنوت

وڃائي ويٺا هئا. مشتاق جي نرڙ تي گهنڊ پئجي ويو هو. سخت سيءَ هوندي بہ، سندس نڪ تي پگهر جون بوندون اڀري آيون هيون. هن جون منيون اسٽيئرنگ تي جڪڙجي ويون. ڪار، ٽانگن ۽ رڪشائن کي پوئتي ڇڏيندي، ڦرندي، سرفراز ڪالونيءَ جي چاڙهي چڙهي ويئي، گرلس ڪاليج تائين پنهنجي پاڻ ۾ نہ ڳالهايو.

مشتاق ڪار آڻي ڪاليج جي در ٻاهران بيهاري، عورت پٿر جي بت وانگر پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويئي هئي. مشتاق ڪجهہ دير تائين عورت جي لهڻ جو انتظار ڪندو رهيو. پوءِ جڏهن ڪافي دير تائين عورت موٽر مان ٻاهر نہ نڪتي، تڏهن هن منهن ورائي عورت ڏانهن ڏٺو "اسان جي شاديءَ کي اٺ مهينا ٿي ويا آهن. پر توکي عقل الائي ڪڏهن ايندو." عورت منهن ورائڻ ڪانسواءِ اکين جي ڪنڊن مان مشتاق ڏانهن ڏسندي چيو. توکي هزار دفعا سمجهايو اٿم تہ عورت کي موٽر مان لاهڻ لاءِ مرد کي در کولڻو پوندو آهي."

مشتاق هڪدم موٽر مان لهي ،ڦري، ٻئي پسي جو در اچي کوليو. عورت ساڙهي سنڀاليندي، موٽر مان ٻاهر نڪري آئي. مشتاق ڦهڪائي در بند ڪري ڇڏيو.

عورت پنهنجي ڪوٽ جو ڪالر ٺاهيندي مشتاق ڏانهن ڏٺو ڪيس چڱيءَ طرح جاچڻ کان پوءِ چيائين، "توکي ڪيترا دفعا چيو اٿم تہ ڏينهن جو ءِ خاص ڪري صبح جو تکي رنگ جو سوٽ نہ پائيندو ڪر، هونهہ!"

مشتاق ڪيس جواب نہ ڏنو.

عورت چيو "بلو سوٽ تي اها بليڪ اسٽرائيپ جي ٽاءِ نہ ٻڌندو ڪر."

ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ عورت چپن ۾ چيو ۽ ڪاليج جي در ڏانهن وڃڻ لڳي. جتي پاسي کان هڪ ڪراڙو قبائلي چوڪيدار

اوورڪوٽ پائي، هڪ اسٽول تي ويٺو هو.
مشتاق عورت کي سڏ ڪيو: ”بانو!“
هن پوئتي نهاريو.
مشتاق وڏي وچي سندس سامهون بيٺو. ڪيس موٽر جون چابيون ڏيندي چيائين، ”منجهند جو توکي وٺڻ نه ايندس، گاڏي پاڻ کاهي وڃجان.
”ڇو؟“
”اڄ ڪجهه جرمن انجنيئر پلانٽ ڏسڻ ايندا، انهن سان هوندس.“
”ٺيڪ آهي گاڏي بند ڪري ڇڏ.“
مشتاق بانوءَ کان چابيون ورتيون، موٽر جا شيشا چاڙهي در لاڪ ڪري بند ڪري ڇڏيا، چابيون موٽائي آٽي بانوءَ کي ڏنائين.
بانوءَ پڇيو ”ڪڏهن واندو ٿيندين؟“
”شام ڌاري.“
”مان جالبيءَ سان فردوس ۾ فرسٽ شو ڏسڻ وينديس، دير سان گهر موٽنديس، متان فڪرن ۾ پئجي وڃين.“
مشتاق جي اکين مان اٽڪڻ ظاهر پئي ٿي.
بانوءَ چيو ”گهبراءِ نه، ڪو معمولي ماڻهو ناهي، تعليم کاتي جو وڏو آفيسر آهي.“
مشتاق اک ڇنڀڻ بنا ڪيس ڏسندو رهيو هوءَ بي پرواهيءَ سان موٽر جون چابيون ڦيرائيندي، ڪاليج جي لوهي در ڏانهن وڌي ويئي. قبائلي چوڪيدار اٿي ڪيس سلام ڪيو هن ڪنڌ لوڏي سندس سلام جو جواب ڏنو.
لوهي در کي وٽي هئي. وٽيءَ مان ٻه ليڪچرار ٻاهر ڏسي رهيون هيون. ٻئي ڪپڙي لٽي مان غريب گهر جون ٿي ڏٺيون. بانو جڏهن در مان اندر داخل ٿي، تڏهن ٻنهي مان جيڪا سنهڙي هئي ۽ جنهن جا

ڏند ڊراڪولا جي زال وانگر وڏا ۽ چهنبائي هئا. تنهن وات پاٽي ٿيندڙ انداز ۾ بانوءَ کان پڇيو "بانو ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ تنهنجو هسبينڊ هربرٽ اينڊ نڪلسن، فرم جو جنرل مئنيجر ٿيو آهي."

"نہ." بانوءَ بي پرواهيءَ سان جواب ڏنو "جلد جلد ٿي ويندو."

هوءَ ٻنهي کي اتي ئي ڇڏي، ڪاليج جي عمارت ڏانهن هلي وئي.

سنهڙي ليڪچرار چيو "ڪروڙ پتي پيءُ جي ڌيءَ آهي، مڙسهنس بہ ڏيڍ، بہ هزار رپيا پگهار ضرور ڪڻندو هوندو. هيءَ تڏهن بہ نوڪري ٿي ڪري!"

بندريءَ ۽ ٿلهيءَ ليڪچرار جواب ڏنو "اڄڪلهہ ليڪچراري ڪرڻ فيشن آهي."

" پر پاڻ ٻئي تہ پنهجن ياٿرن، پينرن ۽ ماءُ پيءُ جو پيٽ پالڻ لاءِ ليڪچرار ٿيون آهيون. سنهڙي ليڪچرار پنهنجا ڏند لڪائيندي چيو.

"ها." بندريءَ ليڪچرار وراڻيو "پر بانوءَ جهڙين جي بہ کوٽ ناهي. جيڪي فيشن خاطر ليڪچرار ٿينديون آهن."

سنهڙي ليڪچرار ڏند ڪڍي، حسرت مان مشتاق ڏانهن ڏسڻ لڳي.

مشتاق سڙڪ جي پاسي کان بيهي ٽيڪسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو. انتظار ڪندي، رکي رکي کوٽ جي ٻانهن مان ٻاهر نڪتل ڪف کي پري ڪري، روليڪس واچ ۾ وقت ڏسي پئي ورتائين.

ان وقت صبح جا ساڍا اٺ ٿيا هئا. ٿڌي هوا مشتاق کي پنهنجي جسم مان آرپار ٿيندي محسوس ٿي. هن کوٽ جا ٽيئي بٽڻ بند ڪري، ڪالر ڪنڌ تي چاڙهي ڇڏيو. بيٺي بيٺي جڏهن ٿڪو تڏهن ٻئي هٿ پتلون جي کيسن ۾ وجهي، هير آباد ڏانهن هليو ويو.

هوٽلن، ٻاڪڙن ۽ پان ٻيڙيءَ جي ماٺبڙين کان سواءِ، سمورا دڪان بند هئا. ماحول چڻ پاري ۾ ڄميو، سڪي، بيساهه، ٿي ويو هو، جنهن ۾ سرد هوا سرڪش روحن وانگر هلي رهي هئي.

اسپتال روڊ وٽ ترسي، مشتاق ٻيهر ڪنهن ٽيڪسيءَ يا رڪشا جو انتظار ڪرڻ لڳو. انتظار ڪندي، سندس نگاهون اجايو سجايو ڀٽڪڻ لڳيون. سامهون، رستي جي ٻئي پار، هڪ گاڏي وارو سيرو- پوريون وڪڻي رهيو هو. اتي جا پيڙا ترين تي ٽڦيندو، ويڪرا ڪندو، ٽهڪندڙ تيل ۾ وجهندو پئي ويو. پوريون ڪن ۾ ڦوڪجي، تيل جي مٿاڇري تي ترڻ تي لڳيون. پورين واري ڪفگير سان ڪڙهائيءَ مان پوريون ڪڍندو، پرڻ جهڙي ٿالهه ۾ گڏ ڪندو پئي ويو ۽ هڪ ميرو، گدلو ۽ ڄڙهه سان ٿڦيل ڇوڪرو، ٿالهه مان پوريون ڪڻندو، ٿالهين ۾ رکندو ۽ پاسي ۾ چولن ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي وجهندو، گراهڪن کي ڏيندو ٿي ويو. پورين واري جي گاڏيءَ جي ڀرسان هڪ رڪشا بيٺي هئي.

مشتاق سڙڪ لنگهي رڪشا وٽ اچي بيٺو.

رڪشا جو ڊرائيور پوريون کائي رهيو هو. هن منهن ورائي مشتاق ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ تڙ تڪڙ ۾ پورين جا ٻه چار گرهه وات ۾ وجهي، ٿالهيءَ مان انب جي اچار جي ڦار ڪڻي چوسڻ لڳو. سٽيا هٿ پنهنجي خاڪي پتلون جي پاسن سان اگهي، کيسي مان ريزگاري ڪڍي، ڳڻي، پورين واري کي پيسا ڏيئي، جڏهن پنهنجي رڪشا ڏانهن وڌيو تڏهن مشتاق رڪشا وٽان هلي اچي پورين واري جي گاڏي وٽ بيٺو. رڪشا واري اول حيرت ۽ ڪاوڙ وچان مشتاق ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ چپن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندو، مارڪيٽ ڏانهن هليو ويو.

مشتاق صبح جو نيرن تي ٻه اڌ تريل بيدا، مکڻ، مارمليڊ، پورج، چار توسٽ ۽ هڪ صوف کائي ٻه ڪوپ ڪافيءَ جا پي، گهران نڪتو

هو. ڊائو پيو هو پر تڏهن به ڪيس پورين ڪائڻ جي سڌ ٿي، ڪيس ميري گدلي ڇوڪري ڪان ڪراهت نه آئي. جيڪو ٿالهه مان پوريون ڪڍندو ٿالهين ۾ وجهي گراهڪن کي ڏيندو ٿي ويو. به پناڻ مزون ڪلهن تي ٽيڪم رکي، پوريون به ڪائي رهيا هئا ۽ پاڻ کي سيءَ کان بچائڻ لاءِ ڦاٽل ڪمبل کي جسم سان چهٽائي به رهيا هئا. هنن مشتاق ڏانهن ڏٺو سندس لباس ۽ ڊول ڏسي، ٻئي ڄڻا پنهنجيون پليٽون هٿ ۾ ڪڍي پري ٿي بيٺا. پورين واري به اچرج مان مشتاق ڏانهن ڏٺو پوءِ پنهنجي حيرت لڪائڻ لاءِ چيائين، "اچو اچو غريب جو گاڏو ضرور آهي، پر مون وٽ اڪثر وڏا وڏا ماڻهو موٽرن ۾ چڙهي پوريون کائڻ ايندا آهن."

"چار پوريون."

مشتاق جي رڪائي ڏسي، پورين واري جو منهن لهي ويو. ٿالهه مان چار پوريون ڪڍي، ٿالهيءَ ۾ رکي، ۽ ٻيءَ ٿالهيءَ ۾ ڇولن ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي ۽ انب جو آچار وجهي مشتاق آڏو رکيائين. مشتاق قميص جي ڪالر جو بٽڻ لاهي، ٽاءِ جي ڳنڍ ڪولي ڇڏي. به چار گرهه کائڻ کان پوءِ کيس ڪوٽ جي ٻانهن ۽ قميص جو ڪف منجهائڻ لڳو. هن ڪوٽ لاهي ٻانهن تي رکيو. ساڄيءَ ويٽيءَ تان ڪف اٿلائي ڇڏيائين. ولهه ۾ ڪيس ٿرڪڻي وٺي ويئي. هن تڙ تڪڙ ۾ گرم گرم پوريءَ جو اڌ ويڙهي سيڙهي وات ۾ وجهي ڇڏيو.

به ڀنگي پورين واري وٽ اچي بيٺا. ٻئي سندس ٻڌا گراهڪ هئا. ٻنهي کي پراڻا آمريڪي جئڪيٽ ۽ پتلون پاتل هيون. سندن وار ۽ مهانڊا فلمي ايڪٽرن جهڙا هئا. پورين واري جي ميري ۽ گدلي ڇوڪري هڪ هڪ ڪاغذ ۾ به پوريون رکي، مٿان آچار ۽ ڀاڄي وجهي ، ڏاڍي خبرداريءَ سان ڀنگين ڏانهن دونا وڌايا. ڪوشش اها ئي پئي ڪيائين، جيئن سندس هٿ ڀنگي جي هٿ سان نه لڳن. ٻئي ڀنگي پنهنجو پنهنجو دونو وٺي، فٽ پاٿ تي ويچي ويٺا.

مشتاق پورين ڪائي ڪيسي مان پنون ۽ پنونءَ مان هڪ رپئي جو نوٽ ڪڍي، پورين واري کي ڏنو. پورين واري ڪيس پنجهتر پيسا موٽائي ڏنا. ريزو ڪيسي ۾ وجهي، مشتاق جيئن ڦيرو ڪائي سڙڪ تي آيو تيئن ڪائين سان ڀريل هڪ ڏاند گاڏيءَ هيٺان ايندي بچي ويو. هو پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويو ۽ ڪائين جي ڀرين تي ويٺل ڳوناٽي ڏانهن لاڳيتو ڏسندو رهيو. پوءِ جڏهن ڏاند گاڏي پاسي واري گهٽيءَ ڏانهن ڦري ويئي، تڏهن پاڻ سنڀالي، ذهن کي جائيتو ڪري رستو اکري، مارڪيٽ ڏانهن هليو ويو. هلندي هلندي هن ٿاءِ ڪولي ڪوٽ تي رکي. ڪجھ راهگيرن منهن ورائي هن ڏانهن ڏسي پئي ورتو. هو سيءَ کان بي نياز ڪوٽ ٻانهن تي رکي، مارڪيٽ ڏانهن هلندو رهيو.

اسپتال روڊ تان ڪيس خالي رڪشا نظر آيا، پر هن ڪنهن کي بہ بيهڻ لاءِ اشارو نہ ڪيو. سندس وک تکي ٿي ويئي هئي. سول اسپتال ٻاهران مريضن ۽ سندن مائٽن جا وڳر بيٺا ۽ ويٺا هئا.

مشتاق اسپتال جي حدن ۾ داخل ٿيو در ٻاهران ويٺل چوڪيدار کيس سلام ڪيو. هو سلام جو جواب ڏيڻ کان سواءِ اڳتي هليو ويو.

ڪيزوئلٽي وارڊ مان ٿيندو، مشتاق جنرل وارڊ جي انچارج، ڊاڪٽر سليمان شاهہ جي ڪمري ۾ هليو ويو.

ڊاڪٽر سليمان شاهہ آرام ڪرسيءَ تي اڌ ليٽيل هو. سندس پير ۾ هيٽر رکيو هو. جنهن وقت مشتاق سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو، تنهن وقت هو هڪ مقامي اخبار ۾ سوشلزم خلاف ايڊيٽوريل پڙهي رهيو هو. هن اکين اڳيان اخبار هٽائي، مشتاق ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ اخبار رکي اُٿي بيٺو.

"تون! هن ويل؟ خير تہ آهي؟" سليمان شاهہ مشتاق کي جاچيندي پڇيو.

مشتاق خاموش رهيو. ڪوٽ ۽ ٽاءِ ٽيبل تي رکيو. پاڻ پلنگ تي ويهي رهيو.

ڊاڪٽر سليمان شاهه ويجهو ايندي ڪانئس پڇيو: "خير ته آهي نه، مشتاق؟"

مشتاق هيٽر ڏانهن ڏسي رهيو هو. ڪمري ۾ سيءُ گهٽ هو.

ڊاڪٽر ڪمبل کولي مشتاق جي ڪلهن تي وڌو ۽ پوءِ پٽيوالي کي سڏ ڪري، ٻه ڪوپ ڪافيءَ جا آڻڻ لاءِ چيو. ان وچ ۾ مشتاق پٿر جي پتلي وانگر خاموش ويٺو رهيو.

ڊاڪٽر سليمان شاهه پلنگ تي ويهندي پڇيو. "ڪيئن آهين مشتاق؟"

مشتاق ڊاڪٽر ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ پڇيو "لالو ڪيئن آهي؟"

"لالو؟"

"جنهن جي ٽنگ ۾ فرئڪچر آهي."

"اوهه، ٺيڪ آهي."

"پلستر چاڙهيو اٿائونس."

"ها."

مشتاق خاموش ٿي ويو. نڪ جي ڇهنب ۽ ڪنن جون پاپڙيون، گرم ٿيڻ لڳس، پاسرين مان سيءُ جو سيسڙاٽ گهٽ ٿيندو ويس.

"تون خاص هن لاءِ آيو آهين؟"

مشتاق ڪنڌ مٿي ڪري، ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو.

"ٽيليفون ڪرين ها."

مشتاق ڪيس جواب نه ڏنو.

ڊاڪٽر جهيڻي آواز ۾ پڇيو. "ڪٿان پيو اچين؟"

"آفيس کان."

"آفيس کان!"

”ها.“

”هن مهل!“

مشتاق هڪ ڪن لاءِ واڱڙين اکين سان ڊاڪٽر ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ چيو ”جرمن انجنيئر آيل آهن. انهن سان ڳوٺن جي گشت تي هوس، اڄ اسر ويل موٽيو آهيان.“

”گهر نه ويو آهين؟“

”نه.“

”ٽيليفون ڪري ڇڏ.“

”نه.“

”پاپيءَ کي انتظار هوندو“

مشتاق جي اک ڊاڪٽر سليمان شاهه جي چهري تي اٽڪي پيئي، ڊاڪٽر ششدر ٿيڻ لڳو.

مشتاق آهستي جهلي جهلي چيو ”بانو ڪاليج ويئي هوندي، ڊاڪٽر سليمان شاهه.“

ڊاڪٽر، پاڻ کي بيچين محسوس ڪيو.

پٽيوالو ڪافيءَ جا ٻه ڪوپ ٻه کڻي آيو.

ڊاڪٽر سليمان شاهه ۽ مشتاق سپ سپ ڪافي ڪافي پيئڻ لڳا. ٻنهي جا ڪنڌ جهڪيل هئا. ٻئي خيالن جي ڪاڪ محل ۾ گم هئا.

ڊاڪٽر سليمان شاهه وچولي قد جو هو. سندس منهن پريل ۽ اکيون وڏيون ۽ ميرانجهڙيون هيون. هو عمر ۾ مشتاق جي لڳ ڀڳ هو. اکين تي وس نه هوس، جي آئيني سمان هئس. من ۾ مونجهه هيس، ته اکيون به اداس پئي لڳس، هن ڪنڌ کڻي مشتاق ڏانهن ڏٺو.

مشتاق خالي ڪوپ ميز تي رکي، ڪلهن وٽان ڪمبل لاهي، هيٽر وٽ پيل آرام ڪرسيءَ تي اچي ويٺو.

”مشتاق“ ڊاڪٽر مشتاق ڏانهن ڏسندي چيو ”مشتاق ،اسان ٻنهي جون حالتون هڪ ٻئي کان مخفي نہ آهن.“

مشتاق ڪرسيءَ جي پٺيءَ کي ٽيڪ ڏيئي، ڊ اڪٽر ڏانهن ڏسڻ لڳو. ڊاڪٽر پنهنجون نظرون مشتاق جي نظرن کان بچائڻ لڳو.

مشتاق آرام ڪرسيءَ تان اُٿي ميز وٽ آيو ڪوٽ ۾ تاءِ ڪٽيندي، ڊاڪٽر کان پڇيائين، ”چوويهين بيڊ تي آهي نہ؟“

”ڪير؟“

”لالو.“

”ها.“

مشتاق ٻاهر وڃڻ لاءِ در جي هئنڊل ۾ هٿ وڌو.

”مشتاق.“

مشتاق ڊاڪٽر جو آواز ٻڌي پٺيرو رهيو.

ڊاڪٽر سندس پٺيان اچي بيٺو. ڪيس ڪلهي تي هٿ رکندي پڇيائين،

”ايڏي وڏي گهراڻي مان شادي ڪرڻ کان پوءِ خوش تہ گذارين ٿو نہ؟“

مشتاق جون اکيون بند ٿي ويون، سندس مٿو ڪجهہ پوئتي ٿي، ڪاٻي طرف جهڪي ويو. سٽ ڏيئي، در کولي ڇڏيائين. پوءِ اجهايل اجهايل اکين سان ٻاهر نهاريندي وراڻيائين، ”مان خوش آهيان، سليمان.“

ڊاڪٽر هن جي ڪڍ ٻاهر ورانڊي تائين هليو آيو.

”نہ، تون هل، مان وٽس اڪيلو ويندس.“

ڊاڪٽر پنهنجي ڪمري ڏانهن موٽي ويو.

مشتاق آهستي آهستي هلندو مريضن جي پلنگن وٽان لنگهندو بيڊ نمبر 24 وٽ اچي بيٺو.

لالوءَ جي ساڄيءَ ٽنگ تي سٿر تائين پلستر چڙهيل هو. هو هاٿي ڪانيءَ جو ويڪرو. منهن جو موچارو ۽ بدن ۾ وٽيل سٽيل هو. ڏيک ويک مان ئي ڳوٺاڻو پٽي لڳو. ڪيس مٿي تي پٽي ٻڌل هئي. هن جو منهن ڇت ڏانهن هو ۽ اکيون بند هيس.

مشتاق پنهنجو هٿ لالوءَ جي هٿ تي رکيو. لالوءَ منهن ورائي، اکيون کولي مشتاق جي منهن ۾ نهاريو. پوءِ سندس سڪل چپن تي مرڪ تري آئي.

”ڪيئن آهين، لالو؟“

”رب جا شڪرانا آهن؟“

”ڪا تڪليف ته نه اٿئي؟“

”ڄنگهه ۾ سخت سور آهي.“

”سور ته رهندو.“ مشتاق اسٽول تي ويهندي چيو ”ڀڳل تري آهي، ٻه چار ڏينهن سور ضرور رهندو. ٻي ڪا تڪليف؟“

”پوليس وارا ڏاڍا ڏيڄ ٿا اچن.“ لالو هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، ڏڪندي ڏڪندي چيو. ”چون ٿا، تو ڏاند ،گاڏيءَ سان ٽرڪ جي هڪ بتي ڀڃي وڌي آهي، تنهن ڪري توکي سخت سزا ملندي.“

”فڪر نه ڪر.“ مشتاق ڪيس دلداري ڏني، ”ان جو بندوبست به ٿي ويندو.“

”مون کي موت جي سزا ته نه ڏيندا نه؟“

مشتاق ٽڏو ساهه کڻي لالوءَ ڏانهن ڏٺو. لالو ٻي ڪا تڪليف؟“

”نه نه، ڪا به نه بلڪل نه.“ هن هڪدم وراڻيو.

”ڊاڪٽر صاحب تنهنجو...“ جملو ٽرسي، پيهر پورو ڪيائين. توهان جو سنگتي آهي نه، سو منهنجو ڏاڍو خيال رکندو آهي.“

مشتاق ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏيئي، لالوءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

لالوءَ پڇيو ”توهان کي ڪيئن خبر پيئي ته مون کي ڌڪ لڳا

آهن؟“

”مان ڊاڪٽر سليمان سان ڪيزوئلٽيءَ وٽ بيٺو هوس.“ مشتاق وراڻيو: ”توکي ڪٽي آيا هئا. تون بيهوش هئين.“

”تون،“ لالو ڪجهه چوندي چوندي، هبڪي بيهي رهيو. پيهر ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته فقط چيائين، ”توهان.“

”لالو.“ مشتاق هڪدم سندس جملو ڪپيندي چيو. ”ڳوٺ واري جنهن اسڪول ۾ پاڻ ٻئي پڙهندا هئاسين، اهو اڄ به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. لالو مان ڏسي آيو آهيان.“

”ها، برابر.“ لالوءَ وراڻيو. ”مٽيءَ جون سرون، انسان ڪان وڏيڪ جٽاءُ ڪنديون آهن.“

”پر مٽيءَ جون سرون انسان جي دل وانگر نه آهن جو ڏڙڪي سگهن.“ مشتاق ٿڌل آواز ۾ چيو. ”عمارتون ڍهن، ته صدين تائين بنياد سندن شاهدي ڏيندا رهندا. دل ڍهي، ته هميشه گم ٿيو وڃي.“

لالوءَ کي مشتاق جو جملو سمجهه ۾ نه آيو. هو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو.

بيڊ نمبر 25 جو مريض چنگهڻ لڳو. لالوءَ ڏاڍي رازداريءَ واري نوع ۾ چيو: ”چون ٿا ته ڪارو آهي، مٽي ۾ ڪيپراٽيءَ تي کھاڙيون لڳيون اٿس. ڪاري ٿڏي تي ماري وڌائون.“

”لالو.“ مشتاق سندس ڳالهه ۾ دلچسپي نه وٺندي، وراڻيو. ”اسين سي ميڪ اپ جي تهن هيٺان ڍڪيل ڪارا ڪاريون آهيون.“

هڪ ٿلهڙي ۽ پوري پني قد واري سانوري نرس لالوءَ جو بخار ڏسڻ آئي. ٿرماميٽر چنبڙي لالوءَ جي وات ۾ وڌائين. پوءِ پنهنجي گول ڪرائيءَ ۾ بڌل واچ ۾ وقت ڏسڻ لڳي. سندس اکيون وڏيون، ويڪريون ۽ گهاٽين ۽ ڊگهين پنبڻين سان ڍڪيل هيون. نڪ سنهڙو ۽ چپ ڊولائتا هئس، منهن ۾ بي پناهه ڪشش هئس. لالوءَ جي وات

مان ٿرماميٽر ڪڍي، ڏسي چارٽ ۾ داخل ڪري، ٻئي مريض وٽ وڃي بيٺي.

نرس جڏهن ڪجهه پرپرو هلي ويئي، تڏهن لالوءَ پنهنجي خوشيءَ کي لڪائيندي چيو "خبر اٿس ته توهين ڊاڪٽر صاحب جا سنگتي آهيو. تنهن ڪري مون سان مڙيوئي مرڪي ڳالهائيندي آهي. ٻين کي ته رڳو چڙٻيندي ويندي آهي." پوءِ کلندي چيائين، "مون کي سُئي ٻه آهستي هڻندي آهي! اها سڀ توهان جي مهرباني آهي."

مشتاق جا پرووڻ ڳتجي ويا. هڪ لونڊڙيءَ کان ٻيءَ لونڊڙيءَ تائين، نرڙ تي ليڪون اڀري آيس.

لالو خوش ٿيندي ڳالهايو: "توهان کي سڃاڻي ٿي، ڪالهه پڇيائين پئي ته مشتاق صاحب تنهنجو ڇا ٿئي، هو ته ڏاڍو وڏو ماڻهو آهي."

مشتاق جي منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو. نرڙ جون ليڪون وڌيڪ چٽيون ٿي ويس. اکين مان اندر جي آنڌ مانڌ ظاهر ٿي رهي هيس. ڪو پور هو، جو پاري وانگر اندر کي ڪائيندو پئي ويس.

"۽ خبر اٿو ته ڇا ٻڌايو مانس؟"

"ڇا؟" مشتاق ڇرڪي لالوءَ ڏانهن نهاريو.

"نرس جڏهن پڇيو ته مشتاق صاحب تنهنجو ڇا ٿئي، تڏهن خبر اٿو ته ڇا ٻڌايومانس؟" لالوءَ مشتاق ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ کلندي چيو "ٻڌايومانس ته مان توهان جو نوڪر آهيان."

مشتاق اسٽول تان اُٿي بيٺو. ڄڻ سرڪڻ ڦاهيءَ جي رسيءَ سان مٿي ڇڪجي ويو هجي. ڪنڌ جون رڳون سيٽجي ويس. ساهه ڪڍڻ لاءِ وات کوليو پيس.

مشتاق جو ردعمل ڏسي، لالوءَ جي چپن تان مرڪ غائب ٿي ويئي. مشتاق جي اهڙي اوپري ۽ اوچتي عمل جو ڪارڻ ڪيس سمجهه

۾ نہ آيو.

”لالو تنهنجي نند يڙ ۾ هڪ ڳوناٽي سنگتي هوندو هو نہ. مشتو جنهن جو پيءُ ٽپالي هو.“ مشتاق گهٽيل ۽ ٻوساٽيل آواز ۾ چيو ”۽ تنهنجو سنگتي مشتو جيڪو توسان گڏ اسڪول جي ٿڏي تي ويهندو هو سو اجا جيئرو آهي، سو ساڳيو مُشتو اجا جيئرو آهي.“

مشتاق وارڊ ۾ ويهي نہ سگهيو. نرس، پريان، اچرج وچان ڏانهس نهاري رهي هئي. هو ٽڪرين ٽڪرين ۾ رانگهون ڪٽندو جنرل وارڊ مان هليو ويو. اسپتال جي حدن مان نڪري، هو روڊ تي اچي بيٺو. سج چڙهي آيو هو. ولهہ جهڙي هوا. تير وانگر تيز نہ هئي. بازار کلي ويئي هئي.

مشتاق هٿ جي اشاري سان هڪ رڪشا واري کي بيهاريو. رڪشا ۾ ويهندي چيائين. ”قليلي پريت آباد.“

رڪشا. حيدرآباد جي لاهين چاڙهين تان ڊوڙندي، ورن وڪڙن وارن رستن ۽ سوڙهين گهٽين مان لنگهندي، جهاڪا کائيندي، پريت آباد پهتو. مشتاق رڪشي واري کي هڪ ڪچي گهر آڏو بيهڻ لاءِ چيو. رڪشا بيهي رهي. مشتاق رڪشا واري کي ڀاڙو ڏيئي، گهر جي در وٽ اچي پهتو ڪڙو ڪڙڪائي، هو در کلڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ڀاڙي جا اڌ اگهاڙا ٻار سيءَ ۽ گرم ڪپڙن کان بي نياز سوڊا واٽر جي بوتن جي ڍڪڻن، سگريٽن جي خالي پاڪيٽن ۽ چدن سان راند ڪري رهيا هئا. ڪجهہ ٻار ڪني پاڻيءَ جي ڪسيءَ تي قطار ۾ ويٺا هئا. ۽ ڪرفتي ڪري رهيا هئا ۽ ڪرفتي ڪندڙ ٻار ڳالهائي بہ رهيا هئا. ۽ هڪٻئي کي ڪني پاڻيءَ جا ڇنڊا بہ هڻي رهيا هئا.

ڪچي گهر جو در هڪ ڪراڙيءَ عورت کوليو. سندس مٿي جا وار ڪير وانگر اڇا هئا. منهن تي ماضيءَ جون ريڪائون اپريل هيس، اکيون ميرانجهڙيون، نظر ڪمزور ۽ ڪنن جون پاپڙيون ڦڙڪندڙ

هيس.

هوءَ ڪجهہ دير تائين مشتاق ڏانهن ڏسندي رهي، ڪيس سجاڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، ۽ پوءِ اوچتو سندس ڪمزور جسم ۾ جڻ زندگيءَ جي ڀرپور لهر موٽي آئي، هن ٻئي ٻانهون کولي ڇڏيون. ”مُشتو منهنجا ابا..!“

مشتاق ماءُ جي ٻانهن ۾ هليو ويو. پنهنجون ٻانهون ماءُ جي پٺيءَ کان ورائي، ڪيس ڏرتيءَ تان کڻي ورتائين. اندر اٿل ڪاڻ لڳس، اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

ماءُ ڪيس پٺيءَ تي هٿ ڦيرائڻ لڳي، ”منهنجا ٻچڙا شل جڙيو هجين.“

مشتاق ماءُ کي ڏرتيءَ تي لاهي، ڪيس کلهن کان وٺي جاچڻ لڳو. ماءُ پنهنجن ڪمزور، گهنجيل تڙڪندڙ هٿن سان پٽ جي منهن تي پيار ڪرڻ لڳي، ”الله شل تارن جيڏي عمر ڏيئي!“

ماءُ مشتاق جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، پنهنجيءَ پر ۾ ڪيس گهليندي، اڱڻ مان اڪلائيندي، وراندي ۾ وٺي آئي. هن وڏي اڪير مان چيو، ”ڏس مشتوءَ جا پيءُ ڏس تہ ڪير آيو آهي!“

مشتاق جو پيءُ هڪ اسٽول تي ويٺو هو. سندس هٿ ۾ تيل جي پچڪاري هئي، جنهن مان پراڻي سائيڪل جي چين ۾ تيل وجهي رهيو هو. هن آواز تي هٿ روڪي، ڪنڌ مٿي ڪري گهر واريءَ ڏانهن نهاريو.

”ابا مشتو تون؟“ هو تيل جي پچڪاري فرش تي رکي، اُٿي بيٺو.

پيءُ پٽ ڪجهہ دير تائين هڪٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا. پيءُ کان جذبن جي اُٿل ۾ ڪجهہ اڪلي نہ سگهيو. پوءِ سائيڪل ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، ”منهنجي سائيڪل بہ مون وانگر پراڻي ٿي ويئي آهي، پرزي پرزي مان تڙڪاٽ ٿا نڪرنس.“

مشتاق پيءُ ڏانهن ڏسندو رهيو.
پٽس ڪجهه دير ترسي، پيهر چيو ”تيل ڏيندو آهيانس ته ڏهه ٻارهن ڏهاڙا ڪيڏي ونندي آهي.“
ماءُ چيو ”ويهي رهه نه ابا.“
مشتاق واڻ جي کٽ تي ويهي رهيون، ۽ جهڪيل نگاهن سان پيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو.
پٽس جي پتلون گوڏن وٽان ڪٽل هئي، جتي چتيون لڳل هيون. مٿان پراڻو آمريڪن ڪوٽ پاتل هوس، جنهن جو ڪالر تاجي پيٽو ٿي ويو هو. ڪوٽ جي ٻانهن ۾ ٿونٽيين وٽ آر پار ٽنگ هئا. پوڙهي کي اکين تي گول شيشن واري عينڪ چڙهيل هئي، جنهن جي هڪ ڪمان ڀڳل هئي، ان پاسي عينڪ ڏور سان ڪن تائين ڪشيل هئي.
هن مشتاق کان پڇيو ”سيٺ ولي محمد ته سنو ٿو هليئي نه؟“
مشتاق جواب ڏيڻ بدران، پيءُ کان نگاهون ڦيري ٻئي طرف ڏسڻ لڳو.
پوڙهي پنهنجو جملو ورجايو ”سيٺ ولي محمد ته سنو ٿو هليئي نه؟“
مشتاق پيءُ جي گهنجيل منهن ۾ ڏسندي وراڻيو ”سيٺ صاحب هر ڪارآمد شيءِ جو قدر ڪندو آهي. هو پنهنجن ٻن بلتري ڪتن سان به ڏاڍو سنو ورتاءُ ڪندو آهي.“
”ڏاڍو نيڪ آهي، ابا!“ ڪراڙي چيو ”نه نه ته چا مان لهان، ۽ چا هوا سچاٽي ايترو جو خط ڏيڻ ويندو هومانس. ڪيئن نه توکي پنهنجو ڪري ورتائين“
”بابا.“ مشتاق گهٽيل آواز ۾ چيو ”ٿوهر کي پيوند نه لڳندو آهي، بابا، اسين ٿوهر آهيون.“
پوڙهي کي پٽ جو جملو سمجهه ۾ نه آيو، هو پنهنجي گهر واريءَ

ڏانهن ڏسڻ لڳو. ماءُ اچرج وچان پٽ ڏانهن نهاري رهي هئي.

پوڙهي ڳالهه بدلائڻ لاءِ چيو. "پٽ مشتو هو تنهنجو سنگتي آهي نہ ڇا نالو اٿس، جيڪو ڊاڪٽر بہ آهي؟"

"ڊاڪٽر سليمان شاه."

"ها، سليمان شاهہ." پوڙهي جي منهن تي مرڪ تري آئي. "سليمان وٽ هن تيل جي پچڪاريءَ جهڙي ڪا دوا جي پچڪاري نہ آهي، جنهن سان منهنجي گوڏن کي تيل ڏئي."

مشتاق اک ڇنڀڻ بنا پيءُ ڏانهن ڏسندو رهيو.

پٽس پنهنجن گوڏن تي هٿ ڦيرائيندي چيو اٿين ٿو پانيان، ڄڻ گوڏن جي ڍڪڻين هيٺان مِکَ ختم ٿي ويو آهي."

مشتاق ورائيو "مان سليمان کي هتي وٺي ايندس."

"هيءُ هن گهر ۾."

"ها."

"نہ نہ ڊاڪٽر سليمان هن گهر ۾ ڪيئن ايندو."

"ڇو نہ ايندو هيءُ منهنجو گهر آهي."

"پر هو ڇا سوچيندو تہ هيڏي وڏو ماڻهوءَ ــ"

"بابا." مشتاق جو آواز سخت کهروءِ ڇنو ٿي ويو. هن پيءُ جو جملو ڪپيندي چيو "بابا، سليمان جو پيءُ ڪمپائونڊر آهي، سليمان پنهنجي پيءُ سان پناڻ ڪالوني جي ڪچي گهر ۾ رهندو آهي."

"نيرن ۾ ڇا ڪائيندين؟" ماءُ مشتاق کان پڇيو.

"مان نيرن ڪري آيو آهيان."

"پلا چانهہ چڪڙو ئي ڪٽي پيءُ."

"ها، چانهہ پيئندس." مشتاق ماءُ ڏانهن ڏسندي چيو.

"مان اڄوڪو ڏينهن هتي رهندس."

"شل بچين!" ماءُ کي ڄڻ خوشين جو خزانو ملي ويو. هن وڏي

اڃي ڪيس ڳل تي مٺي ڏني، ۽ پوءِ چانهه ناهڻ لاءِ رڌڻي ڏانهن هلي وئي.

پوڙهو عينڪ لاهي، قميص جي پلاند سان ڪاوا اگهڻ لڳو. ڪاوا اگهي، هو اٿي بيٺو ۽ پوءِ آهستي آهستي هلندو اندرين ڪوٺيءَ ڏانهن هليو ويو.

مشتاق واڻ جي کٽ تان اُٿي، اسٽول تي اچي ويٺو. فرش تان تيل جي پچڪاري کڻي سائيڪل جي چين کي تيل ڏيڻ لڳو. چين کي تيل ڏيڻ کان پوءِ هن سائيڪل اونڌي ڪري، هينڊل ۽ گاديءَ جي آڌار تي بيهاري، ۽ پاڻ به اٿي بيٺو ۽ ڦيٿن جي گراڙين ۾ تيل ڏيڻ لڳو. هو هڪ هٿ سان گراڙين ۾ تيل ڏيڻ لڳو ۽ ٻئي هٿ سان ڦيٿو به ڦيرائيندو ويو. پوين ڦيٿو ڦيرائي، هو ابتي طرف هٿ سان پيڊل هلائڻ لڳو.

ماءُ چانهه جو ڪوپ کڻي آئي. مشتاق کي ڪوپ ڏيندي چيائين، ”چا پيو ڪرين، پٽ؟ ڏس ته، قميص ۽ پتلون تيل جي ڇنڊن ۾ ڇڙهه ڪري ڇڏيئه!“

چين جي ڦيٿن ۽ گراڙين مان نڪتل تيل جي ڇنڊن مشتاق جي قميص جو اڳو ۽ پتلون ڇڙهه ڪري ڇڏي هئي.

ماءُ ڪوپ مشتاق کي ڏيئي، اندرينءَ ڪوٺيءَ ڏانهن هلي وئي. مشتاق اسٽول تي ويهي رهيو ۽ سپ سپ ڪري چانهه پيئڻ لڳو.

اندران هن ماءُ جو آواز ٻڌو: ”واهه، مشتوءَ جا پيءُ واهه! ٻچڙو ڪنهن قضاني مسين مسين تي گهر آيو آهي، ۽ تون پنهنجو ڪم هن جي ڳچيءَ ۾ وجهي هتي اچي ليٽي پيو آهين!“

”بابا کي آرام ڪرڻ ڏي، امان!“ مشتاق ٻاهران چيو. ماءُ ٻاهر هلي آئي، واڻ جي کٽ تي ويهندي چيائين: ”جڏهن کان پٺهين پينشن تي ويو آهي. تڏهن کان ٿوٽي ٿي پيو آهي، رڳو ٿو ننڊون ڪري.“

مشتاق خاموش رهيو ۽ چانهه پيئندو رهيو.

ماءُ حب وچان پٽ ڏانهن نهاريندي رهي هئي، کيس ڏسندي چيائين، ”چانهه پيءُ وٽ تہ هڪ خوشخبري ٻڌايانءِ.“

”نظير ڪٿي آهي؟“

”درزيءَ کان ڪپڙا ڪڻڻ ويو آهي.“

اندران پوڙهي ڳالهايو ”اڄڪلهه درزين جا ريٽ بہ ڳاٽي ڀڳا تي ويا آهن.“

ماءُ آهستي چيو ”پٺيين ڪي چيم بہ تہ موديءَ مئي کان قرض نہ ڪڻ، هڪ ڏينهن جي تہ ڳالهہ آهي. مشتو جا ڪپڙا پائي ويندو پر چئہ جو ڪٿي منهنجي مڃي.“

”ڪهڙا سرياٽ ويٺي ڪرين؟“ اندارن پوڙهي رڙ ڪئي.

”نظير انٽرويو تي ويندو ڇا؟“ مشتاق پيءُ کان پڇيو.

”ها، آهي مڙيئي انٽرويو.“ پٽس اندران جواب ڏنو ۽ پوءِ اٿي آهستي آهستي هلندو مشتاق جي پرسان کٽ تي اچي ويٺو. مشتاق کي هڪ ڪاغذ ڏيندي چيائين، ”اچي، پڙهہ.“

”اها ڳالهہ تہ مان ٻڌائڻ تي هيس.“ ماءُ چيو.

”هاڻي ٺهيو.“

مشتاق ڪاغذ کولي پڙهڻ لڳو.

ماءُ خوش ٿيندي چيو ”پر ٻي خوشخبري مان ٻڌائينديمانس!“

ڪاغذ، نظير لاءِ اسماعيل احمد ياٽي انڊسٽريز ۾ اڪائونٽنٽ جي عهدي جو اپائنٽمينٽ آرڊر هو. پگهار اٺ سو رپيا. مسواڙ بہ سو رپيا، ياڙو پيتو تي سو رپيا ۽ علاج وغيره ڪمپنيءَ جي خرچ تي. ترقي جي سلسلي ۾ جاڻايل هو تہ ٽن سالن کان پوءِ کيس چارٽر ڪرڻ لاءِ انگلينڊ موڪليو ويندو، جتان موٽڻ کان پوءِ کيس ٻہ هزار رپيا ماهوار پگهار مسواڙ ۽ ياڙا پتا ڏيڍ هزار ڪن، هر مهيني ملندا.

ڪاغذ تي مشتاق جون نگاهون ڄمي ويون. سندس لاشعور ۾ دڪندڙ ڇٽڻنگ تان رڪ لهڻ لڳي. هن روح تائين سيڪ محسوس ڪيو. ڪيس ٻه سال اڳ جو منظر ياد آيو. جڏهن هن کي سيٺ ولي محمد نڪلسن فرم ۾ اسسٽنٽ مئنيجر ڪري ڪڍايو هو. هن پنهنجو اپائنٽمينٽ آرڊر وڏي واڪ ماءُ کي پڙهي ۽ ترجمو ڪري ٻڌايو هو. انگن اکرن جو ترجمو ڪري ٻڌايو هئائين. ان کان پوءِ جيڪي ڪجهه تي گذريو هو سو مشتاق جي دل تي اڪريل هو.

"هاڻي ٻي خوشخبري ٻڌ."

ماءُ جو آواز ٻڌي، هو خيالن جي ڍڙ مان نڪري آيو.

"نظير جي شاديءَ جي ڳالهه ٻه پڪي ٿي ويئي آهي." ماءُ گد گد ٿيندي کيس ٻڌايو اڄ ساهري گهر ويندو. کيس ڏسندا."

مشتاق سڪل چپن کي ڏندن ۾ پيڪوڙي چڏيو.

"ڪيئن ٿو پائنين" پوڙهي پنهنجي جوان پٽ ڏانهن ڏسندي پڇيو.

"خبر اٿئي ته ٻانهن ڪٿان ملي آهي؟ ماءُ ساڳي طرح خوش ٿيندي ڳالهايو. "تنهنجي ساهرن کان به وڌ گهراڻو مليو اٿس."

مشتاق اپائنٽمينٽ آرڊر جو ڪاغذ ويڙهي، پيءُ کي موٽائي ڏنو. پٽس ڪاغذ ڏانهن فخر سان ڏسندي چيو، "سيٺ اسماعيل احمد پائيءَ جي وڏي ڌيءَ آهي."

مشتاق ڇرڪي پيءُ ڏانهن نهاريو.

"ڏس." پوڙهو ان ردعمل تي خوش ٿيو چيائين: "حيرت وٺي ويئي نه؟ پائي، غريب ٽپاليءَ جا پٽ آهيو ته ڇا ٿي پيو. نصيب ڪليڪٽرن جي پٽن جهڙا اٿو!"

"بابا." مشتاق دريءَ وٽ وڃي بيٺو. ٻاهر نهاريندي چيائين. بابا. سيٺ اسماعيل احمد پائي جون ٽي نئديون ڊيئرملڪ جي وڏن

ڪارخانيدارن ۽ سرمائيدارن جي گهرن ۾ آهن.“ پوءِ دريءَ کي پٺي ڏيئي، پيءُ ڏانهن منهن ڪندي چيائين، وڏي ڏيءُ جي باري ۾ هن اسان جيتامڙن تي کهل جي نظر ڇو ڪئي آهي؟.

پٽس جو ڪنڌ ۽ مٿو سوال جي نشانيءَ وانگر ڪلهن ڪان اڳتي نڪري ويو. عينڪ اکين تان گهرڪي، نڪ جي ناسن وٽ اچي پهتس، مشتاق جو سوال ڪيس گوهيون ڏيڻ لڳو.

ماءُ جي ڪاڏي لتڪي پيئي، هن اول پٽ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ متجسس نگاهن سان پنهنجي گهر واري ڏانهن ڏسڻ لڳي.

پوڙهي پاڻ سنڀالي ورتو. عينڪ اکين تي قابو ڪندي ڦڪي کل کليو. چيائين، ”جيئن تنهنجو نصيب جاڳيو هو، تيئن نظير جو نصيب به جاڳايو آهي.“

مشتاق کي پنهنجي ڪنڌ تي پگهر محسوس ٿيو. مٿيون پيڪوڙجي ويس، چپر ڳرا محسوس ٿيڻ لڳس، هن جهيٽي پر چٽي آواز ۾ پيءُ کان پڇيو ”زرينه ۾ ڪهڙو عيب آهي، بابا؟“

ڪراڙي کي جڻ ڏنڀ اچي ويو. اُٿي کڙو ٿيو. پنهنجي وس آهر پاڻ کي سيٽي، سڌو ڪندي چيائين، ”ڪٿي هڪ خسيس ماستر جي ڌيءَ . ڪٿي سيٺ اسماعيل احمد يائيءَ جي ڌيءَ! واهه، مشتو واهه!“

مشتاق، پيءُ جي نگاهن کان نگاهون بچائيندي چيو ”توهان ساٽس واعدو ڪيو هو.“

”ها، ها، واعدو ڪيو هو مانس، مون کي ياد آهي.“ ڪراڙي ٻئي هٿ اڳتي ڪندي، پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيو ”جڏهن وعدو ڪيومانس، تڏهن مون کي اها خبر ڪا نه هئي ته اوهين ٻئي ڀائر پڙهي ڳڙهي اهڙا پڙ ٿيندا جو سيٺيون پنهنجون ڀانهون آڇيندا.“

مشتاق ڪوشش ڪندي به پنهنجي منهن جو پنو برقرار رکي نه سگهيو ماءُ سندس ڪيفيت ،اکين جو اُلڪو ۽ طبيعت ۾ بيچيني

محسوس ڪري ورتي. هن پٽ جي پٺي تي هٿ رکندي چيو ”تون ڇو ٿو ٻين جا فڪر ڪرين. وڏي ڏيءُ تنهنجي لاءِ نہ ورتيسينس تہ اها ڪا ويهاري ڇڏيائين ڇا؟ پاڙي جي مستريءَ سان پرڻائي ڇڏيائين. زرينہ بہ ڪنهن موچيءَ مڙي کي ڏيئي ڇڏيندو.“

مشتاق گهڙي کن خاموش رهيو. پنهنجن حواسن کي جاڳندو رهيو. پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، ڇت ڏانهن ڏسندي چيائين، ”منهنجي سهري سيٺ ولي محمد کي پنهنجو بيڪار مال رکڻ لاءِ هڪ گدام جي ضرورت آهي، توهين هيءُ گهر ڪيس مال رکڻ لاءِ ڏيندا.“

”هي گهر!“ پوڙهي حيرت مان پڇيو.

”ها، هيءُ گهر!“ مشتاق بدستور ڇت ڏانهن ڏسندي چيو ”مسواڙ بہ ججهي ڏيندو.“

پوڙهي حيرت ۾ پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن ڏٺو جيڪا پنهنجي رُڏ مغز سان ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ماءُ پنهنجي پٽ ڏانهن ڏسندي چيو ”هاڻي پيري ۾ اباڻا اجها ڇڏي، ڪٿي وڃي ڌڪا کائيندا سين. پنهنجي سهري کي ٻي ڪا جاءِ وٺي ڏي.“

پوڙهي ڳالهہ جي تهہ تائين نہ پهچندي، پنهنجي گهر واريءَ جي ڳالهہ ڪٽائيندي چيو. ”هيڏو وڏو سيٺ، اسان مسڪينن جي ڪچيءَ جاءِ ۾ اچي مال رکندو؟“

”بابا.“ مشتاق پهريون دفعو پيءُ جي اکين ۾ نهاريندي چيو ”بيڪار مال کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سيٺ صاحب ڪنهن گمنام جاءِ جي ڳولا ڪندا آهن. جتان پوءِ وقت آهر پنهنجو بيڪار مال چمڪائي سينگاري، مارڪيٽ ۾ آڻيندا آهن.“

پوڙهي جي عينڪ اکين تان گهرڪي، نڪ جي ناسن وٽ اچي

پهتي. سندس ڄاڙي لٽڪي پيئي، هو ٻه چار ٻرانگهون ڪٽي پٽ جي سامهون اچي بيٺو. مشتاق کي ٻنهي ٻانهن کان وٺي، ڏونڌاڙيندي، ڦڪي کل کلندي چيائين، "اڄ اوهين ٻئي ڀائر آهيو ته رتائر ٽپاليءَ جا پٽ، پر نصيب ڪليڪٽرن جي پٽن جهڙا اٿو."

مشتاق هلڪي سٽ سان ٻانهون ڇڏائي سائيڪل وٽ اچي پهتو. سندس اکيون چنجهيون ٿي ويون، پروون پاڻ ۾ ڳتجندا ويس، دل سيني ۾سسندي ويس، روح اونداهيءَ جي پاتار ۾ گم ٿيندو ويس، تڏهن هن اُبتي بيٺل سائيڪل جو پويون ڦيٿو ڦيرائيندي، ٽڪل ٽٽل آواز ۾ پيءُ کان پڇيو "هيءَ سائيڪل وڪڻندوءَ، بابا؟"

"ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين پٽ!" ڪراڙي سائيڪل جو ڦرندڙ ڦيٿو بيهاريندي چيو "هيءَ سائيڪل ته منهنجي پيريءَ جو سهاور آهي، پٽ!"

مشتاق هٿ وڌائي، واڻ جي چنل ڪٽ تان پنهنجو ڪوٽ ڪڍي ورتو ۽ پوءِ ماءُ پيءُ ڏانهن ڏسڻ بنا، اڱڻ اورانگهي ٻاهر هليو ويو.

***

# حياتي وهہ وڌو آهي

قداور ۽ طاقتور قولي فضلو لڏندو، لمندو ۽ اوٻاسيون ڏيندو اسان وٽان لنگهي ويو. ويندي ويندي چئي ويو”خيبر ميل، ڪتي جي ڏيءَ ٻہ ڪلاڪ ليٽ آهي.“

ان وقت رات جا اڍائي ٿيا هئا. سخت گهٽ ۽ گرميءَ سبب ماڻهو ۽ ڪتا بيڪل هئا. پليٽ فارم تپي تندور ٿي ويو هو. مسافر ليٽيل هئا، ويٺل هئا، بيٺل هئا ۽ ڪي پليٽ فارم تي بي مقصد گهمي رهيا هئا. پليٽ فارم جي پرئين ڪنڌ تي قولين جاءِ والاري هئي ۽ انگوشا وڇائي ليٽي پيا هئا. جيڪي اکيون پوري، دت هٽي، سمهيا پيا هئا، انهن کي بہ پڪي ننڊ ڪانہ هئي. ماحول ۾ مڇرن ۽ گُٽ سبب بيچيني ڦهليل هئي. هرڪو هٿ پير ڇنڊي رهيو هو ۽ پاڻ کي چماٽون

هٽي رهيو هو. پانت پانت جا جيت بتين جا طواف ڪري رهيا هئا ۽ جلي، سڙي، بلبن هيٺان ڍهه ٿي رهيا هئا.

مون دولترام کي چيو، "گاڏي ته ڪلاڪ ليٽ آهي، تنهن ڪري مان به لمليٽ ٿيان ٿو."

ان وقت دولترام رامائڻ جو منظوم ترجمو پڙهي رهيو هو ۽ متاثر ٿي رهيو هو. پڇيائين، "دوزخ ۾ سمهڻ لاءِ پريڪٽس پيو ڪرين ڇا؟"

فرش تي انگوشو وڇائيندي وراڻيم، "مان دوزخ ۾ ايئرڪنڊيشنر کڻي ويندس؟"

ليٽڻ کان اڳ پنهنجو کُتل خاڪي ڪوٽ، چڳل چمپل ۽ سوڊا واٽر جي بوتلن جي بالٽي دولترام ڏانهن ڌڪيندي چيم، "منهنجي ملڪيت جو خيال رکجانءِ. مان ته ڪلاڪ کن خواب ڏسي وٺان."

دولترام ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي ۽ رامائڻ جو منظوم ترجمو پڙهندو رهيو.

گهڻو اڳ، جڏهن مون ٺارو شاهه هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي هئي، تڏهن پنهنجن مائٽن، خاص ڪري پنهنجي ڪراڙي ماءُ کي چيو هوم: مان سنڌ جي ٻئي نمبر سڀ کان وڏي شهر حيدرآباد ويندس، جتي وڏا وڏا ڪاليج ۽ هڪ وڏي يونيورسٽي آهي، ۽ اتي مان اعليٰ تعليم حاصل ڪندس، ۽ بيحد وڏو ماڻهو ٿيندس.

ان وقت منهنجو ننڍو ڀاءُ جانڻ (جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن جن ايندو آهي) اسان وٽ ويٺو هو ۽ ڪمند چٻاڙي رهيو هو. هن پڇيو هو: "ادا، وڏا ماڻهو ڪيئن هوندا آهن؟"

مون کي جانڻ جي سوال تي ڪاوڙ آئي هئي ۽ کيس ٻڌايو هوم: "وڏن ماڻهن کي مٿي تي سڱ هوندا آهن ۽ کين هڪ پڇ به هوندو آهي."

جانڻ ٺهڪ ڏيئي کليو هو.

منهنجو اٽل اِرادو ڏسي منهنجيءَ ماءُ مون کي دعائون ڏينديءَ چيو هو: ”ابا، الله محنت جو ڦل ڏيندوءِ.“

جانڻ پڇيو هو: ”ادا محنت جو ڦل ڪيئن هوندو آهي؟“

ڪيس ٻڌايو هوم: ”محنت جو ڦل متيري کان ٿورو وڏو ۽ هنداڻي کان ٿورو ننڍو هوندو آهي.“

جانڻ خوش ٿي مون کي مٿي تي ڪمند وهائي ڪڍيو هو ۽ پوءِ مان سنڌ جي ٻئي نمبر سڀ کان وڏي شهر حيدرآباد هليو آيس. جتي هڪ ڪچو قلعو ۽ هڪ پڪو قلعو آهي، جتي چپي چپي تي ننڍڙيون، اونده ۽ سگريٽن جي دونهين سان ڀريل پتڪڙا هوٽل آهن، ۽ جتي منگهن وارا وڏا وڏا گهر ۽ پانت پانت جا ماڻهو آهن. حيدرآباد ۾ هڪ شاهي بازار به آهي، جيڪا ٿي ميل کن ڊگهي آهي، ۽ ٿي فٽ کن ويڪري آهي، ۽ پڪي قلعي جي در کان شروع ٿي مارڪيٽ ۾ ختم ٿيندي آهي. مارڪيٽ وٽ هر ڪا شيءِ ملندي آهي. ماڻهوءَ جي گوشت کان وٺي حلواڻ تائين. جيئرن ڇوڪرن کان وٺي ڇوڪرين تائين. حيدرآباد جي آدمشماري ڏهه لک آهي. جنهن مان چار لک چوئيتاليهه هزار اٺ سؤ نوانوي هيرو ۽ چار لک چوئيتاليهه هزار اٺ سئو نوانوي هيروئن آهن، ۽ باقي انهن جا پوڙها پيئر ۽ ڪراڙيون مائرون آهن. حيدرآباد ۾ ڪو به سائيڊ هيرو ڪونهي. حيدرآباد ۾ هڪ فقير جو پڙ به آهي، جتي ڪڏهن به فقير نظر نه ايندو آهي، ۽ هڪ ٽنڊو نوڙهو به آهي، جتي نوڙهن جي داخلا تي بندش پيل آهي. حيدرآباد ۾ آفيم، چرس ۽ پنگ جا اهڙا گتا به آهن، جتي فلمي اداڪارن جي فوٽن سان گڏ، قومي رهنمائن ۽ مذهبي درگاهن ۽ روضن جون تصويرون ٽنگيل هونديون آهن. حجمن جي دڪان تي حيدرآباد جي سهڻن ڇوڪرن جا فوٽا لڳل هوندا آهن. جن کي وات ۾ سگريٽ ۽ ڪنڌ ۾ هار هوندو آهي. حيدرآباد ۾ ماڻهن جو مذهبي جذبو ڏسڻ

وثان آهي. هتي رشوتي آفيسر ۽ چور بازاري ڪندڙ سيٺ مسجدون ٺهرائيندا آهن ۽ عيد ميلادالنبي جي موقعي تي روشنيون ڪندا آهن. هتي فحش ڪان فحش طوائف محرم جا ڏهه ڏينهن ڪارا ڪپڙا پائيندي ۽ امام حسين جي شهادت جو غم ڪندي آهي. ملنگ ۽ موالي به امام حسين جي غم ۾ بيحال هوندا آهن.

حيدرآباد ۾ اچڻ ڪان پوءِ مون کي ڏاڍي محنت ڪرڻي پئي هئي ۽ مختلف نوڪريون به ڪرڻيون پيون هيون، ۽ نوڪريون به ڪڍڻيون پيون. آخر ۾ مون حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي دولترام جي پائيواريءَ ۾ سوڊا واٽر جون بوتلون وڪڻڻ شروع ڪيون. (اهو ڪم اڃا به ڪندو آهيان.)

دولترام جو نالو دولترام ان لاءِ آهي جو هو پائي، پائيءَ لاءِ محتاج آهي. ساڳي طرح منهنجو نالو امير بخش آهي ۽ مان بين الاقوامي ڪنگال آهيان. دولترام اڃا تائين سنڌ ۾ رهيل آهي، ڇو جو ڪيس سنڌ جي مٽيءَ سان پيار آهي ۽ هو سنڌ جي مٽي پنهنجي سيني ۾ وجهي گهمندو آهي. سندس مٽ مائٽ هندستان ۾ آهن. هو اسٽيشن تي سوڊا واٽر جون بوتلون وڪڻندو آهي ۽ مان سندس پائيوار آهيان. دولترام کي هڪ ڏک جو نشان مٿي تي آهي، ۽ بيو دل تي. مٿي تي ڏک گذريل سال لڳو هوس، جڏهن الله جي ڪجهه نيڪ بندن سندس ماءُ جي عزت لٽي هئي، ۽ پوءِ کيس الله جي راهه ۾ قتل ڪيو هئائون. ساڳئي سال هندستان واري حيدرآباد ۾ امير بخش جي ماءُ کي ايشور جي ڪجهه پيارن بي آبرو ڪيو هو ۽ پوءِ کيس ايشور جي نالي ۾ قتل ڪيو هو. اصل ۾ ڪجهه نيڪ بندن لاءِ 1947ع وارو سال، ايشور ۽ الله جي نالن ۾ عزتن لُٽڻ ۽ قتل ڪرڻ جو سال هو.

منهنجو مامون خوش محمد، جيڪو پرائمري ماستر آهي ۽ سکپور ۾ بيحد دکي زندگي گذاريندو آهي تنهن مون کي هڪ دفعي

حيدرآباد اسٽيشن تي بوتلون وڪڻندي ڏسي ورتو هو. هن منهنجي پڻي ٽپيندي چيو هو. مرحوم شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو تعليم کاتي جو هڪ ناميارو حاڪم ٿي گذريو آهي. هنن به ڪتون واٽي علم حاصل ڪيو هو ۽ آخر اوج کي رسيا.

ڪيس جواب ڏنو هوم. اڄڪلهه واڻ جو رواج نڪري ويو آهي، ماما. ڊاڪٽر دائود پوٽو هن دؤر ۾ هجي ها تہ ڪيس پلاسٽڪ سان ڪرسيون واڻيون پون ها، ۽ مان پلاسٽڪ سان ڪرسيون واڻڻ بدران اسٽيشن تي سوڊا واٽر جون بوتلون وڪڻندو آهيان. شروعات ۾ جڏهن حيدرآباد آيو هوس ۽ روزگار لاءِ رُلندو هوس، تڏهن بک مرڻ کان پاڻ بچائڻ لاءِ ٻن آنن جو تيل وٺي، ماڻهن جي چمپي، يعني تيل مالش جو ڌنڌو شروع ڪيو هوم. حيدرآباد ۾ خاص چوڪ آهي، جتي تيل مالش جو ڌنڌو زور شور سان هلندو آهي. انهن مان هڪ چوڪ هوم اسٽينڊ هال جي لاهي لهندي، اسٽيشن روڊ جي پرسان سلطان هوٽل وٽ آهي. ان چوڪ تي ڪتابن جون ڪيبنون آهن. پان ٻيڙيءَ جون مانڊٽيون آهن ۽ ٽانگا ۽ رڪشائون ملنديون آهن. ان چوڪ تي قومي يڪجهتي جا جيئرا جاڳندا آثار ملندا آهن. هن چوڪ تي مختلف پيشن جا ماڻهو هر وقت گڏ نظر ايندا آهن. جهڙوڪ: تيل مالش ڪرڻ وارا، داداگير ۽ داداگيرن جا چمچا، سانورا ۽ سانورن جا خريدار، سياستدان ۽ ايڪٽر ڇاپ، ڪدڙا ۽ بشني، اديب ۽ سي. آءِ. ڊيءَ وارا دلال (جيڪي پاڻ کي ڪميشن ايجنٽ سڏيندا آهن) ۽ پوليس وارا ، چور ۽ چوڪيدار، ڪلارڪ ۽ ڪامورا وغيره.

مان ان چوڪ تي تيل مالش جو بزنس ڪندو هوس. پوءِ جلد ئي مون کي اهو ڌنڌو چڙٿو پيو. ڇو جو ماڻهو مٿي بدران ٻئي هنڌ مالش ڪرائڻ جي خواهش ظاهر ڪندا هئا. ٻئي هنڌ مان منهنجو مطلب آهي، ڪلها، ڪنڌ، پيٽ، پڻي، پير، پنيون ۽ سٿر وغيره. مون کي اها

ڳالھ پسند نہ آئي ۽ مون تيل مالش جو ڌنڌو ڇڏي ڏنو ۽ بوٽ پالش جو ڌنڌو شروع ڪيم.

ماڻهن کي جڏهن خبر پئي تہ مان مئٽرڪ پاس هوس ۽ بوٽ پالش ڪري رهيو هوس، تڏهن هنن اختياريءَ وارن کي رپورٽ ڪئي تہ هڪ مئٽرڪ پاس نوجوان سلطان هوٽل واري چوڪ تي بوٽ پالش ڪندو آهي. هو غير ملڪي جاسوس آهي، يا ڪميونسٽ آهي، يا تہ خفيہ ايجنٽ ب ڪ ر 12 آهي. ان ڪان اڳ منهنجا لاهہ نڪرن، مون بوٽ پالش جو ڪوڪو هڪ دلبر خان پٺاڻ کي اڌ قيمت ۾ وڪڻي ڇڏيو ۽ پاڻ وڃي دولترام سان سوڊا واٽر وڪڻڻ لڳس.

مان رات جو ڪوڪا ڪولا، سيون اپ ۽ فانٽا وغيرہ وڪڻندو آهيان، ۽ ڏينهن جو پڙهندو آهيان. قدرت خدا جي، پڙهندي پڙهندي هينئر يونيورسٽيءَ ۾ پهچي ويو آهيان ۽ پوليٽيڪل سائنس يعني سياسي سائنس ۾ ايم. اي ڪري رهيو آهيان.

جنهن رات خيبر ميل بہ ڪلاڪ ليٽ هئي، ۽ مان اڪيون پوري لمليٽ تي ويو هوس، تنهن رات ماحول ۾ ڪُٽ ۽ مڇرن بيچيني ڦهلائي ڇڏي هئي. هڪ بدبخت مڇر مون کي فرعون سمجهي، منهنجي نڪ ۾ گهڙڻ جي سَر توڙ ڪوشش ڪري رهيو هو. مان نڪ مهٽيندو اٿي ويٺس.

رامائڻ جو منظوم ترجمو دولترام جي هنج ۾ رکيو هو ۽ هو ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏيئي، ٽڪ ٻڌي چئن خالي بوتلن ڏانهن نهاري رهيو هو جيڪي قطار ۾ سندس آڏو رکيون هيون.

ڪانئس پڇيم، ”هي چار بوتلون خدا جي راهہ ۾ خالي ٿيون آهن ڇا؟“

هن ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي، ۽ پوءِ ڏڪندي ڏڪندي اڪ سان ڪاٻي طرف اشارو ڪيائين، ۽ جتي هذا من فضل ربي ڪاتي جا بہ فرشتا بيٺا

هئا. ٻئي فضلوءَ سان چرس ڀريل سگريٽ ڇڪي رهيا هئا ۽ ٻُرش جهڙيون مڇون مروڙي رهيا هئا.

دولترام ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيو "نقصان اڏو اڏ سهنداسين."

"نه." سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيم، "هي چار بوتلون مان زڪوات جي اڪائونٽ ۾ لکي ڇڏيندس. اسان تي زڪوات فرض آهي."

اسان ڪان پرڀرو هڪ بيحد ٿلهو مسافر پيٽ ڪيڏي سمهيو پيو هو ۽ زور سان کونگهرا هڻي رهيو هو. سندس کونگهرن جو آواز ڪوئلي واري انجڻ جي آواز جهڙو هو. ڪانئس پرتي ڪولهين جا ڇهه ست ڪارا ڪوجها ۽ ڏٻرا ٻار ويٺا هئا. هو سگريٽ ڇڪي رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ماءُ ڀيڻ جون گاريون ڏيئي رهيا هئا ۽ منجهانئن هڪڙو ڄٽو ستر تي هٿ هڻي، فلمي قوالي ڳائي رهيو هو.

پتنگ ۽ جيت ملي، ۽ سڙي، بلبن هيٺان ڍير تي رهيا هئا. دولترام خالي بوتلون ڏسي رهيو هو.

مون دولترام کي چيو "دولترام، هن وقت تون گوتم ٻڌ جهڙو پيو لڳين."

دولترام بوتلن تان نظرون هٽائي منهنجي منهن ۾ ڏٺو ۽ پوءِ چيو "مان هن وقت بلڪل ٻڌو پيو لڳان."

هڪ مال گاڏي آهستي آهستي لنگهي ويئي. گاڏيءَ ۾ ڳئون ۽ مينهون هيون. ان وقت قداور ۽ طاقتور فضلو قولي اسان وٽان اچي مٿيو. هن دولترام ڏانهن ڏسندي چيو "اسان گوشت خور قوم آهيون. ڳئون ڪائيندا آهيون."

دولترام زخمي چيتي وانگر فضلوءَ ڏانهن ڏٺو. فضلو ٻئي هٿ چيلهه تي رکي بيٺو هو. هن دولترام کان پڇيو "توهان هندو ڳئون ڇو نه ڪائيندا آهيو؟"

دولترام تڪ ٻڌي فضلوءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. فضلو قوي هيڪل ديو وانگر دولترام جي مٿان بيٺو هو. سندس منهن مان نفرت بکي رهي هئي. مون کي پوءِ خبر پيئي تہ دولترام ڪانئس چئن بوتلن لاءِ پيسن جي گهر ڪئي هئي، ۽ جواب ۾ پيسن بدران هن ڪيس سبق سيکارڻ جي ڌمڪي ڏني هئي.

دولترام جا هٿ ڪنبڻ لڳا. ڪجهہ مسافر جيڪي بي مقصد گهمي رهيا هئا، اسان وٽ اچي بيٺا. پاسي ۾ ستل مسافر جاڳي پيا ۽ اکيون مهٽي فضلوءَ ڏانهن ڏسڻ لڳا. ٿلهو مسافر بدستور انجڻ جهڙا کونگهرا هڻي رهيو هو.

فضلوءَ وڏي واڪ چيو "جواب ڏي، واڙهئي جا پٽ. توهان ڳئون ڇو نہ کائيندا آهيو؟"

"توهان مسلمان سوئر ڇو نہ کائيندا آهيو؟" دولترام ويٺي ويٺي ڪنبندڙ آواز ۾ فضلوءَ کان پڇيو.

فضلوءَ کي ڄڻ ڏنڀ اچي ويو. ہہ __ چار قدم هٽي ويو. دولترام اُٿي بيٺو. هو فضلوءَ آڏو جيتامڙو پئي لڳو پر تڏهن بہ فضلوءَ کي منهن ۾ گهوريندي چيائين، "جواب ڏي. توهان مسلمان سوئر ڇو نہ کائيندا آهيو؟"

"او واڙهئي جا پٽ." فضلو دولترام تي اُلر ڪري آيو. پوءِ مون ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "تون هن حراميءَ جي هُشي تي آهين."

مان اٿي بيٺس.

اسان جي چوگرد هڪ هجوم گڏ ٿي ويو.

فضلوءَ مون کي چيو "هي واڙهيو تنهنجي هُشيءَ تي ڪڏهن ٿو هٽي. تون ڪهڙي قسم جو بي غيرت مسلمان آهين!"

"فضلو." مان فضلو جي عين سامهون وڃي بيٺس. خير الدين ماني مڇيءَ واري جي خوانچي مان هڪ ماني ڪڍي فضلو کي

ڏيڪاريندي چيم، "فضلو تون ۽ مان، ۽ هي دولترام هو پائخاني وٽ ليٽيل قولي، اسان سڀئي هن گول مانيءَ جا محتاج آهيون. هن گول مانيءَ لاءِ سرگردان آهيون. تون پنهنجو روزگار ڪماءِ ۽ ٻين کي ڪمائڻ ڏي."

فضلوءَ مون کي ڌڪو ڏيئي پري ڪري ڇڏيو ۽ جوهه وجهي دولترام ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"تون پاڪستان مان هليو ڇو نه ٿو وڃين. بزدل واڻيا." فضلوءَ دولترام کي چيو "هيءُ ملڪ اسان مسلمانن لاءِ آهي. تون ڪافر آهين. هندو آهين. تون هندستان ڇو نه ٿو وڃين؟"

دولترام جي اکين ۾ لڙڪن جو سمنڊ ڇوليون هڻڻ لڳو. چيائين، "سنڌديس جي ڌرتي منهنجي ماءُ آهي. مان ماءُ کي ڇڏي ڪيڏانهن ويندس."

"مان تنهنجي ماءُ کي منهن ۾ ٿڪ ٿو هڻان." فضلوءَ ڌرتيءَ تي ٿڪ اڇلائيندي چيو "مون تنهنجي ماءُ جي بي عزتي ڪئي آهي، اڃ مون کان بدلو وٺ، بزدل واڻيان."

دولترام ڪنبڻ لڳو. هو گوڏن ڀر ڌرتيءَ تي ويهي رهيو. پوءِ هيٺ جهڪي، تري کولي، ساڄو هٿ ٿڪ تي رکي ڇڏيائين. ماڻهن جا وات بند ٿي ويا. سس پس ختم ٿي ويئي. هر طرف ماٺ مُسلط ٿي ويئي. فضلو راڪاس وانگر دولترام جي مٿان بيٺو هو. دولترام ٿڪ هاڻو هٿ مٿي ڪري منهن تي مکي ڇڏيو. دولترام جي اکين مان لُڙڪ لڙي آيا.

فضلوءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. سندس سيٺيل بدن ڍرو ٿي ويو. اکين جي نفرت شڪست جي احساس ۾ ڍڪجي ويس. هو ڦريو، ۽ پوءِ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو، گاريون ڏيندو هليو ويو.

ماڻهو نڙي پکڙي ويا. ٿلهو مسافر پيهر پيٽ ڪڍي سمهي پيو ۽ سمهڻ

شرط کونگھرا هٽڻ لڳو. هر ڪوهليو ويو پر ڪولهين جا ڇهه ست ڇوڪرا اسان وٽ ويهي رهيا. منجهائن هڪ ڄڻو ٻين ڇوڪرن کان انچ کن قد ۾ وڏو هو ۽ بيحد ڪارو هو(هن جو نالو اڇو آهي) اڇي جي اکين ۾ حيرت هئي. هن منهنجي ٻانهن کي هٿ لائيندي چيو"هو نجر ٽانگي وارو آهي نه نجر ڪاٽو.

"پوءِ؟"

"هن چيو پئي ته تون اسٽيسن تي سيٺي کان گهڻو پڙهيلو آهين. بابو کان به گهڻو. پوءِ تو ڦجلو دلي کي فيٽ ڇو نه ماريو."

مون اڇي جي ڪاري منهن ۾ نهاريو. هن جون گول اڇيون اکيون ذري گهٽ ٻاهر نڪري آيون هيون. نڪ جون ناسون ڦنڊي ويون هئس. ڪارا چپ شيڪجي ويا هئس، سندس سورهن کن هيڊا ڏند ظاهر ٿي رهيا هئا. (اڇي جي عمر اٺ _ ڏهه سال آهي) هن سگريٽ جو هڪ اونهو سوٽو هڻي، نڪ مان دونهون ڪڍندي، ٻيهر پڇيو"امير بخش تون گهڻو پڙهيلو آهين، ته پوءِ هن ڦجلو (فضلو کي ماءُ تي گار) دلي کي فيٽ ڇو نه ماريو؟" پوءِ ٻنهي هٿن جون مٺيون بند ڪري، مون کي ٺونشا ڏيکاريندي چيائين، "هڪڙي فيٽ ۾ هن سالي جا تون ٻٽيس ڏند ڪڍي ڇڏين ها."

جڏهن ڪيس جواب نه ڏنم، تڏهن هن هٿ هيٺ ڪري ڇڏيا. چپن مان سگريٽ جو ٽوٽو ڪڍي، چپٽيءَ سان پري ڦٽي ڪري ڇڏيائين، ۽ پوءِ هڪ تمام ننڍڙي ڇوڪري کي (جنهن جي عمر پنج ڇهه سال کن هئي) مٿي تي هٿ رکندي، دردناڪ آواز ۾ چيائين "اسان کي ته ولا پرواهه ناهي، پر هُن دلي ڦجلو هن ٻچي جو به ڪانو ڪراب ڪري ڇڏيو آهي. تون هن دلي جي اولاد کي فيٽ ڇو نه ماريو."

"اڇا." مون ٻارن تان نگاهون هٽائيندي چيو"اڇا، علم ته مڙسن کي ٻاڙي ۽ ڪدڙو ڪري ڇڏيندو آهي."

ٻار ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. اڇي پڇيو"سڀ پڙهيلا هِجڙا آهن، استاد؟"

_ ها، اڇا." مون کي پنهنجي آواز ۾ ڪڙاڪ جو احساس ٿيڻ لڳو. چيم، "ها اڇا جيڪو شخص وڌيڪ پڙهندو. ۽ علم حاصل ڪندو سو اوترو ئي بزدل ٿيندو."

ٻار حيرت مان منهنجي منهن ۾ ڏسڻ لڳا. ڦيرو ڪائي سندس سامهون ٿي بيٺس. چيم. "اڇا، توهان مڙسن جا پٽ آهيو جو نہ پڙهيؤ. توهين جاننا جوان ٿي وڏا ٿيندا. توهان مڙس آهيو."

اڇي چيو. "اسان وئيد مڙاد ٿينداسي."

"ڪجهہ بہ ٿجو پڙهي پنهنجي مڙسي نہ وڃائجو. جاهل رهي مڙس ٿجو." مونکي رڳن ۾ گندرف ڊوڙندو محسوس ٿيو. چيم. "پر مڙس ٿيڻ کان پوءِ بہ توهان تي ڪو پڙهيل ٻڙهيل ڪوبلو حڪومت ڪندو. جنهن کي مٿي تي ٽوپلو هوندو."

اڇي دولترام کي هٿ لائيندي مون کان پڇيو"استاد، هندو ۽ مسلمان ۾ ڪيڙو ڦرڪ آهي؟"

مون حيرت وچان اڇي ڏانهن ڏٺو. چيم، "مونکي خبر ناهي."

"تہ تون پڙهيلو ناهين؟"

"مون کي ڪا خبر ناهي."

"ڪمال آهي. تون خاڪ پڙهيل آهين!"

"مان پڙهيل ناهيان، پڙهيل ناهيان. جاهل آهيان. ڪورو چٽ آهيان." مون ڪاوڙ وچان وراڻيو.

"تہ توکي سچ پچ هندو ۽ مسلمان جي ڦرڪ جو ڪبر ناهي؟" اڇي پڇيو.

وراڻيم، "مون کي خبر ناهي تہ هندوءَ مسلمان ۾ ڪهڙو فرق آهي."

”مونکي خبر آهي.“ اچي سيني تي هٿ هڻندي چيو.

اچرج مان پڇيم،”توکي هندوءَ ۽ مسلمان ۾ جيڪو فرق آهي، ان جي خبر آهي! ڪيئن؟“

اچي وراڻيو”هندو ۽ مسلمان جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، سو پنهي جي...“ اچو جملو پورو ڪري نہ سگهيو ۽ وات تي هٿ رکي کلي کلي کير ٿي پيو.

اچي جا ساٿي ٽهہ ٽهہ ڪري کلڻ لڳا.

ٻار هڪ ٻئي جي ڪنڌ ۾ ٻانهون وجهي، جهومندا، فلمي گانا ڳائيندا پري وڃي ويٺا. ان وقت مون کي پنهنجو ننڍڙو ياءُ جانڻ ياد آيو. جنهن کي ٻڌايو هوم تہ محنت جو قل چانهينءَ کان ڪجهہ ننڍڙو، ۽ مِتيري کان ڪجهہ وڏو هوندو آهي.

ان رات مون پنهنجي ياءُ جانڻ کي خط ۾ لکيو تہ جانڻ، منهنجا منڙا ياءُ، هن دؤر ۾ محنت جو قل چاول ٻارجي آڱوٺي جيترو ٿي پيو آهي.

***

# منهنجو پيت مهدي

مان اوندهه ۾ اکيون وجهي، پنهنجي ڪچي گهر جي پڪي در ڏانهن نهاري رهيو هوس. در ٻاهران گهٽيءَ ۾ هڪ مئل ميرانجهڙو بلب ميونسپالٽيءَ جي صيلب يعني پول تي لٽڪيو پيو هو ۽ اسان جي زندگيءَ وانگر جهڪو جهڪو ٽمڪي رهيو هو. بلب بودلو هو ڪڏهن اُجهاميو ۽ ڪڏهن ٻريو پئي. پر اسان جي ڪچي گهر ۾ اوندهه هئي. اوندهه ۾ ٻاهران مفلس روشنيءَ جا ڪرڻا ٽاٻا ڪائي رهيا هئا.

”ڪجهه ڪندين به، يا ائين ئي ويٺو هوندين.“ حميدان سنهڙي آواز ۾ ڳالهايو.

مان ٽن ٽنگن واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺو هوس. منهنجي پرسان واڻ جي چيگل کٽ تي منهنجي گهر واري حميدان ليٽيل هئي. منهنجي

گهر واري حميدان جڏهن ٻاهر واري هئي، يعني جڏهن مون سان اچا شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ نہ ٻڌي هئي، تڏهن مان ساڻس محبت ڪندو هوس، ۽ ڪيس حميده سڏيندو هوس. جڏهن ڪان هوءَ ٻاهر واريءَ مان بدلجي منهنجي گهر واري ٿي آهي، تڏهن ڪان حميده مان حميدان ٿي پيئي آهي. هن مون کي عدد واحد اولاد، جنس مذڪر ڄڻي ڏنو آهي، جنهن جو نالو اسان مهدي رکيو آهي. اڄڪلهہ مهدي حسن ڳائڻو مشهور آهي، پر اسان پنهنجي پٽ جو نالو امام مهديءَ جي نالي پٺيان رکيو آهي.

حميدان جي پاسي ۾ منهنجو پٽ مهدي سمهيو پيو هو ۽ سندس سريلو آواز بند هو. ان وقت مهديءَ جي عمر ڇهہ مهينا، ڇهہ ڏينهن، ڇهہ ڪلاڪ ۽ ڇهہ منٽ هئي. منٽ غم جي رات وانگر وڏندا پئي ويا. پر وقت جبل وانگر ڌرتيءَ کي چمبڙي پيو هو.

حميدان پڇهر چيو "ڪجهہ ڪندين بہ يا ائين ئي ويٺو هوندين."

وراڻيم، "ڪجهہ ڪيان پيو."

"ڇا؟"

"انتظار."

"هونهہ!"

"چري، ڏسين نٿي تہ ڪيتريءَ دير ڪان اونده ۾ اڪيون وجهي انتظار ڪري رهيو آهيان." چيم، "پلا انتظار جي عذاب ڪان وڏيڪ پيو عذاب انسان لاءِ تنهنجي الله ايجاد ڪيو آهي."

"تنهنجو تہ جڻ ناهي." حميدان ڪاوڙجي ويئي.

وراڻيم، "منهنجي تنهنجي الله سان اصل پوي ئي نہ."

چيائين، "ڏس، اهڙيون ڳالهيون ڪندين تہ نڪاح ٽٽي پوندو."

"دل ۽ دل جا عقيدا ٽٽي پوندا آهن، حميدان ويچارو نڪاح ڇا ٽٽندو." چيم، "۽ جيڪڏهن نڪاح چمپل وانگر ڇڇي بہ پيو تہ ڪٽي

ڪنهن موچيءَ کان ڳنڍرائيندا سين.“

”بس بس.“ حميدان نبل آواز ۾ چيو ”توسان شادي ڪري پنهنجو منهن اڇو ڪيو اٿم.“

”ڇڱو ڪيو اٿئي.“ چيم. ”توکي ته اڳواٽ ئي ٻڌايو هوم ته مون سان شادي ڪري اهڙا مزا ماڻيندينءَ.“

حميدان روئڻهارڪي ٿي پئي. چيائين، ”تنهنجي لاءِ پنهنجو پيءُ ماءُ ڇڏيم. پاڙ پينرون ڇڏيم. ان لاءِ ته مون کي بک مارينديـن ۽ ڪافر ڪندين!“

ياد اٿئي حميدان، شاديءَ کان اڳ تو چيو هو ”مان تنهنجي لاءِ دنيا جو هر ڪو عذاب سهي وينديس.“

حميدان جواب نه ڏنو.

مون ڳالهايو ”منهنجي پياري حميدان، انسان محبت ۾ ڪافر مان مومن ۽ مومن مان ملحد ٿي پوندو آهيان. پر انسان محبت ۾ بک جو عذاب برداشت ڪري نه سگهندو آهي.“

حميدان پيٽ ڏانهن منهن ڪري ڇڏيو.

حميدان کي مائٽن ڏاڍو سمجهايو هو. مون سان شادي ڪرڻ کان ٽارڻ لاءِ ڪيس منهنجي خطرناڪ هئڻ جا هڪ سؤ هڪ دليل ڏيندي چيو هئائون، ’اهو ڪاليجي ڇورو مئو نڌڻڪو يتيم. بکيو بنگالي، جيڪو ڪاليج ۾ پڙهڻ ۽ ماني کائڻ لاءِ حيدرآباد جي گهٽين ۾ سائيڪل تي چڙهي اخبارون وڪڻندو آهي، سو سخت خطرناڪ آهي. پوليس ۽ سي. آءِ ڊي کي سوين ڪيسن ۾ گهربل آهي. انٽيليجنس ڊپارٽمينٽ جو خيال آهي ته هو هٽلر جو گم ٿيل ساٿي فيلڊ مارشل روميل آهي.“

مائٽن جي ڪٿا جڏهن حميدان مون کي ٻڌائي هئي، تڏهن ڪيس دلداري ڏيندي چيو هوم، ”محبت جي معاملي ۾ مائٽ هميشه ولين جو

ڪردار ادا ڪندا آهن، تنهن ڪري ماٽتن جي ڳالهہ ڪي لفٽ نہ ڏي پوليس ۾ سي. آءِ. ڊي کي مان ڪنهن بہ ڪوڙي ڪيس ۾ گهربل نہ آهيان، چوجون مون ڪنگال منجهان ڪين هذا من فضل ربيءَ بدران ان الله مع الصابرين ملندو. تون الله جو نالو وٺي مون سان شادي ڪري ڇڏ.“

حميدان الله جو نالو وٺي مون سان شادي ڪري ڇڏي آهي. شاديءَ ۾ منهنجي طرفان ڪيس زندگيءَ جو زهر مليو آهي. نڪاح کان ڪجهہ دير پوءِ سندس مامون، جنهنجا ٻئي ڪن سيهڙ جي ڪنن وانگر وڏا ۽ حيرت انگيز هئا، ڪيس تنبيهہ ڪرڻ آيو هو. مون تي ڪن ڪڙا ڪندي حميدان کي چيو هئائين، ”ڇٽي ٿو ڇڏيانءِ، حميده اهو ڇورو ڇنو بڪ مارين‌دوءِ.“ حميدان ڪيس جواب ڏنو هو ”داڻي داڻي تي کائڻ واري جو نالو لکيل آهي، جيڪو داڻو پاڻي الله طرفان نصيب ۾ لکيل هوندو، ضرور ملندو.“ اهو ايمان افروز جواب ٻڌي سندس مامون پنهنجا حيرت انگيز ڪن لڪائي پڇي ويو هو.

”آخر ڇا پيو ڪرين؟“ حميدان جي آواز تي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو.

چيم، ”انتظار پيو ڪيان.“

”ڪنهن جو؟“

”داڻي جو.“

”داڻي جو!“ حميدان کان ڇرڪ نڪري ويو. پڇيائين، ”ڇا جو داڻو ڪهڙو داڻو!“

وراڻيم، ”مان اُن داڻي جو انتظار ڪري رهيو آهيان، جنهن تي تنهنجي، منهنجي ۽ مهدي جي نالي جو ٺپو لڳل هوندو.“

هوءَ هڪدم اُٿي ويهي رهي. ٺڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

چيم، ”مان سمجهان ٿو جيئن تہ منهنجي تنهنجي الله سان اصل

نٿي پوي، تنهن ڪري اهو داڻو هرگز نہ ايندو. جنهن تي منهنجي نالي جو ٺپو هوندو. مهدي اجا ڪير پياڪ آهي. پل تہ سندس نصيب جا داڻا اعتقاد جي بينڪ ۾ وياج سميت وڌندا رهن. باقي تنهنجي نصيب جو داڻو ضرور ايندو. تون الله لوڪ آهين. ملي جلي هڪڙو ئي داڻو ڪٽي ڪائينداسين.“

حميدان ڪنبندڙ آواز ۾ پڇيو،”تون بک ۾ چريو تہ نہ ٿي پيو آهين.“

”چريو ٿي پوان ها تہ جيڪر ايمان بدران توڪي ۽ مهدي کي نہ ڪائي وڃان ها!“ وراڻيم،”مان حواسن ۽ اندرين سميت سچو سالم آهيان ۽ اُن داڻي جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان. جنهن تي تنهنجي نالو جو ٺپو لڳل هوندو.“

حميدان نہ ڳالهايو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ سڏڪو ٻڌم.

حيرت وچان ڪانئس پڇيم، ”اهي لڙڪ ڪٿان آندءِ حميدان، اجوڪي ڏينهن لاءِ بچائي رکيا هيئہ ڇا؟“

حميدان جواب نہ ڏنو. روئيندي رهي. مان تہ ٿنگيءَ ڪرسيءَ تان اُٿي حميدان جي پرسان وڃي ويٺس. سندس وارن تي هٿ رکندي چيم،”اجا تہ عذاب جي شروعات ٿي آهي. ايتري ۾ دل لاهي ويٺي آهين.“

منهنجي سيني ۾ منهن لڪائيندي چيائين،”مان تنهنجي لاءِ ست چمارون بک مرڻ لاءِ تيار آهيان، پر. پر ڏسين نٿو بک ۾ پاهہ ٿي منهنجو ڪير سڪي ويو آهي. صبح ڪان مهديءَ کي ٿڃ نہ ڏني اٿم.“

منهنجي هانءَ ۾ هٿ پيو. حميدان کي ڳرانڊڙي پائيندي چيم. ”ڪجهہ لڙڪ مون کي بہ ڏي، حميدان. اکين جو آبِ زم زم مون کي بہ ڏي، جيئن مان بہ روئي سگهان . دل جي دوزخ تي ڇنڊو هڻي سگهان.“

سڏڪن جي وچ مان ڳالهايائين، ”پوليس وارا توکان اخبارون

وڪڻڻ جي عيوض جيڪڏهن خرچي گهرن ٿا تہ پوءِ ڪين ڏئين ڇو نٿو؟"

نفرت منهنجي نڙيءَ ۾ تري آئي. چيم،"ٻہ سپاهي پوليس وارا اخبارون وڪڻڻ جي عيوض مون کان رشوت ۾ جيڪڏهن تنهنجي جسم جي گُهر ڪن تہ پوءِ؟"

ان کان اڳ جو حميدان ڪو جواب ڏئي، ڪليل در جو ڪڙو ڪڙڪيو. اسان ٻنهي چرڪي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻيهر در ڪڙڪيو. حميدان حيرت مان مون ڏانهن ڏٺو. ڏرا ڏنل اکيون اونده ۾ چمڪڻ لڳس. ڪيس چيم، "مان سمجهان ٿو تنهنجي نالي وارو داڻو آيو آهي."

مان موٽي اچي تہ ٽنگي ڪرسيءَ تي ويٺس. ٽيهر در ڪڙڪيو ڪجهہ زور سان.

مون وڏي واڪ چيو"هليو آءُ، حميدان جي نصيب جا داڻا. در ڪليل آهي."

در پاهران ميرانجهڙيءَ روشنيءَ ۾ چرپر ٿي. چيم،"هليو آءُ داڻا، اسين تنهنجا منتظر آهيون."

هڪ ڳوڻ اندر هلي آئي. سوچيم، حميدان وڏي ڀاڳ واري آهي، جو هڪ داڻي جي بدران داڻن جي ڳوڻ هلي آئي اٿس.

ڳوڻ ٿولهہ پرسان گُگهہ اونده ۾ بيهي رهي.

ڪيس سڏ ڪيم "اي داڻن جي ڳوڻ، شرماءِ نہ. هلي آءُ." ڳوڻ وڏي آئي.

چيم، "ڏاڍو انتظار ڪرايو اٿئي داڻا. منهنجو مطلب آهي، داڻن جي ڳوڻ."

آواز آيو "اڙي! وڏو ڪو واهيات آهين."

"مان تہ ٽنگيءَ ڪرسيءَ تان اُيو ٿي ويس. حيرت ۾ خوف وچان

پڇيم، ”تون ڪهڙي قسم جو داڻو آهين جو ڳالهائين ٿو.“

”مون کي نٿو سڃاڻين؟“ ڳوڻ اڳيرو ٿي. اونده ۾ چرندڙ شيءِ جڏهن ٻاهران ايندڙ ميرانجهڙي روشني جي سنوت ۾ پهتي، تڏهن ڪيس ڏسي سخت مايوس ٿيس. سامهون الحاج سيٺ نيڪ محمد بيٺو هو. ڪيس سلام ڪندي چيم، ”معاف ڪجو سيٺ صاحب، اونده ۾ مان اوهان کي _“

هن منهنجو جملو ڪپيندي چيو ”اونده ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. ڪو ڪنهن کي سڃاڻي نه سگهندو آهي.“

تہ تنگي ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيم، ”ويهو.“

هو ڪرسيءَ تي ويهڻ لڳو. هڪدم چيم، ”خيال سان ويهجو سيٺ صاحب. ان ڪرسيءَ جي هڪ ٽنگ _ ون _ يونٽ تي ويئي آهي.“

سيٺ تمام خيال سان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪرسيءَ جي چوڙن سول اسپتال جي مريضن وانگر چيچلايو.

ڪانئس پڇيم. ”اڄ ڪيئن تڪليف ڪئي اٿوَ سيٺ صاحب. وري اليڪشن * ۾ بيٺا آهيو ڇا؟“

”بيهبو بيهبو ڇو نه بيهبو!“ سيٺ صاحب خوش ٿيندي ’چيو ”عوام جي بيحد اسرار تي مان هڪ چونڊ لڙي رهيو آهيان.

”ڇٻو ته ملڪ جو آئيندو روشن آهي.“

”بلڪل روشن.“

”بنا مقابلي پيا اچو ڇا؟“

”ايترو شعور منافقن ۾ ڪٿي آهي، جو اسان جهڙن عوام دوست خدمتگارن کي بنا مقابلي اچڻ ڏين.“ سيٺ صاحب کهري آواز ۾ چيو ”هڪ باريسٽر ياڙيو مقابلي ۾ بيٺو آهي. ٻاهران پڙهي آيو آهي ته

---

* 1970_71ع واريون چونڊون

پيٽسان جو دماغ خراب ٿي ويو آهي! مت جو ماريل، وڃي ڪا وڪالتڙي ڪري! ڏسجو سائين، حرامخور جي ضمانت نہ ضبط ڪرايان تہ منهنجو نالو بہ الحاج سيٺ نيڪ محمد نہ آهي.“

”سچ ٿا چئو سائين.“ وراڻيم، ”پلا پڙهيل لکيل ماڻهن جو ڇا وڃي چوندڻ سان!“

هن هڪدم پڇيو ”پلا ڪريو خبر، ڪا تڪليف تہ نہ اٿوَ.“

حميدان مونکي ڪُک ۾ نوٽ هڻندي آهستي چيو ”چوينس تہ توکي ڪا نوڪري ڏياري.“

مون پٽڪن ۾ وراڻيو ”پيرن ڪان پير گهران؟“

حميدان سرپاٹن ۾ چيو ”ضد نہ ڪر، بک ٿا مرون.“

مون سيٺ کي چيو ”اصل ڍَوَ تي آهيون، سيٺ صاحب. سمجهيو تہ اڄ ڪلهہ ضرورت ڪان ڪجهہ سرس داڻو پاڻي پيو ملي.“

”الحمدالله.“ سيٺ آسمان ڏانهن هٿ اُپا ڪندي چيو ”مولا رزاق ۽ رحيم آهي. پنهنجن بندن کي هر گز نہ وساريندو آهي. سبحان الله.“

”برابر، برابر.“ مون وڏي واڪ چيو.

سيٺ صاحب پاڻ کي شوڪارو هڻندي ڳالهايو ”خداوند تعاليٰ جو شان آهي جو مون گنهگار بندي کي اها وسيعت ڏني اٿائين، جو محلي ۾ ٽين مسجد ٺهرائي راس ڪئي اٿم.“

سيٺ صاحب ساهي پٽڻ لاءِ ڳالهائڻ بند ڪيو.

مون سرپاٹن ۾ حميدان ڪان پڇيو ”ڪر خبر ملياڻي. وياج جي پيسي مان اڏايل مسيت ۽ خيرات جي اوتاري مان ڪهڙي شيءِ چڱي آهي.“

حميدان مونکي پنيءَ ۾ چهنڊڙي وڏي. مون ڪان سيسراٽ نڪري ويو.

سيٺ جو ڳالهائڻ چالو ٿي ويو. چيائين، ”اڄ رات جو ٽين بجي

عزت ماب عاالا حضرت جناب وزير ماليات مسجد شريف جو افتتاح ڪرڻ فرمائيندا. اما بعد. ان ڪان پوءِ فقيرن، غريبن لاءِ غريباڻو پٽ ٿيندو. پٽ بعد چوٽي صالح محمد قوال، جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ يورپ ۽ آفريڪا مان پنهنجي فن جو زبردست مظاهرو ڪري موٽيو آهي، نذرانہ عقيدت پيش ڪندو. ان ڪار خير ۽ ڪار ثواب ۾ شرڪت لاءِ اهل محلہ کي دعوت ڏيڻ لاءِ مان پاڻ نڪتو آهيان. مهرباني ڪري مسجد مُحَمَدي جي افتتاحي تقريب جي فنڪشن ۾ شريڪ ٿي ثواب دارين حاصل ڪندا ۽ مون گنهگار جي همت افزائي ڪندا. اما بعد.“

فوٽ بال وانگر گول ۽ اَن جي اڌ پريل ڳوڻ جيترو بندرو الحاج سيٺ نيڪ محمد تقرير هٽي هليو ويو.

منهنجي ننڍڙي پٽ مهديءَ ٿهڪ ڏنو ۽ خاموش ٿي ويو.

حميدان حيرت وچان مهديءَ ڏانهن ڏسندي پڇيو”هيترا ننڍڙا ٻار بہ ٿهڪ ڏيندا آهن ڇا؟“

”اهو ٿهڪ نہ هو منهنجي پياري حميدان.“ ڪيس سمجهايم. ”اهو ٻک جو چڪ هو.“

مهديءَ ٻيهر ٿهڪ ڏنو.

حميدان چيو”ٿهڪ ٻڌين ٿو! ڪٿي چوڪري ۾ جِنَ تہ نہ واسو ڪيو آهي!“

”تون تہ صفا وَيَلَ آهين.“ ڪيس آٿت ڏيندي چيم.”ٻکيا ڏکيا ماڻهو جن تہ جن، خدا ڪان بہ ڏاڍا هوندا آهن. جِنَ کي موت ڪنيو آهي جو مهديءَ ۾ واسو ڪندو.“

حميدان غور سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

پڇيومانس، ”ڇا پيئي ڏسين.“

ورائي پڇيائين،”تون ملحد تہ ناهين.“

وراڻيم، ”تون فڪر نہ ڪر. مان مومن مسلمان آهيان. تنهنجو

منهنجو نڪاح اسان جي غمن وانگر سدائين برقرار رهندو.“
حميدان چيو ”مهديءَ جي ڪلڻ ۾ ضرور ڪو راز آهي.“
”راز وري ڏوڙ جو آهي.“ مون کي ڪاوڙ لڳي.
حميدان منهن ڦيرائي ليٽي پئي. مان خيالن جي پرندڙ جبل کان منهن ڦيرائي نه سگهيس. انيڪ خيال، پانت پانت جا وهم ذهن کي ورائيندا ويا. سوچ ستن آسمانن تي پتڪڻ لڳي. تصور تخيل جي رڻ ۾ رلندو رهيو. وهلور ويچار شعور جي ڪنڊرن ۾ ڪري ۽ ڪوڙي لاءِ ڪامندا رهيا. تڏهن، ڪٿي پڙهيل هڪ جملو ياد آيم، ته ’هر ڪو انسان دنيا ۾ ڪنهن خاص مقصد لاءِ موڪليو ويو آهي.‘ ان رات خيالن جي باهه ۾ پسم ٿيندي سوچيم، ته مان، حميدان ۽ اسان جو پٽ مهدي ڪاموڙڪي آمريت جي پوت آڏو بليدان ٿيڻ لاءِ موڪليا ويا آهيون. اسين پوليس اسٽيٽ جا پادر جهلڻ لاءِ دنيا ۾ آيا آهيون.
الاءِ ڪهڙي ويل حميدان ڪٽ تان اُٿي، ۽ الائي ڪهڙي مهل منهنجن پيرن ۾ اچي ويٺي. منهن منهنجن گوڏن ۾ وجهي چڏيائين. پريل آواز ۾ چيائين، ”ڪٿان به مونکي به گرهه ماني آڻي ڏي. منهنجي ٿج آلي ٿئي ته مهديءَ کي ڏيان.
ڪروڌ وچان وراڻيم، ”مان ماني ڪٿان آڻيان. انتظار ڪر، شايد تنهنجي نصيب جو داڻو پاڻي گهمندو ڦرندو اچي نڪري.“
چيائين، ”هينئر مون کان برداشت نٿو ٿئي.“
پڇيومانس، ”ڇا برداشت نٿو ٿئي ٿي.“
جواب نه ڏنائين. روئي پئي.
سندس منهن مٿي ڪندي چيم، ”حميدان، اچ ته خودڪشي ڪيون. ذلت جي زندگيءَ کان عزت جو موت بهتر آهي.“
”خبر اٿئي اهو قول ڪنهن جو آهي.“
”منهنجي دوست جو آهي. هن به اهي اکر پوليس اسٽيٽ جي

ڪامورڪي آمريت کان بيزار ٿي چڪا هئا. پڇيومانس، ”ڪهڙو خيال اٿئي. ڪيون پاڻ ٿيئي باجماعت خودڪشي؟“

وراڻيائين، ”خودڪشي گناهه آهي.“

”۽ بک مرڻ ثواب آهي شايد!“ چيم، ”ٺيڪ آهي، اڄ ته صبر سان بک مري ثواب دارين حاصل ڪيون.“

ننڍڙي مهديءَ ننڍڙو ٺهڪ ڏنو ۽ پوءِ اٿچتي پڻ پڻ پڏڻ ۾ آئي.

حميدان هڪدم ڪٽ ڇڏي اٿي بيٺي. عجب حيرت ۽ پريشانيءَ وچان چيائين ”مهديءَ جا پيءُ، ٻڌءِ، مهديءَ جو ڳالهائڻ ٻڌءِ.“

”پڻ پڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ فرق هوندو آهي.“

”نه نه. اسان جي مهديءَ ڳالهايو آهي.“

”تنهنجو مطلب آهي اسان جو مهدي امام مهدي آهي؟“

مونجهاري مان چيائين، ”ٿي سگهي ٿو اسان جو مهدي امام مهدي هجي.“

سمجهايومانس، ”اسلام پسند امام مهدي زهره فونا *جي نهائينءَ وٽ هڪ ٽيپ رڪارڊ ڇڏي پڄي ويو. اسان جو ولي عهد خدانخواسته امام مهدي ناهي.“

حميدان زنانو ضد ڪندي چيو ”مان ته سمجهان ٿي اسان جو مهدي امام مهدي آهي.“

”تون ته صفا ڪا درويشياڻي آهين.“ وراڻيم، ”هڪ لک چوويهه هزار نبين مان هر هڪ نبي وچ مشرق يعني مڊل ايسٽ ۾ پيدا ٿيو هو. تنهن ڪري هن دفعي به امام مهدي عربستان ۾ پيدا ٿيندو. اسان جي ڪهڙي مجال آهي جو نبي جڻي سگهون.“

” هڪ ته هونءَ ئي حافظو ڪمزور اٿئي، مٿان بک مٿيون

---

* انڊونيشي عورت جنهن 1970ع ۾ دعوي ڪئي هئي ته سندس پيٽ ۾ ڳالهائيندڙ مهدي آهي. اڪثر ملڪن ۾ سندس آڌر ڀاءُ ٿيو هو ۽ سندس پيٽ مان ايندڙ آواز ٻڌو ويو هو. نيٺ راز کليو. هن پنهنجي سٿر سان ڪيسيٽ رڪارڊ ٻڌي ڇڏيو هو.

منجهايون اٿئي.“

حميدان چيو ”امام مهدي نبي نہ بلڪ آخري امام تي پيدا ٿيندو سمجهيئہ.“

”نهيو ڏهہ مارڪون ويون.“

”هاڻي تہ پڪ ٿيئہ نہ اسان جو مهدي امام مهدي آهي.“

پڇيومانس، ”يلا ٻڌاءِ اسان جي مهديءَ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ پڙهڻ ڪئي آهي؟“

سوچيندي وراڻيائين، ”مان سمجهان ٿي، سنڌيءَ ۾ ڳالهايو اٿائين.“

”تہ پوءِ ڀُلي آهين. درويشياڻي.“ چيم. ”پاڪستان ۾ جيڪڏهن امام مهدي پيدا ٿيو تہ پڪ چاڻ اڙدوءَ ۾ ڳالهائيندو. چريو ٿيو آهي جو سنڌيءَ ۾ ڳالهائي پنهنجي امامت خطري ۾ وجهي ڇڏيندو!“

اها ڳالهہ حميدان کي شايد دل سان لڳي. مهديءَ جي پاسي ۾ ليٽي پيئي. ڪجهہ دير تائين مهديءَ کي مٺيون ڏيندي رهي. پوءِ منهن ورائي چيائين، ”مون کي مسيت مان پت آڻي ڏي.“

”ڪهڙي مسيت!“ الحاج سيٺ نيڪ محمد جي مسجد محمدي.“

”ها.“

”خيرات جو پت کائيندينءَ.“

حميدان بيچينيءَ سان پاسو ورايو. چيائين، ”خيرات چاجي! سيٺ صاحب اسان کي دعوت ڏئي ويو آهي.“

”هونهہ.“ چيم، ”سيٺ گذريل آچر تي انٽرڪانٽينينٽل ۾ جيڪا دعوت ڪئي هئي، تنهن لاءِ اسان کي دعوت تہ نہ ڏني هئائين.“

حميدان روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو ”خدا تو چاڻي تہ مان پنهنجي لاءِ ڪجهہ نٿي گهران. منهنجي پيٽ ۾ پہ گرهہ لهن تہ من ٿڃ آلي ٿئي. ڏسين نٿو مهدي ٻڪ کان بيحال ٿي برف جهڙو ٿڌو ٿي ويو آهي.“

مهدي ٿهڪ ڏنو.

مون ڪان نہ، حميدان ڪان چرڪ نڪري ويو. حميدان ڪي چيم،"اسان جو مهدي بہ شايد ٻَتَ ڪائڻ جي موڊ ۾ آهي. وڃي وٺي ٿو اچان."

مان گهر ڪان ٻاهر نڪتس. گهٽيءَ ۾ ڏاڍي رونق هئي. ڇوڪراڻن جي هڪ ٽولي منهنجي پرسان نعرا هڻندي هلي ويئي، "مارينگي مرجائين گي _ اسلامي نظام لائين گي."

ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. منهن ورائي ڏٺم. ماستر عاقل خان هو جنهن جو عقل حالتن چرخ ڪري ڇڏيو آهي. چيائين، "ٻڌين پيو ڇورا ڇا پيا چَوَن."

وراڻيم، "اسلامي نظام لاءِ نعرا پيا هڻن."

ماستر عاقل خان ٿهڪ ڏنو. چيائين،"تون بہ صفا ڪو اسسٽنٽ ڊيپوٽي انسپيڪٽر آف اسڪولس آهين. اڙي هي ڇورا نظام لاءِ نعرا پيا هڻن."

پڇيومانس،"ڪهڙو نظام."

وراڻيائين، "نظام سقہ، جنهن همايون بادشاهہ کي جمنا نديءَ ۾ ٻڏي مرڻ ڪان بچايو هو."

مون واٽڙن نگاهن سان ماستر عاقل خان ڏانهن نهاريو. هن چيو"هندستان جي رنگين تاريخ مون کي آڱرين تي ياد آهي. مان ماستر آهيان، اسسٽنٽ ماستر اِن دي ڊائريڪوٽريٽ آف ايڊوڪيشن گورنمينٽ آف پاڪستان، ان دي پي اسڪيل آف _10_Rs. 175* 250, EB 15_350 اهي ڳالهيون اسان ماسترن کي بر زبان ياد آهن."

مونکي عاقل کان وحشت ٿيڻ لڳي. کسڪڻ چاهيم، پر هن مون

(* 1970ع جو پي اسڪيل.)

ڪي ٻانهن ڪان وٺي سوگهو ڪيو. منهنجي منهن ۾ چتائي چوڻ لڳو”يو لا اپائينڊنگ سٽيزن آف اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان. ٽيل مي ـ مون کي ٻڌاءِ، ڇوڏهن ٻاتين لاءِ اسسٽنٽ ماستر جي پگهار مان ڪيترو اٿو ڪيترو لٽو ۽ ڪيترو (....) ملي سگهندو! ٽيل مي. پلينٽي پلينٽي جهجهو جهجهو.“

ماستر عاقل خان کي چيم،”ماستر، هو پاڻ وارو الحاج سيٺ نيڪ محمد نہ آهي.“

”ڪهڙو نيڪ محمد؟ ولايتي شراب جو وڏو واپاري ۽ عربي سون جو سمگلر! اهو نيڪ محمد.“

”ها.“

”الله کي پيارو ٿي ويو ڇا؟“

”هو ۽ هن جهڙا ٻيا بندا الله کي هميشہ پيارا هوندا آهن. ماستر عاقل خان. لاک تو جهڙن ۽ مون جهڙن بندن گندن جي نڪرندي آهي.“

”اڇا!“ ماستر چيو”ڇئبو تہ آسمان تي بہ ڪنهن اسسٽنٽ ڊيپوٽي انسپيڪٽر آف اسڪولز جو راڄ آهي. ڪاغذ گم.“

ماستر کي لائين تي آڻيندي چيم، ”ماستر، الحاج سيٺ نيڪ محمد پنهنجي پاڙي ۾ ٽين مسجد ٺهرائي آهي. ان خوشيءَ ۾ مسجد وٽ پٽ ڪيو اٿائين، ڪائيندين.“

”پٽ پولا ڪائيندا آهن. مان ماڻهو آهيان.“ ماستر عاقل خان آسمان ڏانهن هٿ ڪٽي ٺهڪ ڏيڻ لڳو. پاڙي جا ٻارڙا کيس ورائي ويا. هنن عاقل خان کي گول دائري ۾ آڻي، تاڙيون وڄائي هڪ آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ”ماستر عاقل خان، اسسٽنٽ ماستران دي ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊوڪيشن، گورنمينٽ آف پاڪستان ـ پاڪستان زنده باد.“

ه استر عاقل خان ٻارن جي وچ ۾ جهمر هڻڻ لڳو. مان مسجد ڏانهن هليو ويس. ٽين گهٽيءَ ۾ مسجد محمدي نهي راس ٿي هئي. ان گهٽيءَ تائين پهچڻ لاءِ آوازن ۽ نعرن جي گهمسان مان لنگهڻو پيو. چونڊن جو آغاز هو. هرڪو جڻ سياسي سريت جي چڪر ۾ هو. ڪو ڪيس مسلمان ڪرڻ جي جدوجهد ۾ هو. ۽ ڪو ڪيس سوشلسٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو. ڪنهن نالي سان، ڪنهن چاٻيءَ سان، ڪنهن ساهميءَ سان ۽ ڪنهن تلوار سان ڪيس ريجهائڻ جي رمز ڪڍي هئي. پر ترڪتالڻ ماڻهن جي هٽن مان نڪتي پيئي ويئي.

مان ٽيئي گهٽيون پار ڪري مسجد محمدي وٽ پهتس.

مسجد محمدي کي خوب سينگاريو ويو هو. رنگارنگي ننڍڙا بلب ايترا ٽنگيا هئائون جيترا آسمان ۾ تارا. وڏن بلبن مان مٿس روشنيءَ جو آبشار ٺجي رهيو هو. مسجد کي اندران ۽ ٻاهران اهڙو جرڪايو ۽ چمڪايو هئائون جو ڪيترائي مون جهڙا مولائي پنهنجا قاتل، پراڻا ميرا ڪپڙا ۽ هيٺا حال ڏسي احساس ڪمتريءَ وچان مسجد کان پريرو بيهي رهيا هئا.

مسجد جي ٻاهران پٽ جون پنجاهه کن ديڳيون لٽيون رکيون هيون. پٽ جي واءُ سواءُ تي ناس هڻندا حيدرآباد جا جملي پينگيا اچي مسجد محمديءَ پيڙا ٿيا هئا. هو سيئي اک چنيڻ بنا پٽ جي ديڳين ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ وات مچڪائي رهيا هئا. منهنجي پهچڻ کان ڪجهه دير اڳ عزتماب جناب وزير ماليات مسجد جو افتتاح ڪري وينس سئنيما ۾ پاڪستان جي ياءُ اسلامي ملڪ مصر جي حسين بيلي ڊانسرس جي شو جو افتتاح ڪرڻ هليو ويو هو.

مسجد جي ٻاهران پوليس جو معقول انتظام هو. ويهه کن سپاهي هٿن ۾ ڏنڊا وات ۾ سگريٽ وجهي اسان تي ڪرڙي اک رکي بيٺا هئا.

مون هڪڙي پاڻ جهڙي کان پڇيو. ”ديڳين جو ڍڪ سچل

سرمست لاهيندو ڇا؟“

هن وراڻيو ”مولانا نبي احمد دهلوي جيستائين پٽ جي ديڳين تي ختمو درود نہ پڙهندو، تيستائين ديڳين جو ڍڪ نہ لهندو.“

”۽ مولانا نبي دهلوي ڪٿي آهي؟“

”مسجد جي هجري ۾ مرغ مسلم ۽ چنگيزي ڇيلو کائي رهيو آهي.“

”توهين ٻئي ڪنهن شرارت لاءِ سٽ تہ نہ سٽي رهيا آهيو؟“ هڪڙي پوليس واري منهنجي منهن ۾ سگريٽ جو دونهون ڇڏيندي پڇيو.

مون ادب سان وراڻيو ”نہ مائي باپ اسين ايمان جي آس تي زهر جهڙي زندگي گذارڻ لاءِ پاڻ کي پختو ڪري رهيا آهيون.“

”شاباس.“ پوليس وارو اڳتي هليو ويو.

پٽ جو انتظار ڪندي بک جو احساس وڌندو ويو. هر ڪو مسجد جي سينگاريل در ڏانهن آسائتين اکين سان نهاري رهيو هو.

مسجد جي در مان نظر ايندڙ نظارو روح پرور هو. ورانڊي جو فرش اڇي موزيڪ جو هو ۽ روشنين جي آبشار ۾ سنگ مرمر وانگر جرڪي رهيو هو. ورانڊي جي ٿلهن وٽان مسجد جي اندرين پاسي جي هڪ حصي جي جهلڪ نظر اچي رهي هئي، جتي قيمتي غاليچا وڇايل هئا. الحاج سيٺ نيڪ محمد جا پٽ، پوٽا ۽ ڏوهٽا ٿلهن جي اوٽ ۾ اکيون راند ڪري رهيا هئا. ڪين ڪمخواب جا قيمتي ڪوٽ ۽ شيروانيون ۽ اٽلس جا چست پاجاما پاتل هئا. لُوبان ۽ اگربتين جي پر اسرار دونهين ۾ هو آسماني مخلوق لڳي رهيا هئا مونکي پنهنجو مهدي ياد آيو.

مون مسجد جي در تان نظرون هٽائي هجوم ڏانهن ڏٺو. سندن صبر جو جذبو ڏسي پاڪستاني قوم جي عظمت جو قائل ٿي پيس.

هڪڙي ڄڻي مونکان پڇيو.”ڪيئن ٿو ڀانئين! ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جي معاشي حالت سڌاريندو نہ.“

”فڪر ئي نہ ڪر.“ اصل گهر ويٺي ماني پهچائيندو.“

منهنجو جواب ان شخص کي نہ وڻيو. چيائين.”تون ضرور جماعت اسلامي جو چاڙتو آهين.“

مون کي کل آئي. وراڻيم. ”جماعت اسلامي وارن مونکي ڇڻ ڀڻي گهاٽي ۾ پيڙائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“

هن شخص پاسي ۾ ويٺل ٻن ٽن ماڻهن سان سرٻاٽ ڪيا. منجهائن هڪ ڄڻي چيو”تون ڏوبيءَ جو ڪتو آهين. گهر جو نہ گهاٽ جو.“

وراڻيم. ”مان ميونسپالٽيءَ جو ڪتو آهيان.“

مون کين نظر انداز ڪري ڇڏيو. منجهائن هڪ ڄڻي کي سي. آءِ. ڊي وارن جهڙي اُڻ ــ تڻ هئي. پڇيائين. ”تون اُهو تہ ناهين. جيڪو ٽين گهٽيءَ ۾ رهندو آهين.“

”تي سگهي ٿو.“

”۽ اخبارون وڪڻندو آهين.“

”وڪڻندو هوس.“

”هُن سرٻاٽن ۾ پنهنجي ساٿيءَ کي چڱي چوکي انفرميشن ڏني، جنهن جو مفهوم هن ريت هو تہ. هيءُ شخص ڪٽر سنڌي آهي ۽ ڪميونسٽ آهي ۽ آمريڪي سامراجين جو ايجنٽ آهي. پوليس جو خيال آهي تہ هيءُ شخص تخريب پسند عناصر آهي ۽ اخبارون وڪڻ جي بهاني حيدرآباد شهر ۾ بارودي سرنگن جو چار وڇائي رهيو آهي.

ان ساڳئي شخص منهن ورائي مون کان پڇيو.”تون نوڪري ڇو نٿو ڪرين.“

پڇيومانس، "نوڪري ڏياريندين؟"

هو ککو وکو ٿيو. چيائين، "مان معمولي باربر آهيان. توکي ڪهڙي نوڪري ڏياري سگهندس."

"تون باربر، يعني حجم آهين!" مون ڪيس ٻانهن کان وٺندي چيو "منهنجي زال، منهنجو پٽ مهدي ۽ مان منهنجي بيروزگاريءَ سبب بک ٿا مرون. اسان جي ملڪ ۾ حجمن جو راڄ آهي. مون کي ڪا نوڪري ڏيار."

ڦڪو ٿيندي وراڻيائين، "پاڻهي وڃي ڳول."

وراڻيم، "اسان جو ملڪ سفارشن جو عالمي چئمپئن آهي. نوڪري تہ ڇا، زندگي ۽ موت بہ سفارش سان ملندا آهن."

هن ۽ سندس ساٿين گهور ڪري نهاريو. منجهان هڪ ڄڻي پڇيو "تون ڪهڙي قسم جو مسلمان آهين."

"مان اتفاقي مسلمان آهيان. سِک جي گهر ۾ پيدا ٿيان ها تہ سک هجان ها. ڪرستان جي گهر ۾ پيدا ٿيان ها تہ عيسائي هجان ها."

حجم پنهنجن ساٿين کي چيو "پوليس جو خيال غلط ناهي. هيءُ شخص سچ پچ خطرناڪ آهي. هن جي پاسي ۾ ويهڻ ڪفر آهي."

هو ٿيئي کسڪي ويا.

ٿوري دير کان پوءِ مسجد جي سينگاريل در مان مولانا نبي احمد دهلوي پنهنجي فٽ بال جهڙي پيٽ تي هٿ گهمائيندو، اوڳرايو ڏيندو ۽ رازق رب رحيم جو ڦيرو ڦيرائيندو ٻاهر آيو. الحاج سيٺ نيڪ محمد ساٿس گڏ هو ۽ هوبهو فرشتن جهڙو نظر اچي رهيو هو. هو ٻئي وڃي ديڳين وٽ بيٺا. مولانا ديڳين تي ڪجهہ پڙهڻ لڳو. ان وچ ۾ پوليس وارن اسان سيني کي ڏنڊو ڏيکاري قطار ۾ ويهاريو. مولانا دعا لاءِ هٿ کنيا. مولانا هٿ هيٺ ڪيا. پوءِ جڏهن ديڳين جا ڍڪ لٿا. تڏهن اسين قطارون ڊاهي ديڳين تي ائين وڃِ ٽٽاسين، ڄڻ تہ ديڳيون چقمق

۽ اسين لوهہ جا بيڪار بيسودا ذرڙا هئاسين.

الحاج سيٺ نيڪ محمد ۽ مولانا نبي احمد پرپرو بيهي نظاري مان لطف اندوز ٿيڻ لڳا. ٻنهي جي منهن تي مرڪي هئي. هو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا ۽ رڪي رڪي ننڍڙا ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا.

نڪر جو ڪتورو ڪٽي، ڪرندو، ڏڪبو ۽ ٿاٻڙبو هڪ ديڳ وٽ وڃي دنگ ڪيم. نڪر جي ڪتوري ۾ پت ورتم ۽ پنيان آواز آيو. "هن ڪي پت جام ڏي."

مون منهن ورائي ڏٺو مولانا نبي احمد هلندو ديڳ مٿان اچي بيٺو هو منهنجي خواب ۽ خيال ۾ بہ نہ هو تہ مولانا مون کي بچڙي حال، ڪوجهي ڪال ۾ سڃاڻي وٺندو ۽سڃاڻندو تہ پلئہ ڪندو (مولانا وٽ مون جهڙن وات ڳاڙهن جي لسٽ آهي.)

پت ورهائيندڙ منهنجو ڪتورو پت سان پري ڇڏيو پوئتي مس ٿيو هوندس جو مولانا نبي احمد چيو "ڏسي ڇڏ اسلامي نظام جي اچڻ جا آثار."

دل چاهيو تہ پت سان پريل ڪتورو مولانا جي پيٽ تي وهائي ڪيان، پر اوچتو ذهن ۾ حميدان ۽ مهديءَ جو خيال آيو ۽ زهر جو ڍڪ پري ڇڏيم.

مولانا نبي احمد دهلوي منهنجي سامهون اچي بيٺو منهنجين اکين ۾ اکيون وجهندي پڇيائين، "ڏي خبر ڇاٿو چوي تنهنجو جديد معاشي ۽ اقتصادي نظام! مڃين ٿو تہ تنهنجي محنت ڪش ماڻهوءَ جو وجود فريب آهي."

نہ چاهيندي بہ وراڻيم، "مولانا، ڌرتيءَ مان پنهنجي ساءِ ڪرڻ ڪاندبيرا، ڪبڙ ۽ ٿوهر اسرندا آهن. پنهنجي ساءِ ڌرتي مان ان ڪڻو اپرندي ڏٺو اٿئي! جيستائين محنت ڪش انسان جو هٿ ڌرتيءَ کي نٿو ڇهي تيستائين اناج جو ڪڻو نٿو اسري."

مولانا نبي احمد سٽ ڏيئي پٽ جو ڪٽورو مونکان ڦري ورتو پريان ڪٽورو ڏيکاريندي چيائين، ”هاڻي ڪر خبر. روزي خدا جي وس آهي ۽ انسان جي.“

وراڻيم. ”روزي نه خدا جي وس آهي ۽ نه انسان جي، روزي في الحال تنهنجي هٿ وس آهي.“

مولانا نبي احمد ٻاهه تي ويو. ڪٽورو ڦيرائي سڙڪ تي اڇلايائين، گوڙ تي ماڻهن جو ميڙ مڙي آيو. حجم اڳيرو ٿيندي چيو ”اسان ته هن کي هڪدم سڃاتو هو وڏو ڦڏي باز آهي.“

مون حسرت وچان پڳل ڪٽوري ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ مولانا جي ڦٽ ٻال جهڙي پيٽ ڏانهن اکين آڏو پيهر حميدان جو سڪل چهرو ۽ ڏرا ڏنل اکيون تري آيون. مولانا کي مارڻ جو ارادو رد ڪري پيهر ديگ جو رخ ڪيم. هڪڙي هيٺي ڪان نڪر جو ڪٽورو ڦري ورتم. پٽ مس ورتو هوندم جو زنانو آواز ڪن پيو. آواز حميدان جو هو. هو هجوم مان واٽون ڪندي، واڪا ڪندي وڏندي پئي آئي. ”مهديءَ جا پيءُ، مهديءَ جا پيءُ، ڪٿي آهين. مهديءَ جا پيءُ.“

حميدان جي ٻانهن ۾ مهدي هو. چهرو بيحد پريشان پئي ڏٺس، وار وکري ويا هئس، مهديءَ کي ڀاڪر ۾ ڀيڪوڙي چڏيو هئائين. هو ديوانين وانگر ڊوڙندي هجوم مان ڪاهيندي پئي آئي، هر ڪنهن جو ڌيان گهڙي کن لاءِ پٽ تان هٽي حميدان ڏانهن ڇڪجي ويو مان پٽ جي ڪٽوري سميت حميدان ڏانهن وڌي ويس، ڀانيم، چوندا آهن. بک ٻچڙو ٿول دانا ديوانا ڪري، سو ان حساب ڪتاب موجب منهنجي حميدان ديواني ٿي پيئي آهي شايد.

مون کي ڏسڻ شرط حميدان مهديءَ کي منهنجين ٻانهن ۾ ڇڏي ڏنو سهڪندي، وچڙندي چيائين، ”مهديءَ جا پيءُ، مهدي ڳالهائي ٿو.“

ڏک وچان چيم. ”بک ۾ پاهه ٿيڻ کان پوءِ پيٽ سان گڏ ڪنن ۾ ٻه

ڪوٺا ڊوڙندا آهن، اچي پٽ ڪاڻ.“
حميدان ڪٽورو پري ڪندي چيو ”مون پنهنجي ڪنن سان ٻڌو آهي مهديءَ چٽيءَ آواز ۾ ڳالهايو آهي.“
ماٺھو پٽ جا ڪٽورا کڻي اسان جي چوگرد گڏ ٿي ويا.
مون مهديءَ ڏانهن ڏٺو هو پنهنجين معصوم اجهامندڙ ننڊڙين ننڊڙين اکين سان نهاري رهيو هو. پتڪڙا چپ سڪي نوٽ ٿي ويا هئس، گلاب جي پنکڙين جهڙو ڪونئرو بدن ڪومائجي بي رنگ ٿي ويو هوس، پيٽ وچي پٺيءَ سان لڳو هوس، ننڍڙي نڪ مان ايندڙ ويندڙ ساهہ جو سلسلو آهستي آهستي جهڪو ٿيندي پئي ويس، مون محسوس ڪيو منهنجي مهديءَ جو آخري وقت هو. منهن هيٺ ڪري سندس ڳل تي پنهنجا چپ رکيم. روح تائين غم جي چپن هيٺان پورجي ويس، تڏهن اوچتو منهنجي لونءَ لونءَ ڪاندارجي ويئي.
هڪ هيٺو جهيٺو پر چٽو آواز مهديءَ جي اندر مان ايندي محسوس ڪيم، ”بابا بک لڳي آهي، بابا بک لڳي آهي.“
مون منهن مٿي ڪري حيرت وچان مهديءَ ڏانهن ڏٺو مهديءَ جا پتڪڙا چپ چري رهيا هئا.
مون ٻيهر منهن هيٺ ڪري پنهنجا چپ مهديءَ جي ڳل تي رکي ڇڏيا، آواز ٻڌم، ”بابا بک لڳي آهي.“
پٽ جي ڪٽوري مان آڱر تي پٽ کڻندي چيم، ”مهدي منهنجا پٽ پٽ ڪائيندين؟“
مهدي پنهنجا چپ بند ڪري ڇڏيا.
حميدان چيو ”مان سمجهان ٿي، هو سچو امام مهدي آهي.“
حميدان کان اکيون آليون لڪائيندي ڳالهايم، ”هيءُ سچ پچ امام مهدي آهي، تہ پوءِ جلد ئي آخري سفر تي اسهي رهيو آهي؟“ آواز پرجي آيو.

چيم، ”هيءُ امام مهدي ناهي، هيءُ اسان جو مهدي آهي، تنهنجو منهنجو مهدي آهي.“

حميدان جي اکين مان ڪنل ممتا ڪربلا جي شام جهڙو ڏيک ڏيڻ لڳي.

مهديءَ جو آواز آيو ”بابا بک لڳي آهي.“

مون پيار وچان چيو ”مهدي منهنجا پٽ، سڄي خلق خدا جي هن پٽ جي چڪر ۾ سرگردان آهي. ماڻهين جي ٽيج سڪي وئي آهي. تون هي پٽ کاءُ.“

مهدي منهنجين ٻانهن ۾ ڦٿڪيو. وسامندڙ اکيون منهنجين اکين ۾ وجهي چڏيائين. مون پنهنجو منهن سندس ننڍڙي سيني تي آهستي رکيو. سندس ساهه جو ابابيل هڏڙين جي قفس مان اڏامڻ لاءِ پرڙا هڻي رهيو هو. مهديءَ ٻڏندڙ آواز ۾ چيو ”مون کي پگهر جو پورهيو کاراءِ بابا، خيرات جو پٽ کائيندس ته اُڪت مري ويندس.“

***

# ڏند ڪٿا

يوناني ديوتا، يوناني ڏند ڪٿائن جو اسان جي حقيقتن سان مقابلو ڪري رهيو هو ۽ ذري گهٽ وائڙو ٿي رهيو هو.

يوناني ديوتا چيو "حقيقتن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ وڏو فرق آهي. پر، توهان جي حقيقتن يوناني ڏند ڪٿائن جا ڏند ئي ڀڃي ڇڏيا آهن."

چيم، "اسان وٽ اهڙا اهڙا ته ٻهروپيا اجگر آهن، جو يوناني ديوتائن کي ڏند ڪٿائن سميت جيڪر جيئري اڳري ڇڏين."

يوناني ديوتا وراڻيو "باقي هڪ ڏند ڪٿا رهجي ويئي آئي، جيڪا توکي نه ٻڌائي اٿم."

"ٻڌاءِ" چيم. "ان ڏند ڪٿا جي مقابلي ۾ بيان ڪرڻ لاءِ ڪانه ڪا مناسب حقيقت اسان وٽ ضرور موجود هوندي."

”سراسر ناممڪن.“ يوناني ديوتا چيو ”ان ڏند ڪٿا جي مقابلي ۾ بيان ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ ڪابہ حقيقت نہ هوندي آهي.“

”تون ٻڌاءِ تہ سهي ديوتا.“ چيم. ”تنهنجي آخري ڏند ڪٿا بہ اسان جي حقيقت کان مات کائيندي.“

يوناني ديوتا مون ڏانهن ڏسي، کليو. هن ڏند ڪٿا ٻڌائڻ شروع ڪئي. ”يونان ۾ فونيڪس نالي هڪ پکي هوندو هو. هنس کان وڏو ۽ وڏيڪ سهڻو. ڪنهن ڳالهہ تان يوناني ديوتا فونيڪس کان ناراض ٿي پيا. هنن کيس مسلسل عذاب ۾ ڇيڇلائڻ جي سزا ۽ بددعا ڏني. پوءِ ٿيو ائين، جو جڏهن بہ فونيڪس پکي اڏامندو هو پرواز جي آواز سان کيس باهہ وڪوڙي ويندي هئي، ۽ هو اک ڇنڀ ۾ سڙي رک ٿي ويندو هو. بددعا مطابق پنهنجي رک مان فونيڪس ٻيهر جنم وٺندو هو. نئون جنم وٺي اُڏامندو هو ۽ پرواز جي آواز سان باهہ ۾ وڪوڙجي سڙي رک ٿي ويندو هو. پنهنجي رک مان هو ٻيهر جنم وٺندو هو ۽ سهڻا پر پکيڙي وري اُڏامندو هو. اڏامڻ شرط کيس باهہ وڪوڙي ويندي هئي ۽ هو سڙي رک ٿي ويندو هو. پنهنجي پرواز جي آواز سان سڙي رک ٿي وڃڻ، ۽ رک مان ٻيهر جنم وٺي اڏامڻ شرط سڙي رک ٿي وڃڻ جو عذاب فونيڪس لاءِ صدين تائين هلندو آيو.“

ڏند ڪٿا ٻڌائڻ کان پوءِ فخر سان يوناني ديوتا مون ڏانهن ڏٺو.

منهنجن چپن تي مرڪ ڏسي پڇيائين، ”ڇو؟ کلين ڇو ٿو. جواب ڏي.“

چيم. ”جواب ڏيڻ بدران مان توکي اهو منظر ڏيکاريندس جنهن جي آڏو فونيڪس واري ڏند ڪٿا توکي هيچ نظر ايندي.“

۽ پوءِ مون کيس اهو منظر ڏيکاريو.

هڪ نوجوان جا هٿ پير زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا. ۽ زنجير ٻڙ جي ٿڙ سان ٻڌل هئا. نوجوان جو وات سبيل هو. ڪنن تي تاڪيو ن

چڙهيل هئس. سندس ٻئي اکيون نڪتل هيون، جن مان رت ٽمي رهيو هوس. نوجوان جي اکين مان ٽمندڙ رت جڏهن ڌرتيءَ کي ڇُهيو، تڏهن سندس ٻي نور اکين ۾ نور موٽي آيو ۽ هو حال کان مستقبل ۾ نهارڻ جهڙو ٿي پيو. تڏهن اوچتو ٻڙ جي ٽڙ پوئتان هڪ ڄامڙو ٺهڪ ڏيندو نڪري آيو ۽ خنجر جي ڇهنب سان نوجوان جون اکيون ڪڍي، وري وڃي ٻڙ جي وڻ پٺيان لڪيو. نوجوان جي اکين مان رت وهڻ لڳو. وهندڙ رت جڏهن ڌرتيءَ کي چميو، تڏهن نوجوان جي ٻي نور اکين ۾ نور موٽي آيو ۽ هو وري حال کان مستقبل ۾ نهارڻ جهڙو ٿي پيو. تڏهن، اوچتو ڄامڙو ٺهڪ ڏيندو ٻڙ جي ٽڙ پٺيان نڪري آيو ۽ خنجر جي ڇهنب سان نوجوان جون اکيون ڪڍي وري وڃي ٽڙ جي پوئتان لڪيو.

يوناني ديوتا ڪيتري دير تائين تعجب، اچرج ۽ خوف وچان اهو منظر ڏسندو رهيو. هُن دهشت مان پڇيو”هي نوجوان ڪير آهي، ۽ سندس ڏوهہ ڪهڙو آهي؟“

وراڻيم، ”هيءُ نوجوان هن ڌرتيءَ جو پٽ آهي، ڪيس پنهنجي ماءُ سان پيار آهي. اهوئي سندس ڏوهہ آهي.“

”۽ ڄامڙو؟“

”ڄامڙي جي هٿ ۾ وقت جي واڳ آهي.“

منهنجو جواب ٻڌي يوناني ديوتا پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ يونان موٽي ويو.

***

# منهنجي نصيب ۾ تون نہ آهين

مون يونيورسٽي بڪ شاپ جي ڪيشيئر ڪان پڇيو ”ميگي نظر نہ ٿي اچي، ڪٿي آهي؟“

چيائين، ”پوسٽ آفيس ويئي آهي، هڪ پارسل رجسٽر ڪرائڻو هوس.“

ميگي فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ جي بڪ شاپ ۾ پارٽ ٽائيم سيلز گرل هئي. هوءَ يونيورسٽيءَ مان ٽيليويزن لاءِ لکڻ جو گريجوئيٽ ڪورس ڪري رهي هئي. خرچ پکو پورو ڪرڻ لاءِ هو يونيورسٽيءَ جي بڪ شاپ ۾ صبح جو يارهين کان منجهند جي ڏيڍ لڳي تائين ڪم ڪندي هئي.

فلوريڊا يونيورسٽي (آمريڪا) ۾ اهو منهنجو آخري ڏينهن هو.

مون پنهنجي زندگيءَ جا يادگار ۽ ڪڏهن نہ وسرندڙ ڇهہ مهينا اتي گذاريا هئا. پوئين ڏينهن دل ڏاڍي اُداس، ۽ من ملول هو. واچ ۾ وقت ڏنم. هڪ ٿي رهيو هو. مان ڪتاب ڏسڻ لڳس. منجهند جي وقت تمام گهٽ شاگرد استاد بڪ شاپ ۾ ايندا هئا. پوڙهو ڪيشيئر منجهند جي وقت ڪيش بند ڪري، مزاحيہ ڪامڪ پڙهندو هو ۽ پنهنجي ساءِ ڪلندو رهندو هو. دلچسپ ماڻهو هو. هن مون کان پڇيو "پوءِ ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي، موهن!"

ڪتاب ريڪ ۾ رکي، مون پوڙهي ڪيشيئر ڏانهن ڏٺو. کيس خبر هئي تہ منهنجو نالو موهن نہ هو. پر پوڙهو ڪيشيئر مون کي موهن ڪري سڏيندو هو. کيس قديم آثارن سان عشق هو. موهن جي دڙي جي حوالي سان هو مون کي موهن ڪري سڏيندو هو. اهڙي نموني هڪ مصري شاگرد کي پيرامڊ ڪري سڏيندو هو.

مون کي پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي، هن پڇيو "آمريڪا ۾ هميشہ لاءِ رهي پوڻ بابت ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي؟"

ٻڏتر وچان چيم، ڪجهہ دير کان پوءِ ڪونہ ڪو فيصلو ڪري وٺندس."

چيائين، "مان توکي هڪ پڪ ڏيارڻ چاهيان ٿو."

پڇيم، "ڪهڙي؟"

چيائين، "تون ڏسڻ ۾ هوبهو اسان جي شيدين جهڙو آهين. جيڪڏهن تون آمريڪا ۾ رهي پوين تہ صدر ڪارٽر جي حڪومت کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نہ ٿيندو."

مان کلي پيس. پڇيومانس، "تون پنهنجي ڳالهہ ڪر. صدر ڪارٽر جي ڳالهہ نہ ڪر."

کلي کلي کيرو ٿي پيو چيائين، " يار موهن جي دڙي جو الاءِ ڪهڙو قديم طلسم هلائي فلوريڊا يونيورسٽيءَ جي سڀ کان سهڻي

ڇوڪريءَ تي قبضو ڪري ورتو اٿئي. گهٽ ۾ گهٽ مان تہ توکي آمريڪا ۾ برداشت ڪري نہ سگهندس. تون منهنجو رقيب آهين.“

مون کي ڏاڍي کل آئي. پوڙهو ڪيشيئر ڪنهن بہ صورت ۾ ستر سالن کان گهٽ عمر جو نہ هو. ڪيس چيم، ”توسان شادي ڪرڻ کانپوءِ ميگي مزي ۾ رهندي؟“

ڪجهہ ڪجهہ واٽڙو ٿي ويو. پڇيائين، ”سوري ڪيئن!“

چيم، ” تون دنيا ۾ وڏيڪ جتاءُ ڪري نہ سگهندين. تنهنجي مرڻ کانپوءِ ميگي تنهنجي ملڪيت جي وارث ٿيندي.“

”ڏوڙ جي ملڪيت!“ پوڙهي ڪلندي چيو ”مون تي ستي نيشنل بئنڪ جو قرض چڙهيل آهي. منهنجي مرڻ کانپوءِ موهن، بئنڪ جو قرض توکي لاهڻو پوندو.“

”واهہ!“ چيم، ”مون کي ڇو لاهڻو پوندو!“

پوڙهي ڪيشيئر مون کي اک هڻندي چيو ”ان ڪري جو منهنجي مرڻ کان پوءِ تون منهنجي بيواهہ ميگيءَ سان ضرور شادي ڪندين.“ ان کان پوءِ هو ڪيتري دير تائين ڪلندو رهيو.

الاءِ ڇو مان کلي نہ سگهيس. مان پوڙهي ڪيشيئر جي ڪِل ۾ شامل ٿي نہ سگهيس. سندس ڇهري تي ورهين جا گُهنج موٽي آيا. هو ڪلندي ڪلندي خاموش ٿي ويو.

اسين ڪجهہ دير تائين پاڻ ۾ ڳالهائي نہ سگهياسين. ڏڏندڙ هٿن سان پائيپ ۾ تماڪ وجهندي پوڙهي ڪيشيئر پڇيو ”ڏاڍو چاهينس ٿو؟“

”الاءِ!“ ڪجهہ چئي نہ سگهيم. فقط ايترو چيم، ”مون کي ڪا خبر ڪونهي، مسٽر رابرٽ.“

گهڻو ڪجهہ ڏٺو هئائين زندگيءَ ۾! اڌ دنيا جو سير ڪيو هئائين. ٻيءَ مهاڀاريءَ جنگ ۾ ڀرو ورتو هئائين. ويجهڙائي ۾ سندس

جوان پٽ هڪ باڪسنگ ٽورناميٽ ۾ ناڪ آئوٽ ٿيڻ کان پوءِ مري ويو هو.

ڳالهه، موضوع متاثڙ خاطر پوڙهي ڪيشيئر چيو"مان سمجهان ٿو تنهنجي ڪالهوڪي پارسل مان ڪيترائي ڪتاب تنهنجي ملڪ ۾ ڪسٽم وارا روڪي ڇڏيندا."

"الاءِ" چيم."پارسلن کان اڳ مان پاڪستان پهچي ويندس. ڪسٽم ۾ منهنجو دوست، استاد بندبل چڱي عهدي تي لڳل آهي."

"ڏاڍو عجيب نالو اٿس!" پوڙهي ڪيشيئر پڇيو."ماٽن اهو نالو رکيو اٿس. يا تو؟"

"اسان سڀني دوستن." ڪيس ٻڌايم. "استاد بندبل ڪراچي يونيورسٽيءَ جي هاڪي ٽيم جو ڪئپٽن هوندو هو ۽ پهريون گول هميشہ پنهنجي ٽيم خلاف ڪندو هو. پر، هونءَ رانديگر واهه جو هو."

پوڙهي ڪيشيئر جي منهن تي مرڪ موٽي آئي. چيائين، "رانديگر تہ سٺو هوا! پر پهريون گول پنهنجي ٽيم خلاف ڪندو هوا اڙي موهن، ڪٿي تون چريو تہ ناهين."

"يقين ڪر، مسٽر رابرٽ." چيم، "پنهنجي ٽيم خلاف گول ڪرڻ کانپوءِ استاد بندبل ذري گهٽ ڇتو ٿي پوندو هو ۽ پوءِ مخالف ٽيم جي گول تي لاڳيتا حملا ڪري سندن لاهہ ڪڍي ڇڏيندو هو."

"اچي وٺ." پوڙهي ڪيشيئر در ڏانهن اشارو ڪندي چيو"تنهنجي ميگي پوسٽ آفيس مان سڄي سموري، صحيح سلامت موٽي آئي آهي."

مون منهن ورائي در ڏانهن ڏٺو.

ان ڏينهن ميگي مون کي وڌيڪ سهڻي، ۽ هميشہ لاءِ دل ۾ ديرو ڪندڙ نظر آئي. منهنجي سامهون اچي بيهي رهي. پڇيائين، "ڪيئن آهين؟"

.تنهنجي اڇڻ ڪان اڳ تہ ويچارو پرديسي بلڪل نيڪ هو.“
پوڙهي ڪيشيئر ڪلندي چيو”تنهنجي اڇڻ ڪان پوءِ ويچارو يتيمن جهڙو ٿي پيو آهي.“

ميگي ڪلي پئي. مون کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، ڇڪي، رساني واري سيڪشن ڏانهن وٺي وئي. نويڪلي ٿي، تہ وري پڇيائين، ”ڪيئن آهين؟“

جواب ڏيڻ بدران پڇيومانس، ”ڏيڍ لڳي ڪان پوءِ واندي آهين نہ؟“

هڪدم چيائين،”ها.“

”آواز منهنجو پر لهجو منهنجو نہ هو. اک آلي ٿيڻ نہ ڏنم. تہ لهجو بدلجي ويو. الاءِ ڪيئن، روڪي روڪي چيم، ”اڄوڪي ڏينهن جو باقي بچيل حصو مان توسان گڏ گذاريندس ميگي.“

هوءَ مرڪي رهي هئي؛ پر، منهنجو جائزو ورتائين تہ سندس مرڪ تعجب ۾ بدلجي ويئي. پڇيائين، ”پريشان آهين؟“

مون هڪدم دوڪان ڪان ٻاهر ڏٺو.

ڦري اچي منهنجي سامهون بيٺي. پڇيائين، ”ڪا خاص ڳالهہ آهي!“

”نہ، ڪا خاص ڳالهہ نہ آهي ميگي.“ ڪيس لنوائڻ لاءِ چيم، ”هڪ اُڻ تُڻ آهي. لهي ويندي.“

مون کي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيائين،”موهن، چريا ڪٿي پاسپورٽ تہ نہ وڃائي ويٺو آهين!“

”نہ.“ چيم، ”پاسپورٽ منهنجي ڪوٽ جي اندرين کيسي ۾ آهي.“

”تہ پوءِ ايتري قدر پريشان ڇو آهين!“ عجب وچان پڇيائين، ”هوائي جهاز جي ٽڪيٽ تہ سنڀالي رکي اٿئي نہ!“

”اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي، ميگي.“ چيم.”مان پريشان نہ آهيان، توکي غلط فهمي ٿي آهي.“

مون کان قد ۾ ٻہ _ چار انچ ننڍي هوندي هئي. پر سياري ۾ جڏهن لانگ بوٽ پائيندي هئي تہ ذري گهٽ مون جيتري لڳندي هئي. ان ڏينهن بہ هوءَ ذري گهٽ قد ۾ مون جيتري هئي. سڌو منهنجي اکين ۾ نهاريائين. مون نٿي چاهيو تہ هوءَ منهنجي اکين ۾ جهاتي پائي منهنجي اندر جو ماتم ڪدو ڏسي وٺي. مون اجايو ريڪ ۾ رکيل ڪتاب ڏانهن ڏٺو.

”موهن.“ ميگيءَ منهنجا ٻئي هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن سان جهلي ورتا. اج جڏهن هيءَ ڪهاڻي لکي رهيو آهيان، تڏهن محسوس ڪري رهيو آهيان تہ ڇهن مهينن جي عرصي ۾ هن ڪڏهن بہ مون کي منهنجي نالي سان نہ سڏيو هو. جڏهن بہ نالو ڪٺڻ جي ضرورت محسوس ڪندي هئي، تڏهن پوڙهي ڪيشيئر طرفان ڏنل نالي سان مون کي مخاطب ڪندي هئي.

”موهن.“ ميگيءَ پڇيو.”پريشان ڇو آهين! مون کي ٻڌاءِ شايد مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان.“

سندس سمنڊ جهڙين نيرين اکين ۾ ڏسندي چيم.”اجوڪي بچيل ڏينهن جو باقي حصو مان توسان گڏجي گذاريندس.“ چيم.”مون کي ڪا پريشاني نہ آهي، پڪ ڄاڻ.“

”مون کي خبر آهي.“ ميگي چيو.”تون فڪر ڇو ٿو ڪرين. اجوڪي پروڊڪشن مان مون پنهنجو نالو ڪڍائي ڇڏيو آهي. خبر اٿئي، اج منهنجي ڊرامي جا انسرشن رڪارڊ ڪري رهيا آهن.“

واچ ۾ وقت ڏسندي چيم. ”هينئر سوا هڪ ٿي رهيو آهي. مان پنڌرهن منٽ ميگزين سيڪشن ۾ گذاريان ٿو.“

”نيڪ آهي.“ ميگيءَ چيو.”پر، تون سچ پچ پريشان نہ آهين

نـا!“

”نـ ميگي.“ چيم، مان سچ پچ پريشان نـ آهيان.“

ميگيءَ منهنجا ٻئي هٿ چڏي ڏنا. اکين ۾ شرارت ۽ چپن تي مرڪ تري آيس. پڇيائين، ”اُها ڇوڪري تـ ياد نـ آئي اٿئي، جنهن پنهنجي شاديءَ جو اطلاع توکي ٽيليفون تي ڏنو هو ۽ پوءِ توکي حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي باغ ۾ گلن بدران ٿوهر نظر آيا هئا!“

”اهڙي ڪا بـ ڳالهـ نـ آهي.“ چيم، ”تون وڃ. مان تنهنجو انتظار ميگزين سيڪشن ۾ ڪندس.“

هوءَ بيحد وڏي دڪان ۾ گم ٿي ويئي.

مون زندگيءَ ۾ ڏاڍي جڪ ماري آهي. پرائمري اسڪول کان يونيورسٽيءَ تائين گڏيل تعليمي سرشتي ۾ پڙهيو آهيان. اسٽيج، فلم، ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ ڪم ڪرڻ سبب طرحين طرحين قسم جي عورتن ۽ ڇوڪرين سان لهـ وچڙ ۾ آيو آهيان. پر، هڪ هستيءَ ڪي چڏي، مون ميگيءَ کان وڌيڪ سچي، سپتي ۽ کري ڇوڪري پنهنجي سڄي ڄمار ۾ نـ ڏٺي آهي. هوءَ بي انتها سهڻي هئڻ جي باوجود ڪوڙي ۽ فريبي نـ هئي. طبيعت جي نرم، ميڪ اپ ۽ فيشن کان پاڪ، ناز نخري کان بيخبر، ۽ اجايا دلاسا، آسرا ۽ واعدا ڏيندڙ نـ هئي. هڪ رات دير تائين ڊاڪيومينٽريءَ جي رڪارڊنگ ڪري اسٽوڊيو مان ٻاهر نڪتا هئاسين. وات تي منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، ۽ مٿو منهنجي ڪلهي سان لڳائي هلندي چيو هئائين، ”دل تي ڪري، هڪ رات توکي پنهنجي فليٽ تي پاڻ سان رهايان. ڪنهن ڪنهن وقت تـ دل ضد ٻڌي ٿي ويهي.“

مون منهن ورائي ڏانهس ڏٺو ۽ ڪيس وارن تي پيار ڪيو هو.

”پر مان توکي پنهنجي فليٽ تي پاڻ سان ڪڏهن بـ رات نـ رهائيندس. جيتوڻيڪ دل تـ ڏاڍو ٿي چوي،“ منهنجي ٻانهن ذري گهٽ

پيڪوڙيندي چيو هئائين، ”نہ، ڪڏهن بہ نہ. مان توکي پاڻ سان رات نہ رهائينديس. خبر اٿئي ڇو؟“

مون وري بہ ڪنڌ ورائي ڏانهنس ڏٺو ۽ ڪيس وارن تي پيار ڪيو هو. چيو هئائين، ”تون ليکڪ آهين. هتان موٽي وڃڻ کانپوءِ پنهنجي ملڪ ۾ تون منهنجي باري ۾ ڪو نہ ڪو ناول، يا ڪا ڪهاڻي ضرور لکندين. مان نٿي چاهيان تہ تون مون کي حيواني سطح تي ڏسين، ۽ ان جي حوالي سان ڪهاڻيءَ ۾ منهنجو ذڪر ڪرين.“

اُن رات اسين دير تائين ڪيمپس کان پرڀرو ڊائون ٽائون جي هڪ ڪافي هائوس ۾ ويٺا رهياسين، ۽ موسيقي ٻڌندا رهياسين. اڌ رات کان پوءِ مون ميگيءَ کي چيو هو”هل تہ هلون ميگي. صبح جو ڊاڪيومينٽريءَ جي ايڊيٽنگ بہ ڪرڻي آهي.“

ڪافي هائوس مان ٻاهر نڪري ميگيءَ مون کان پڇيو هو”ڇا سچ پچ دنيا جا اسي ڪروڙ ٻار رات جي مانيءَ کان محروم سمهي پوندا آهن؟“

”ها ميگي.“ چيو هيم، ”يونيسيف جي انگن اکرن مطابق دنيا جي اسي ڪروڙ ٻارن کي رات جي ماني نصيب نہ ٿيندي آهي.“

اسان ايشيائي ٻارن متعلق ڊاڪيومينٽري ٺاهي رهيا هئاسين. اوچتو اڌ رات ڏاري الاءِ ڪيئن، ڊاڪيومينٽريءَ جي حوالي سان ڪيس ٻارن جو خيال دل تي تري آيو هو. پنهنجي ساءِ ڪيٽريءَ دير تائين پڻ پڻ ڪئي هئائين، ”دنيا جي اسي ڪروڙ ٻارن کي رات جي ماني نصيب نہ ٿيندي آهي.“

ان رات کان پوءِ مون وري ڪڏهن بہ ميگيءَ کي رات جي ماني کائيندي نہ ڏٺو. هڪ دفعي مون کيس رات جي ماني کائڻ لاءِ ڏاڍا ايلاز ڪيا هئا. اکين ۾ پاڻي تري آيو هوس. چيو هئائين،”مان اسي ڪروڙ

ٻارن کي جيڪڏهن ماني ڪارائي نہ ٿي سگهان، تہ گهٽ ۾ گهٽ سندن غم ۾ تہ شامل ٿي سگهان ٿي.“
پنڌرهن منٽن کان پوءِ ميگي موٽي آئي. پورو ڏيڍ ٿيو هو. پڇيائين، ”ائين ٿي هلنديون، يا مسٽر رابرٽ سان الوداعي هٿ ملائينديون.“
چيم، ”مسٽر رابرٽ کان ضرور موڪلائينديس.“
ڪتابن جي ريڪن وچان لنگهندي پوڙهي ڪيشيئر وٽ پهتاسين. هو ڪامڪ پڙهي رهيو هو ۽ پنهجي ساءِ ڪلي رهيو هو. مون کيس چيو ”مسٽر رابرٽ، چڱو خدا حافظ مان اڄ رات جي فلائيٽ ذريعي فلوريڊا مان وڃي رهيو آهيان.“
پوڙهو رابرٽ ڪامڪ رکي اٿي بيٺو. چيائين، ”مونکي پنهنجن پوڙن ڪنن تي اعتبار نٿو اچي. اهائي ڳالهہ جيستائين ميگيءَ واتان نہ ٻڌندس، هرگز يقين نہ ڪندس.“
”ها رابرٽ.“ ميگيءَ چيو ”اسان جو موهن اڄ رات واري فلائيٽ ذريعي هتان هليو ويندو.“
”روڪي ونينس ميگي.“ پوڙهي رابرٽ ڪلي چيو ”هڪ ٻن پاڪستاني شاگردن واتان مون ٻڌو آهي تہ موهن جي شهرت پنهنجي ملڪ ۾ ڪا چڱي نہ آهي، کيس ليکڪ بدران ڏاڙيل سمجهندا آهن.“
ميگي ۽ مان کلي پياسين.
”آمريڪا ۾ رهي پيءَ مزي ۾ رهندين. جيڪي وٽيئي، ويٺو لکجانءِ. ڪو ڪجهہ ڪونہ چوندوءِ. جرزي ڪازنسڪيءَ وانگر غلط انگريزي لکندين تہ بہ پڙهيو ويندين.“ پوڙهي رابرٽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو ”اسان جي ملڪ ۾ ڪارل چيس مين نالي هڪ رهزن خوني ڏاڙيل هوندو هو. ڦاهيءَ تي چڙهڻ کان اڳ هن چار ناول لکيا. اڄ هو ڏاڙيل جي حيثيت ۾ نہ، بلڪ اديب جي حيثيت سان ياد

ڪيو ويندو آهي.“

رابرٽ سان هٿ ملائيندي چيم، ”لکڻ جهڙو خطرناڪ ڪم ڇڏي، موٽي وڃي پنهنجي ملڪ ۾ موٽر گاڏين ڪي شاهراهن تي روڪي ڌاڙا هڻندس.“

رابرٽ ٺهڪ ڏيئي کلي پيو. ڇڪي، مون کي پنهنجي سيني سان لڳايائين ـــ ڀاڪر ۾ ڀريائين. مون سندس دل زور سان ڌڙڪندي محسوس ڪئي. هن مون کي ڀنهي ڪلهن کان جهليندي چيو ”سال کن اڳ اچين ها، ته منهنجي پٽ آرنالڊ سان ملي ڏاڍو خوش ٿين ها.“

آواز ڀڳورو ٿي پيس. مون ساڻس ٻيهر هٿ ملايو ۽ ميگيءَ سان گڏ دڪان مان ٻاهر نڪري آيس.

ميگيءَ چيو ”گذريل سال آرنالڊ هڪ باڪسنگ ٽورنامينٽ ۾ ناڪ آئوٽ ٿيڻ ڪانپوءِ هفتو کن بيهوش رهي گذاري ويو هو.“

”مونکي خبر آهي.“ چيم، ”رابرٽ ڏاڍو بهادر شخص آهي.“

آڊيٽوريم لائبريري ۾ هيلٿ سينٽر وٽان ٿيندا، اسين سائوٿ ڪيفي ٽيريا جي سامهون وراندي ۾ وڃي ويهي رهياسين. ايتري دير اسان پاڻ ۾ نه ڳالهايو هو.

ميگيءَ چيو ”رابرٽ کان موڪلائڻ کان اڳ مون توکي پريشان ڏٺو هو. رابرٽ جي ڳالهه توکي وڌيڪ پريشان ۽ اُداس ڪري ڇڏيو آهي.“

”رابرٽ جهڙا بهادر ماڻهو منهنجا سونهان هوندا آهن.“ اجايو کلڻ جي ڪوشش ڪندي چيم، ”پنهنجو غم ۽ تڪليف لڪائي کلڻ ۽ چرچا ڪرڻ مون اهڙن سونهن کان ئي سکيو آهي.“

”وڏي غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهين.“ ميگيءَ مونکي پنيءَ تي مُڪ هڻندي چيو ”تون في الحال پنهنجو غم يا پريشاني وغيره لڪائڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي رهيو آهين.“

ڪياڙي ڪنهندي چيم، ”منهنجو خيال آهي تہ مان توکي هڪ لطيفو ٻڌايان.“

”سڌو تيءُ.“ ميگيءَ چيو.”تون ضرور پريشان آهين _ خير جيڪڏهن تون سبب ٻڌائڻ نٿو چاهين، تہ پوءِ مان بہ سبب ٻڌڻ لاءِ ضد نہ ڪنديس.“

منهن ورائي ميگيءَ ڏانهن ڏٺم. هوءَ اوور ڪوٽ جي کيسن ۾ هٿ وجهي مون ڏانهن نهاري رهي هئي. سرد هوائن ۾ خشڪيءَ سبب سندس چپ ڦُٽي پيا هئا. سندس بي ترتيب وار ميٽائين رنگ جي اوور ڪوٽ جي ڪلهن ۾ ڪالر تي پکڙجي ويا هئا. هوءَ الاءِ ڇو مونکي ڪجهہ پراسرار نظر آئي.

فلوريڊا جي مٿان بيٺل آسمان ڏانهن ڏسندي چيم،” اڄ فلوريڊا ۾ منهنجو آخري ڏينهن آهي. ميگي.“

”هون.“ منهنجي ٻانهن ۾ پنهنجي ٻانهن وجهندي چيائين،”مونکي خبر آهي؛ مون اڳواٽ ئي اڄوڪي ڏينهن لاءِ پروگرام رٿي ڇڏيو آهي.“

پڇيم،”ڪهڙو؟“

”چيائين،”اول تہ پاڻ ڪٿي لنچ ڪنداسين، ۽ پوءِ تلهاسي ريسٽورينٽ ۾ هلي ڪافي پيئنداسين. تنهن کان پوءِ تنهنجي فليٽ تي هلنداسين. اتان سامان کڻي ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿينداسين. ڪيئن ٺيڪ آهي نہ؟“

”ٺيڪ آهي.“ چيم،”تلهاسي ريسٽورنٽ مان نڪري پاڻ ڪجهہ دير لاءِ پرونيٽ بئنڪ اسڪوائر جي لان تي وڃي ويهنداسين. مان آخري لمحن کي ذهن جي لوح تي محفوظ ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”تون ڏاڍو رومانٽڪ آهين.“ کلي پئي ۽ پوءِ هڪدم پڇيائين،”۽ خبر اٿئي تہ تون رومانٽڪ ڇو آهين.“

”ها.“ چيم. ”ان ڪري جو تون بي انتها سهڻي آهين.“

”ڏوڙ سهڻي آهيان.“ لاپرواهيءَ سان چيائين. ”مان عام عورتن جهڙي هڪ رواجي عورت آهيان. تنهنجي طبيعت شاعراڻي آهي، تنهن ڪري توکي سهڻي نظر ٿي اچان.“

”مون کي پنهنجي نظر تي ڀروسو ۽ جذبي جي سچائيءَ تي يقين آهي.“ ڏانهس ڏسندي چيم. ”فقط تنهنجي ڪري مان آمريڪا جهڙي بي حسن ملڪ ۾ رهي سگهيو آهيان.“

”اهو تنهنجو پنهنجو رايو آهي.“ ميگيءَ چيو ”جيڪڏهن هڪ ٻئي جي ذاتي معاملن ۽ شخصي زندگيءَ ۾ دخل نہ ڏيڻ کي تون بي حسي سمجهين ٿو تہ پوءِ تون پنهنجي رايي ۾ سو فيصد صحيح آهين.“

”بهرحال.“ چيم. ”فقط تنهنجي ڪري مان هتي ڇهہ مهينا رهي سگهيو آهيان. ان کان وڌيڪ مونکي ڪا خبر نہ آهي.“

پڇيائين. ”لنچ لاءِ ڇا سوچيو اٿئي؟“

چيم. ”ڪيفي ٽيريا مان ڪائڻ لاءِ ڪجهہ وٺي تلهاسي ريسٽورينٽ تائين لانگ ڊرائيو ٿا ڪريون.“

”ٺيڪ آهي.“ ميگيءَ چيو. ”ڇا کائيندين؟“

”چيم. ”جيڪي پنهنجي لاءِ وٺين. منهنجي لاءِ بہ وٺي اچجانءِ.“

ميگي لنچ وٺڻ لاءِ ڪيفي ٽيريا ڏانهن هلي ويئي. وراندي جي ٿلهہ کي ٽيڪ ڏيئي مان ڏانهنس ڏسندو رهيس. عجيب ڇوڪري هئي، بي انتها ذهين ۽ زندگيءَ کي بنان ڪنهن مبالغي جي سمجهڻ ۽ گذارڻ واري ڇوڪري هئي. فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ ۾ چوويهہ هزار شاگرد ڏسي ڀهريان ڀہ تي ڏينهن تہ مان واڻڙو ٿي ويو هوس. چوويهہ هزار شاگرد! هر ڪو ڇڙوڇڙ! ڪنهن کي ڪنهن سان مطلب نہ هو.

ڪنهن کي ڪنهن سان غرض نہ هئو هر ڪو پنهنجي منهن! اڏ ڪان وڏيڪ شاگرد پهرين اگهاڙا ۽ نيڪرن ۾! جيڪڏهن ڪو اڦٽ مري پوي، تہ بہ راهگير منهن ورائي نہ ڏسندس! اهڙي اوپري ماحول ۾ مون مونجهہ محسوس ڪئي هئي. چوٿين ڏينهن، يونيورسٽي بڪ اسٽال ۾ داخل ٿيو هوس. بڪ اسٽال بيحد وڏو ۽ ويڪرو هو ۽ لکين ڪتابن سان سٿيو پيو هو. ڪتابن جي وچ ۾ مان واٽڙن وانگر بيهي رهيو هوس. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هوس ۽ دل ئي دل ۾ پشيمان ٿي رهيو هوس جو ميگي منهنجي سامهون اچي بيٺي هئي. چيو هئائين، "مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان ٿي؟"

ڪيس يونيورسٽيءَ جي عام شاگردياٽي سمجهندي مون چيو هو "منهنجي مدد ڪو بہ ڪري نہ سگهندو. آمريڪا ۾ اچي ڏاڍو پڇتايو اٿم."

کلي پئي هئي، چيو هئائين، "هتان وڃڻ کان گهٽو اڳ توکي پنهنجو رايو مٽائڻو پوندو."

سندس جائزو وٺندي کانئس پڇيو هيم، "فلوريڊا يونيورسٽيءَ ۾ اڳڪٿي ڪرڻ وارن جو بہ ڪو شعبو آهي ڇا؟"

کلندي چيو هئائين، "مان بڪ اسٽال جي سيلز گرل آهيان."

"تون سيلز گرل آهين!" مون اچرج وچان ڏانهس ڏٺو هو.

"ها، مان سيلز گرل آهيان." چيو هئائين، "هاڻي ٻڌاءِ تہ مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان ٿي."

مون کانئس ٽيليويزن متعلق ڪتابن بابت پڇيو هو ۽ هن مون کي وٺي وڃي بڪ شاپ جي سڀ کان وڏي حصي ۾ بيهاري ڇڏيو هو. اها ميگيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات هئي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪ تجرباتي ٽيليويزن پروگرام رڪارڊ ڪندي مون اسڪرپٽ مان ڪجهہ منظر، جيڪي مون کي اضافي محسوس ٿيا هئا، ڪڍي ڇڏيا

هئا. تڏهن ميگيءَ کي مون پريان اسٽوڊيو ۾ داخل ٿيندي ڏٺو هو ۽ هوءَ ٻئي هٿ چيلهہ تي رکي منهنجي آڏو اچي بيٺي هئي. ڪجهہ ڪجهہ ناگوار لهجي چيو هئائين، "اسڪرپٽ مان منظر ڪيڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ ليکڪ کان تہ پڇين ها."

چيو هيم، "هيءَ اسڪرپٽ مونکي پروفيسر ڊاڪٽر مورگن ڏنو هئو."

ميگيءَ چيو هو "اهو اسڪرپٽ مون لکيو آهي."

مونکي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو هو: تڏهن مون چيو هو، "بڪ شاپ ۾ مون هڪ سيلز گرل ڏٺي هئي، جيڪا هوبهو تو جهڙي هئي، تون اها ئي سيلز گرل آهين، يا ان سيلز گرل جي جاڙي ڀيڻ آهين!"

تڏهن کلندي چيو هئائين، "مان اهائي سيلز گرل آهيان، پارٽ ٽائيم. ميڊيا ڊپارٽمينٽ مان ٽيليويزن تان لکڻ جو ڪورس ڪري رهي آهيان." اها ابتدا هئي منهنجي زندگيءَ جي بيٺل پاڻيءَ ۾ ڪڏهن نہ وسرندڙ هلچل جي!

ميگي لنچ جا ٻہ پڙا وٺي آئي. هڪ پنهنجي لاءِ هڪ منهنجي لاءِ. مونکي پڙو ڏيندي چيائين، "هن ۾ هڪ برگر، تريل پٽاٽا ۽ ڪوڪ جو دٻو آهي."

ڪانئس پڙو وٺندي چيم، "ياد اٿئي ميگي، توسان ملاقات جي پهرين ڏينهن تو چيو هو تہ مون کي آمريڪا ۾ اچي پڇتائڻ بابت پنهنجو رايو مٽائڻو پوندو."

کلي پيئي، چيائين، " مان سمجهان ٿي، تو پنهنجو رايو مٽائي ڇڏيو آهي."

"ها ميگي، مون پنهنجو رايو مٽائي ڇڏيو آهي." چيم، "۽ ٿي سگهي ٿو تہ اڄ رات واري فلائيٽ مس ڪري ڇڏيان، ۽ پوءِ هميشہ لاءِ هتي ئي رهي پوان."

”هتي!“ ڪجهہ تعجب وچان پڇيائين، ”۽ هميشہ لاءِ!“

”ها.“ چيم، ”پنهنجي قد ڪاٺ، رنگ ۽ خاص ڪري پنهنجي شرناءِ جهڙي نڪ سبب مان آمريڪي شيدين جهڙو آهيان، هتي رهندس تہ اوپرو بنهہ نہ لڳندس.“

هوءَ ٿهڪ ڏيئي کلي پيئي، وٽس پراڻي ماڊل جي گهڻ پيل فورڊ موٽر هئي. موٽر ۾ ويهڻ کان اڳ کانئس پڇيم، ”ميگي، تون نٿي چاهين ڇا تہ مان هميشہ لاءِ هتي رهي پوان؟“

موٽر جو کليل در بند ڪري چڙيائين. موٽر سان پٺي ڏيئي بيهي رهي. مون ڏانهن ڏٺائين، پوءِ بيهر، موٽر جو در کوليندي چيائين، ”ڪيئن سوچيئہ تہ مان نہ ٿي چاهيان تہ تون هميشہ لاءِ هتي رهي پوين!“

ٻئي طرف جو در کولي مان سندس پاسي کان ويهي رهيس.

تلهاسي هاءِ وي تي نڪري آياسين، موٽر هلائيندي ميگي برگر کائڻ لڳي، مون پنهنجي پڙي مان برگر ڪڍندي چيو، ”تون مون کي ڏاڍو ياد ايندينءَ ميگي.“

ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏٺائين، چيائين، ”مون کي خبر آهي.“

”توکي خبر آهي!“ تعجب وچان پڇيم، ”ڪيئن!“

”ان ڪري جو تون بنيادي طرح رومانٽڪ آهين.“ چپن تي مرڪ تري آيس، چيائين، ”هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ ڇا ڇهن مهينن جو عرصو گهٽ آهي!“

پڇيومانس، ”تون مونکي ياد ڪندينءَ؟“

چيائين، ”ڇو نہ ياد ڪنديس!“

پڇيم، ”هميشہ لاءِ؟“

گهڙي کن سوچيائين، پوءِ چيائين، ”هميشہ لاءِ! شايد نہ، هونءَ اهو ممڪن بہ تہ نہ آهي.“

مون کي ڪجهه ڪجهه ڏک ٿيو اهي ٿي ڳالهيون جيڪي شروع شروع ۾ مون کي اوکيون لڳنديون هيون. ڪجهه عرصي کان پوءِ اهي ئي اوکيون ڳالهيون ننگين حقيقتن وانگر مونکي قبول ڪرڻيون پيون هيون. مون کي پسند آيون هيون.

ميگيءَ چيو "ياد ڪرڻ ۽ ياد رهجي وڃڻ ۾ وڏو فرق آهي."

مون کي سندس جملي جو مفهوم سمجهه ۾ نه آيو. چيم "مان تنهنجي ڳالهه سمجهي نه سگهيو آهيان."

"تون منهنجي مستقل ياد جو حصو ٿي ويو آهين." ميگيءَ چيو "توکي دانسته ياد ڪرڻ جي ضرورت مون کي ڪڏهن به محسوس نه ٿيندي."

ڪجهه نه چيم. خاموش رهيم. دريءَ کان ٻاهر ڏسندو رهيس، سوچيندو رهيس.

ميگيءَ چيو "تنهنجي باري ۾ هڪ ٻيءَ ڳالهه جي به مونکي خبر آهي."

پڇيم. "ڪهڙي ڳالهه؟"

مرڪندي چيائين. "تون مون کي چاهڻ لڳو آهين."

اداس هئڻ جي باوجود مرڪندي چيم. "بيوقوف. چاهڻ ڪهڙي ڳالهه آهي! مان تنهنجي خاطر هميشه لاءِ هتي رهڻ پوڻ تي تيار آهيان."

"سچ! عجب وچان پڇيائين.

هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيم. "ها. مان هتي رهي پوڻ لاءِ تيار آهيان."

چيائين. "مان سمجهان ٿي، اهو تنهنجي لاءِ ممڪن نه آهي."

پڇيم. "ڇو ممڪن نه آهي؟"

مرڪندي چيائين. "ڇو جو تون رومانٽڪ آهين."

:"ڏوڙجو رومانٽڪ آهيان." چيم. "منهنجا پنج ڇهه افسانا ڇا ترجمو ڪيا اٿئي، مون کي ماڻهوءَ مان ڦيرائي رومانٽڪ ڪري ڇڏيو اٿئي!"

ميگي ٽهڪ ڏيئي کلي پئي.

ڇهن مهينن جي دوران مون پنهنجيون ڪجهه ڪهاڻيون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيون هيون. پوءِ ٻوليءَ ۽ اظهار جي لحاظ کان ميگيءَ ڪهاڻيون ٻيهر انگريزيءَ ۾ لکيون، ٽائيپ ڪيون. رسالن ۾ ڇپرايون هيون. هر دفعي جڏهن ڪا ڪهاڻي ٽائيپ ڪري وٺندي هئي، تڏهن پڇندي هئي، "سچ ٻڌاءِ، هيءَ ڪهاڻي آهي، يا ڪنهن ذاتي تجربي تي مبني تنهنجي پنهنجي آتم ڪٿا آهي؟"

هڪ دفعي کيس چيو هوم، "مان تنهنجي باري ۾ هڪ ڪهاڻي ضرور لکندس."

ان ڏينهن تلهاسي هاءِ وي تي سفر ڪندي ميگيءَ کي چيم، "مان تنهنجي باري ۾ هڪ ڪهاڻي ضرور لکندس."

چيائين، "مونکي خبر آهي، تڏهن تہ خواهش جي باوجود توکي هڪ رات لاءِ بہ پنهنجي فليٽ تي پاڻ سان نہ رهايو هوم."

ڪانئس ورائي پڇيم، "تون ڪيئن ٿي سمجهين تہ مان هتي رهي نہ سگهندس."

اول گاڏيءَ جي رفتار ڍري ڪيائين. وراڪو وري گاڏي اتي تلهاسي ريسٽورينٽ جي سامهون بيهاريائين. چيائين، "دنيا جي هر رومانٽڪ وانگر تنهنجو پهريون عشق پنهنجي ڌرتيءَ سان آهي. ٻيا عشق تنهنجي لاءِ ضمني آهن. ان ڳالهہ جو احساس مون کي تنهنجين ڪهاڻين ۽ تنهنجي ڳالهين مان ٿيو آهي."

مان گاڏيءَ مان لهي بيٺس.

هن گاڏيءَ مان لهندي چيو، "پنهنجي ڌرتيءَ کان جدا ٿي، تون

ڪڏهن به، ۽ ڪٿي به خوش رهي نه سگهندين.“

تلهاسي ريسٽورنٽ ۾ خاموشيءَ سان ڪافي پيتي سين، پاڻ ۾ نه ڳالهايوسين. ٽيبل تي پيسا رکي ٻاهر نڪري پياسين. سامهون برونيٽ بئنڪ اسڪوائر جو باغ هو سيپ ڪجهه سيءَ ۾ سڪي ويو هو. اگهاڙا وڻ آسمان ڏانهن ٻانهون اڀيون ڪري بيٺا هئا. هڪ بئنچ تي وڃي ويهي رهياسين.

ميگيءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪٽيندي چيم، ”ميگي جيڪڏهن تون مون سان شادي ڪرڻ تي راضي هجين، ته پوءِ مان هميشه لاءِ هتي رهي پوندس.“

مون ڏانهن سري آئي، چيائين، ”تون ڏاڍو سٺو آهين، خدا ٿو ڄاڻي، تون مونکي وڻندو به ڏاڍو آهين، مان تنهنجي عزت ڪندي آهيان، پر پر مان توسان شادي ڪري نه سگهنديس.“

هن پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. پڇيم، ”ڇو؟“

چيائين، ”ڇو ٿو پڇين؟“

چيم، ”دل جي آٿت لاءِ، مان پنهنجي وجود ۾ پرزا پرزا ٿي رهيو آهيان، ميگي.“

منهنجين اکين ۾ ڏسندي ڳالهايائين، ”منهنجي ڪيترن مردن سان دوستي آهي، مان هنن سان گهمندي ڦرندي آهيان. پڪنڪن تي هلي ويندي آهيان. شاديءَ کان پوءِ تون منهنجيون اهي ڳالهيون برداشت ڪري سگهندين!“

مون وٽ ڪو جواب نه هو! مان خاموش رهيس.

تمام جهيڻي آواز ۾ چيائين“ اسان ٻنهي جي سرشت ۾ پنهنجي پنهنجي تهذيب جو ورثو شامل آهي.“

مان ڳالهائي نه سگهيس، اکين ۾ ڇيڪو محسوس ڪيم.

ميگيءَ ٻئي ٻانهون منهنجي ڪنڌ ۾ وجهندي پڇيو تون پنهنجي ملڪ ۾، هن حالت ۾، ڪنهن عورت سان باغ، يا ريسٽورينٽ ۾ ويهي سگهندين!"

مون ڪيس وارن تي پيار ڪيو.

ڏک واري لهجي ۾ چيائين، "مان تنهنجي لاءِ تڪليف جو سبب نہ ٿينديس، ۽ نہ ئي توکي تنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ڪري توکي خوش رکي سگهنديس."

هوءَ اٿي بيهي رهي.

مان ڏانهنس ڏسندو رهيس.

هن واچ ۾ وقت ڏسندي چيو "پاڻ وٽ تمام محدود وقت آهي، تنهنجي فليٽ تان سامان کڻي ايئرپورٽ تائين پهچڻ جيترو مس آهي."

مان اٿي بيٺس. منهن ورائي برونيٽ بئنڪ اسڪوائر جي باغيچي تي نظر وڌم، سوچيم، هن باغيچي ۽ بئنڪ جي عمارت آڏو مون يادن جون سيپيون ميڙيون آهيون، مان زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن بہ هتي اچي نہ سگهندس، موتي ميڙي نہ سگهندس.

ميگيءَ منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو.

اسين خاموشيءَ سان موٽر ۾ وڃي ويهي رهياسين. ميگيءَ گاڏي اسٽارٽ ڪئي. تلهاسي هاءِ وي تي نڪري آياسين. سج ٻڏي ويو هو. اونداهہ ۾ اسين هڪ ٻئي جي چهري جا تاثر ڏسي نہ سگهاسين. سامهون ايندڙ گاڏين جون روشنيون اکين ۾ لڳنديون رهيون. خاموش رهندي ڄڻ صديون گذري ويون، تڏهن ميگيءَ چيو "موهن، مان ڏاڍي جيلس (ساڙ ڪائيندڙ) عورت آهيان."

کانئس پڇيم، "چرچو ڪرڻ جي موڊ ۾ آهين ڇا؟"

"نہ هرگز نہ. ڏاڍي گنڀير لهجي ۾ چيائين، "تنهنجيون

ڪهاڻيون پڙهي، ۽ تنهنجيون ڳالهيون ٻڌي مون محسوس ڪيو آهي ته تنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ عورت مستقل طور تي داخل ٿيل آهي، ۽ هوءَ ڪير آهي، ڪٿي آهي، مون کي ڪا خبر نه آهي. هوءَ توسان ڪڏهن ملي هئي، ڪٿي ملي هئي، ان باري ۾ مونکي ڪا خبر نه آهي، بس مونکي هڪ ڳالهه جي پڪ آهي ته هوءَ آهي. جدا ٿي وڃڻ جي باوجود هن جو وجود آهي. هوءَ هميشه لاءِ تنهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿيل آهي.“

ڪلي، سندس ڳالهه ٽارڻ لاءِ چيم، ”تي سگهي ٿو اها عورت تون هجين.“

هڪدم چيائين، ”اها عورت مان نه آهيان، ان ڳالهه جي مون کي پڪ آهي.“

ڦڪي کل کلندي چيم، ”پوءِ سمجهه ته اها عورت منهنجو آئيڊيل آهي.“

”ڪوڙي کل تنهنجو پول پڌرو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.“ ميگيءَ هڪ هٿ اسٽيئرنگ مان ڪڍي مونکي ڇاتيءَ ۾ مُڪ هڻندي چيو ”آئيڊيل ايتري قدر واضح نه هوندو آهي، جيتري قدر اها عورت تنهنجي زندگيءَ ۾ واضح آهي.“

”مان توسان بحث نه ڪندس ميگي“ چيم، ”مان پنهنجو سوال ورجائيندس، ۽ گدائيءَ جو ڪاسو اڳتي ڪندس، مان تنهنجي وجود ۾ پناهه جو طلبگار آهيان. مان ڏاڍو ٿڪندو رهيو آهيان. ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.“

هن ڪو جواب نه ڏنو مون ٻيهر پنهنجو سوال نه ورجايو. مٿو سيٽ جي پٺيءَ سان لڳائي اکيون بند ڪري ڇڏيم. اک ٽڏهن کوليم جڏهن رفتار ڍري ٿيڻ کان پوءِ موٽر بيهي رهي.

ميگيءَ چيو ”ڪالهه رات مون تنهنجو سمورو سامان پئڪ

ڪيو هو اڄ پاڻ ۾ ايتري سگهه نه ٿي ساريان جو توکي فليٽ ڇڏيندي ڏسي سگهان.“

چيم، ”تون اتي ئي ترس، مان سامان کڻي اچان ٿو.“

ڏاڪڻ چڙهي ويس. چابي هٽي، فليٽ جو در کوليم، در ۾ داخل ٿي بيهي رهيس، هٿ وڏائي بتي ٻاريم. سامهون هڪ سوٽ ڪيس، هڪ بريف ڪيس، ۽ هڪ ٿيلهو پلنگ تي پيا ها. مون ڪمري جو جائزو ورتو ۽ پوءِ وڏي وچي ٿيئي پلنگ تان کنيم. پنهنجي زندگيءَ جا ڇهه مهينا ان ڪمري ۾ ڇڏي، مان ٻاهر نڪري آيس. گرائونڊ فلور تي چابي پوڙهي لينڊ ليڊيءَ کي ڏنم. ساڻس هٿ ملايم. هن دعا ڏيندي چيو ”شل خدا جي خوشنودي توسان شامل هجي.“

سامان آڏي موٽر جي پوئينءَ سيٽ تي رکيم. پوءِ اڳيون در کولي ميگيءَ جي پاسي کان ويهي رهيس. ميگيءَ جو ڪنڌ جهڪيل هو هن جڏهن ڪجهه دير نه ڳالهايو ۽ نه ئي منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو تڏهن مون سندس ڪلهي تي هٿ رکندي ڪيس آهستي سڏ ڪيو ”ميگي.“

هن وڏو ساهه کنيو ۽ منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”هلئون؟“

۽ پوءِ منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ بنا هن موٽر جو رخ ايئرپورٽ ڏانهن ڪري ڇڏيو. هونءَ ميگي موٽر تمام تيز هلائيندي هئي، پر ان ڏينهن ايئرپورٽ ويندي هن تمام آهستي موٽر هلائي هئي، دل ۾ آيو ته چوانس: چري، زندگي لمحن جي محتاج هوندي آهي، ڪڏهن ته ورهيه اک ڇنڀ ۾ وهامي ويندا آهن، ۽ ڪڏهن ته گهڙيون مهينن ۾، مهينا سالن ۾، ۽ سال صدين ۾ بدلجي ويندا آهن! لمحا تنهنجي منهنجي وس ۾ ناهن. اڌ ڪلاڪ جو سفر تون پنجيتاليهه منٽن ۾ طئي ڪندينءَ، ان کان وڌيڪ آخري سفر کي تون طول ڏيئي

نہ سگھندين!

پر مون ڪجھہ نہ چيو مون دريءَ کان ٻاهر پٺتي رهجي ويندڙ رستي ڏانهن ڏٺو "سڀ ڪجھہ پٺتي رهجي ويندو آهي، سڀ ڪجھہ، دوست ساٿي، سنگتي، خواهشون، خواب، خيال ۽ چاهتن جو مسيحا، سڀ ڪجھہ پٺتي رهجي ويندو آهي، اسين ڪائنات جدا ٿي اڳتي، ڪنهن اڻ ڏٺيءَ منزل طرف نڪري ويندا آهيون!" مون سوچيو "۽ وري ڪڏهن اسين پٺتي رهجي ويندا آهيون اڪيلا ۽ ويڳاڻا. اسان جا سڄڻ، اسانجا ساٿي ۽ محبتن جا امين اسان کي پٺتي ڇڏي پاڻ اسان کان اڳتي، ڪنهن اڻ ڏٺي ماڳ ڏانهن روانا ٿي ويندا آهن. اسين ويڳاڻا ۽ وياڪل، جيڪي حالتن هٿان پنهنجن کان جدا ٿي اڳتي ڌڪجي ويندا آهيون، يا پٺتي رهجي ويندا آهيون. اسان جو سرمايو فقط يادون آهن. يادن کان سواءِ اسان جي ڪشڪول ۾ ڪجھہ بہ نہ هوندو آهي."

"ڇا پيو سوچين، موهن؟" ميگيءَ جي آواز تي مان سوچن جي سمنڊ مان نڪري آيس.

"ڪجھہ بہ نہ، ميگي" چيم، "ڪجھہ بہ نہ."

پڇيائين، "مون کي خط لکندين؟"

سيٽ سان مٿو لڳائي اکيون بند ڪري ڇڏيم، چيم "نہ"

پڇائين، "ڇو؟"

چيم، "توکي خط لکندس تہ پوءِ تنهنجي باري ۾ ڪا ڪهاڻي، يا ناول لکي نہ سگهندس، مان چاهڻ جي باوجود توکي خط نہ لکندس، ميگي."

چيائين، "مان هر سال ڪرسمس ۽ نئين سال جي موقعي تي توکي ڪارڊ ضرور موڪليندس."

ڏاڍي چري هئي! پاڻ آزمائشن مان گذري رهي هئي، ايئرپورٽ

تائين پوءِ اسان پاڻ ۾ نہ ڳالهايو.

اڌ مني ڪلاڪ ۾ ايئرپورٽ پهتاسين. ميگيءَ بريف ڪيس کڻي ورتو ۽ مون سوٽ ڪيس ۽ ٺيلهو ايئرپورٽ جي عمارت ۾ داخل ٿياسين. چيڪ- ان ڪائونٽر تان ڪجهہ ماڻهو سيٽ نمبر وٺي رهيا هئا. اسين ڪجهہ پرپرو بيهي رهياسين. بريف ڪيس ميگيءَ مون کي ڏيئي ڇڏي.

مون ميگيءَ کي چيو "هي سڀ ڪجهہ افسوس ناڪ نہ آهي!"

مون ڏانهن ڏسندي چيائين. "مان سمجهان ٿي. هيءُ سڀ ڪجهہ افسوسناڪ نہ آهي."

ٿڌو ساهہ کنيم. چيم. "مان سمجهان ٿو هيءُ سڀ ڪجهہ افسوسناڪ آهي. بيحد افسوسناڪ آهي."

"شايد." منهنجين اکين ۾ ڏسندي چيائين. "شايد تون نيڪ چوندو هجين!"

چيڪ- ان ڪائونٽر تان مسافر هٽي ويا. مون ڪائونٽر تان سيٽ نمبر ورتو ۽ جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ ڪين پنهنجو سامان ڏيئي ڇڏيو ان وقت مسافرن کي ڊپارچر لائونج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چيو ويو.

مون ميگيءَ کي چيو "مون ڏانهن غور سان ڏس ميگي. ۽ مون کي پاڻ ڏانهن غور سان ڏسڻ ڏي. اسين زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن بہ هڪ ٻئي سان ملي نہ سگهنداسين."

هوءَ اڳتي هلي آئي. پنهنجو منهن منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيائين. جهلي جهلي چيائين. "چاهت جي عروج تي اسين هڪ ٻئي کان ڌار ٿي رهيا آهيون. مان جڏهن بہ شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪنديس. تڏهن ان مرد کي تنهنجي باري ۾ ضرور ٻڌائينديس. مان پنهنجن ٻارن سان بہ تنهنجو ذڪر ڪنديس."

مون ڪيس وارن تي پيار ڪيو.

تمام جهيڙي آواز ۾ چيائين، ”منهنجي نصيب ۾ تون، ۽ تنهنجي نصيب ۾ مان لکيل نہ آهيان.“

ڪجھ دير تائين هوءَ ائين ئي منهنجي ڪلهي تي منهن رکي پيئي رهي، پوءِ جڏهن مسافرن لاءِ روانگيءَ جو آخري اعلان ٿيو، تڏهن منهنجي ڪلهن تي ڪنڌ کڻي، هوءَ مون کان جدا ٿي، منهن مٿي ڪري مون ڏانهن نہ ڏٺائين. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ايئرپورٽ جي عمارت جي ٻاهرين در ڏانهن وڌي ويئي، مان ڏانهنس ڏسندو رهيس. ٻاهرين در وٽ ترسي، هن ڪنڌ ورائي ڊپارچر لائونج ڏانهن ڏٺو. مون هٿ مٿي ڪيو، جواب ۾ ميگيءَ هٿ مٿي ڪيو ۽ پوءِ، هوءَ تڪڙن قدمن سان ٻاهر نڪري ويئي.

***

# ٽيون وجود

اوپري ۾ اداس رات جا ڏهه پئي ٽيا.

مان ڊاڪٽر ابراهيم کي در تائين ڇڏڻ آيس، ڪنڌ جهڪيل ڇهري تي سوچ جون ريکائون، هو خاموش هو. جڻ مون کان ڪجهه لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ورهين کان اسان جو فيملي ڊاڪٽر آهي. اسان جي ڏک سک ۾ شامل، سکر ۾ پريڪٽس ڪندو آهي. پهر بي پهر نياپو يا فون ملڻ شرط هو روهڙيءَ هليو ايندو آهي. ائين لڳندو آهي، ڄاڻ ته اسان جي ٽڙيل پکڙيل ڪٽنب جو ڀاتي آهي، ۽ حالتن جي ڇڪتاڻ ۾ بين ڀاتين وانگر هڪبئي کان ڏار ٿي ويو آهي.

در ٻاهران موڪلائڻ مهل مون کانئس ڪجهه نه پڇيو. هن

منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون ڏانهن ڏٺو. هن جملو جوڙيندي چيو "پريشان ٿيڻ جهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي، سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو."

ڊاڪٽر ابراهيم جي آواز ۾ لهجي ۾ مايوسي هئي، مون محسوس ڪيو تہ هو مون کي دلاسا ڏيئي رهيو هو منهنجيءَ دل ۾ دل جي ڪيفيت کان هو واقف هو. چاچا سان منهنجي عشق جي ڪيس خبر هئي. موٽر ۾ ويهندي هو مون سان اک ملائي نہ سگهيو. اجايو هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. پوءِ موٽر اسٽارٽ ڪندي چيائين، "اڄ رات مان ايمرجنسي وارڊ ۾ هوندس. منهنجو ٽيليفون نمبر اٿئي نہ؟"

هاڪار ۾ مون ڪنڌ لوڏيو.

ميونسپالٽيءَ جي ميرانجهڙي بلب جي اداس ڪندڙ روشنيءَ ۾ مون ڏانهنس ڏٺو. اسان جون نظرون پاڻ ۾ مليون ڊار ٿي ويون. چيائين، "گهبرائين ڇو ٿو! مڙس ٿيءُ."

مون مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مرڪ مون کي تازي قبر جي آلي مٽيءَ جهڙي محسوس ٿي. ڊاڪٽر ابراهيم دريءَ مان هٿ لوڏيندي سڪ پل طرف هليو ويو.

اها جون جي جوڀن واري رات هئي. بيحد گرم. گهٽ ۽ ٻوسٽ واري رات. مون ڪنڌ کڻي سکر جي روشنين ۽ پاڻيءَ ۾ روشنين جي عڪس ڏانهن ڏٺو. ڏک جي احساس آڏو روشنيون اُداس اُداس هيون. مون ڊاڪٽر ابراهيم جي دلاسن تي يقين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر بندر ٻاهران سنڌوءَ جي ڪنن جا ڪڙڪاٽ فنا جي تصديق ڪري رهيا هئا. درياهہ جي ڪنارن سان ويڙهاند هئي. سڄي ڇمار ۾ مون درياهہ شاهہ کي اهڙي نموني بندرن جي پٿين سان گوڙ ۽ احتجاج ڪندي اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو ۽ نہ ٻڌو هو. حاجن شاهہ بادشاهہ جي آخري آرامگاهہ مٿان بيٺل انب جو وڻ خاموش شاهد وانگر پراسرار رات جي

شدت ۾ درياهہ جي وهڪري جي بيچيني ڏسي رهيو هو. درياهہ ڪاراڻ مائل سرمئي اجگر جيان وروڪڙ کائيندو زندهہ پير ۽ بکر جي قلعي وٽ گجگاٽ ڪندو ليندس ڊاٺون پل هيٺان لنگهندو سکر بيراج ڏانهن ڏوڪيندو پئي ويو. رات جا پهر پاٽيءَ سان گڏ لڙهندا پئي ويا.

مون محسوس ڪيو تہ چاچا اڄوڪي رات ڪڏي نہ سگهندو. موت خلاف زندگي جي ميچ ۾ اڄ رات هو هارائيندو.

درد پالي وانگر منهنجي روح ۾ لهي ويو.

مان ٿڪل قدمن سان گهر موٽي آيس. در بند ڪري اندرين ڪمري ڏانهن وڌي ويس. چاچا تي غشي طاري هئي. نڪ جون ناسون ٿورڙيون ڦنڊيل، ۽ سندس چپ هڪٻئي کان ڌار هئا. سيني ۾ ساهہ ڏوٽيءَ وانگر هلي رهيو هوس. تيز بخار ۽ ڪينسر جي عذاب سبب سانورو چهرو ٽامڻي هٽي ويو هوس. سندس مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار مون کي اڳ کان وڌيڪ اڇا محسوس ٿيا. هو پنهنجي زندگيءَ جا سمورا راز، ڏک، تڪليفون، شڪستون ۽ صليب سيني ۾ سانڍي اڻ ڄاتل ۽ اڻ ڏٺل منزل لاءِ پراسرار سفر تي اُسهي رهيو هو. مان ڦٿڪي پيس ان رات مون موت کي پنهنجي اوسي پاسي محسوس ڪيو.

چاچا جي کٽ جي پرسان رکيل آرام ڪرسيءَ تي مان ويهي رهيس. ٽڪ ٻڌي ڏانهنس ڏسندو رهيس. سوچيندو رهيس: هيءَ آخري رات آهي. اڄوڪي رات کان پوءِ مان وري چاچا کي ڏسي نہ سگهندس. بي پناهہ پيار ۽ پاٻوهہ مان سندس ڇهاءُ محسوس ڪري نہ سگهندس. اسر کان اڳ هو خاموشين جي سفر تي نڪري پوندو. خوابن جا تابوت، جهڳ جا صليب ۽ غمن جي ڇانو ۾ اداس مرڪ جي اوسر کڻي هو هليو ويندو.

مان ٽڪ ٻڌي چاچا ڏانهن ڏسندو رهيس. بي پناهہ طاقت واري

سندس جسم سگهہ چڏي ڏني هئي سندس قوهہ جوانيءَ ۾ مون کيس ڪراچيءَ جي مختلف ميدانن تي سنڌ ٽائيگرس فٽبال ڪلب طرفان سينٽر فارورڊ جي حيثيت ۾ راند ڪندي، ۽ ذري گهٽ هارايل ميچن کي کٽيندي ڏٺو هو. هر ميچ تي مون کي پاڻ سان وٺي ويندو هو. تڏهن مان تمام ننڍڙو هوندو هوس. فٽ بال کي لت هڻي ڪري پوندو هوس، هڪڙي ڏينهن مون کي ٻانهن ۾ ڀري ۽ پيار ڪندي چيو هئائين، ”جيڪي گول مون کان رهجي ويا آهن، سي گول تون ڪندين.“ جون جي هيبتناڪ رات ۾ جڏهن درياهہ ۾ دهشت ۽ ماحول تي موت جو پاڇو پيل هو مون پنهنجي ساءِ چپن ۾ چيو ”مان ڪو بہ رهيل گول ڪري نہ سگهيو آهيان. چاچا مان ڪو بہ گول ڪري نہ سگهيو آهيان.“

ستر سالن جي لڳ ڀڳ هو: پر، ڇهري تي معصوم ٻارن جهڙي لڪا پئي پيس. هڪ سو ڇهہ ڊگريون بخار ۽ نڙيءَ ۾ ڪينسر جي اذيت جي باوجود سندس ڇهري تي عجيب قسم جو سڪون هو هر تڪليف جي احساس کي هن سيني جي ڏرتيءَ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو هو. کٽ جي پائي تي رکيل سندس هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهليندي، مون غور سان ڏانهنس ڏٺو منهنجين اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا، سندس ڇهرو پاڻيءَ جي جهالر پٺيان اڻ چٽو ٿي ويو. مون کي پنهنجي وجود مان پنهنجي آواز جو پڙلاءُ ٻڌڻ ۾ آيو. مان هڪ بہ گول ڪري نہ سگهيو آهيان. چاچا توهان کان رهجي ويل گول مون کان بہ رهجي ويا آهن، مون سندس هٿ پنهنجن چپن تائين آندو. سندس جسم بخار ۾ پڄري رهيو هو.

ٽي چار سال اڳ تار ڏيئي ڊاڪٽر ابراهيم مون کي سکر گهرايو هو. ڪم ڪار سانگي هو اڪثر ڪراچي ويندو هو ۽ وقت ڪيڏي چاچا سان بہ ملي ايندو هو. گذريل هڪ ڏيڍ سال کان چاچا جي نڙيءَ

۾ سخت تڪليف سبب ڪيس تشويش هئي. هن پنهنجي انديشي جو ذڪر چاچا سان نہ ڪيو هو. پنهنجي انديشي جو ذڪر هن مون سان ڪيو هو. چيو هئائين: چاچا کي نڙيءَ جي ڪينسر آهي. اهو منهنجو شڪ آهي، ۽ غلط بہ ثابت ٿي سگهي ٿو. جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جي ڪينسر وارڊ ۾ سندس مڪمل انويسٽيگيشن ضروري آهي.

منهنجو ظاهر ۽ باطن ڪنبي ويو هو. چاچا منهنجي لاءِ سپرمين هو. اهڙو سپرمين جنهن جي زندگيءَ جي دائري ۾ ڪاميابيون گهٽ، ۽ ناڪاميون وڌيڪ هيون. هن حياتيءَ ۾ ڪٿيو ورلي، گهڻو ڪري هارايو هو. پر تنهن هوندي بہ هو منهنجو سپرمين هو. ڪرڻ ڪانپوءِ بہ شاندار نظر ايندو هو. هارائڻ ڪان پوءِ بہ فاتح ڪان وڌيڪ پرڪشش لڳندو هو. مون اڪثر فاتح ٽيمن ۽ زندگي ۾ سندن حريفن کي ساٿن اک ملائيندي نہ ڏٺو هو. اسان جي سموري خاندان، دوستن، ۽ ساٿين جو يڪراءِ فيصلو هو تہ چاچا دنيا جو واحد ناڪام شخص هو جنهن کي مون پنهنجو سپرمين قبول ڪيو هو. هنن منهنجي لاءِ اڳڪٿي ڪري ڇڏي هئي، ۽ چئي آهي تہ، مان بہ پنهنجي سپرمين جي نقش قدم تي هلندي زندگيءَ جي دائري ۾ ڪاميابين بدران ناڪامين ۽ فتحن بدران شڪستن جي ميراث ميڙيندس، ۽ حياتيءَ جي هيڪلائين کي تصور جي هڪ اپسرا سان آباد ڪندس، ۽ هڪڙي ڏينهن بي يارو مددگار مري ويندس. مان جيڪڏهن ائين ڪري سگهيس تہ پوءِ، پنهنجي زندگيءَ کي سفل ۽ ڪامياب سمجهندس. ڪي انسان زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهہ هارائڻ ڪانپوءِ بہ اصل معنيٰ ۾ هارائيندا نہ آهن. ساڳي طرح، ڪي انسان هميشہ کٽڻ جي باوجود ڪجهہ بہ کٽي نہ سگهندا آهن. مون زندگيءَ ۾ هارائڻ يا کٽڻ کي اهم نہ سمجهيو آهي، هارائڻ ۽ کٽڻ جي دوران طرز عمل کي مون هميشہ اهم سمجهيو آهي.

سندس طرزعمل سبب مون لاشعوري طور تي چاچا کي پنهنجو سپرمين قبول ڪيو هو.

ڊاڪٽر ابراهيم جي هڪ انديشي مون کي هزارين انديشن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. مان سڌو ڪراچيءَ هليو ويو هوس. قديم آثارن واري کاتي مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، چاچا پينشن ڪميوٽ ڪرائي هئي، ۽ جي پي فنڊ جي رقم وجهي هن ڪلفٽن وٽ سمنڊ پرسان هڪ بلڊنگ ۾ فليٽ ورتو هو. بالڪونيءَ ۾ ويهي پهرن جا پهر سمنڊ ڏانهن ڏسندو رهندو هو مون کي اوچتو پنهنجي سامهون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو. مون کي ڀاڪر ۾ ڀري ٻيٺو رهيو. اکين، نرڙ ۽ پوءِ ڳلن تي مِنيون ڏيندي چيو هئائين، ”يقين ڪر، تنهنجي برش جهڙي ڏاڙهيءَ جو پاڪستان ۾ اسلام جي نافذ ٿيڻ سان ڪو تعلق ڪونهي.“ پوءِ ڪلندي ڪلندي سندس اکين مان لڙڪ لڙي پيا هئا. مون کان اوچتي اچڻ جو سبب پڇيائين. ڊاڪٽر ابراهيم جي انديشن جو ذڪر ڪيم ته چيو هئائين، ”ابراهيم جو مٿو ڦري ويو آهي.“

ان دفعي ڏاڍو زور ڀريو مانس، ايلاز ڪيامانس، پر منهنجي ڳالهه نه مڃي هئائين. ڪينسر وارڊ ۾ انويسٽيگيشن لاءِ هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئائين. چاچا ضدي نه هو جنهن ڳالهه کي هو فضول سمجهندو هو اها ڳالهه ٻنهه قبول نه ڪندو هو. تمام اٿل نموني چيو هئائين، ”جيڪڏهن سچ پچ ڪينسر آهي، ته پوءِ ڏٺو ويندو.“

اها رات اسان ٻئي ڪيتري دير تائين سمنڊ جي ڪناري سان آلي واريءَ تي هلندا رهياسين. سمنڊ جي وير کي چڙهندي ۽ لهندي ڏسندا رهياسين. اسان ٻنهي ۾ ڪجهه ڪو نه ڳالهايو هو خاموش رهي جڻ سمنڊ جي ٻولي سمجهڻ جي ڪوشش پئي هئي سين. انيڪ ڇوليون اسان جي پيرن کي ڇهي موٽي ويون، پر اسان نه ڳالهايو. اڌ رات ڌاري فليٽ تي موٽي آياسين. واڻ جي کٽ تي ليٽندي چاچا تمام

چٽي آواز ۾ چيو هو ”ساهه ڏبو روهڙيءَ ۾، ۽ دفن ٿبو امان جي پرسان ٽڪر واري مقام تي.“

جواب ۾ چوڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه نه هو. مان ڪٽ تي اٿي، بالڪونيءَ ۾ وڃي ويٺو هوس. ان رات سمنڊ ڏاڍو بيچين هو. مون چاچا جي باري ۾ سموري رات سوچيو هو. هن شادي نه ڪئي هئي، نوڪر يا بورچي به نه رکندو هو. پاڻ ماني پچائيندو هو. واندو ٿي راندين جا انيڪ رسالا ۽ ڪتاب ڪڻي ويهي رهندو هو. رات جو دير تائين تاريخ ۽ قديم آثارن بابت ڪتاب پڙهندو هو. سياست کان کيس نفرت هئي. امان، بابا ۽ گهر جي ٻين وڏڙن کان ٻڌو هوم ته جوانيءَ ۾ چاچا جڏهن ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو. تڏهن مسلم ليگ نيشنل گارڊس جو ميمبر هوندو هو ۽ پاڪستان لاءِ شاگرد تحريڪن ۾ سرگرمي سان حصو وٺندو هو پر پوءِ جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ ملڪ سان سيفٽي ايڪٽ لاڳو ٿيو ۽ جيل اديبن، شاعرن، صحافين ۽ سياسي ڪارڪنن سان ڀرجي ويا، جن سچ پچ پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو هو. تڏهن چاچا بددل ٿي پيو. تڏهن کان کيس سياست کان سخت نفرت ٿي پيئي هئي، هو سياست کي ان فيئر گيم سڏيندو هو.

تڏهن مان ناڪام ٿي اسلام آباد موٽي ويو هوس. اسلام آباد ۾ ڪا گهڙي اهڙي نه گذري هئي، جيڪا چاچا لاءِ فڪر سان دامن گير نه هئي. سوچ انديشن جو شڪار ٿي پيئي. ڪينسر جي عذاب جو احساس هڪ طرف، مان چاچا جي هيڪلائيءَ سبب وڌيڪ فڪرمند هوس، مون سان گڏ اسلام آباد هليو اچي ها ته پوءِ جيڪر وهمن جو واسو نه ٿئي ها. جيڪي پڇيم ها، چاچا لاءِ ڪريان ها. پنهنجي حياتيءَ جو ڪجهه حصو ڏيئي کيس جيئرو رکان ها. موت سان جنگ جوٽيان ها، اجل سان وڙهان ها، پاڻ مري وڃان ها، پر چاچا کي مرڻ نه

ڏيان ها. بابا، امان ۽ سمورن پائرن ۽ ڀينرن کان وڌيڪ مون کي چاچا سان دل هئي، امان ڪيترائي دفعا منهنجي باري ۾ چئي چڪي هئي، تہ هوبهو چاچي تي ويو آهي. ان قسم جا رايا سمورن مائٽن ڏنا هئا. مون انهن راين جي ڪڏهن ترديد نہ ڪئي هئي. هينئر تہ اچي پنجاهہ جي لڳ ڀڳ ٿيو آهيان، پر، ڪجهہ سال اڳ مائٽن ۽ سموري ڪٽنب جي زور ڀرڻ جي باوجود مون جڏهن شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو تڏهن سڀني يڪراءِ فيصلو ڏيندي چيو هو ”پنهنجي چاچي جي نقش قدم تي هليو آهي، نہ چاچهنس شادي ڪئي هئي ۽ نہ هيءُ ئي شادي ڪندو.“

مان سمجهان ٿو زندگيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن شخص سان اسان جي روح جو رشتو هوندو آهي. سندس ڏک اسان کي پنهنجو ڏک لڳندو آهي. سندس تڪليف اسان کي پنهنجي تڪليف محسوس ٿيندي آهي. ان شخص جي شڪست اسان جي شڪست، ۽ ان شخص جي فتح اسان جي فتح هوندي آهي. ان شخص کان سواءِ اسين اڌورا، ۽ اڻ سونهان رهجي ويندا آهيون. اسلام آباد ۾ پهرن جا پهر مان خاموش ويٺو هوندو هوس، ۽ چاچا جي باري ۾ سوچيندو رهندو هوس. هڪ سوال پڙاڏي وانگر ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻڌندو هوس. ”هو ائين ڇو آهي، هو ائين ڇو آهي. جيڪڏهن مون کي پٽن کان وڌيڪ پيار ڏنو اٿائين، تہ پوءِ مون سان هليو ڇو نہ آيو آهي.!“

ٽيليفون جي هڪ هڪ گهنٽيءَ تي ڪنبي ويندو هوس. شايد ڊاڪٽر ابراهيم جي فون آهي، ڪا ابتر خبر آهي! روهڙي، سکر يا ڪراچيءَ مان خط ايندا هئا، تہ خط کوليندي هٿ ڪنبي ويندا هئا. انهن ڏينهن ۾ چاچا جو هڪ جملو رکي رکي دل تي تري ايندو هو چيو هئائين، ”زندگيءَ جي راند ڪڏهن ڪڏهن پينلٽي ڪڪ تان بہ هارائي ويهبي آهي.“

هارايل فوٽ بال ميچ کي چاچا زندگيءَ سان تشبيهہ ڏني هئي. ان دفعي، سندس ٽيم ڪي پي ٽي گولڊ ڪپ فائينل ۾ ڍاڪا محمدن ڪلب کان هڪ گول تان ميچ هارائي هئي. اهو گول پينلٽي ڪِڪ سان ڪيو ويو هو. چاچا کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. راند ميدان تان هو گهر نہ موٽيو هو. شام کان رات تائين مون کي ساڻ ڪري ڪراچيءَ جي هيڪلن رستن تي هلندو رهيو هو. رکي رکي مون کي ڀڪرانڙي پائي پيار ڪندو رهيو هو. مان سمجهان ٿو، پاڇولن ۾ چاچا روئيندو بہ رهيو هو. هن اڳ بہ ميچون هارايون هيون، هيون، پر ڪا ڪا ميچ هارائي هو ڏاڍو اداس ۽ ويڳاڻو ٿي پوندو هو. ڪي پي ٽي گولڊ ڪپ ٽورنامينٽ ۾ فائينل هارائڻ کان پوءِ چاچا ڏاڍو دل شڪستو ٿي پيو هو. صدر ۾ ڪيفي جارج ريسٽورنٽ ۾ آئٽي، هن مونکي آئسڪريم کارائيندي، هڪ جملو ڳالهايو هو جنهن جو مفهوم ان وقت مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو هو. تڏهن مان مشڪل سان ڏهن ڪن سالن جو مس هوس. پر پوءِ، اڳتي هلي، عمر جي وڌندڙ ٿوهر سان وچڙندي ان جملي جو مفهوم منهنجي ذهن ۾ واضح ٿيندو ويو. جيلي آئسڪريم جو وڏو پيالو منهنجي آڏو رکندي چاچا چيو "زندگيءَ جي راند ڪڏهن ڪڏهن پينلٽي ڪِڪ تان بہ هارائي ويهبي آهي."

"زندگيءَ جي راند ڪڏهن ڪڏهن پينلٽي ڪِڪ تان بہ هارائي ويهبي آهي." اسلام آباد ۾ چاچا جو جملو وڏيڪ چٽي معنيٰ ۽ مفهوم سان منهنجي ذهن ۾ چپندو رهيو. مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو پنهنجي وجود ۾ امڪان جي حد اورانگهي وڃڻ لاءِ ضد محسوس ڪيو. مان چاچا کي ڪجهہ ٿيڻ نہ ڏيندس. مان تقدير جي ڪاتب کان قلم کسي وٺندس. لوح جي ليکي کي مٽائي ڇڏيندس. مان کيس مرڻ نہ ڏيندس. اهو منهنجو فيصلو آهي! ضد جي شدت مونکي پنهنجن رڳن ۾ ڊوڙندي محسوس ٿي هئي. تڏهن شعور جي ڏورانهين ڪنڊ ۾ مون

محسوس ڪيو هو تہ منهنجو ضد ۽ منهنجو فيصلو ڪنهن وڏي طاقت آڏو شڪست خورده آهي. مايوسي سياري جي سانجهيءَ وانگر دل کي اداس ڪري ويئي. ان رات مون ڪيتري دير تائين خودڪشيءَ جي باري ۾ سوچيو.

ڊاڪٽر ابراهيم جي انديشي منهنجي زندگيءَ ۾ بيچين ڪندڙ اٿل پٿل آڻي ڇڏي هئي. مون اوچتو محسوس ڪيو تہ انيڪ اڻ پڇيل سوال رهجي ويا آهن، جن جي جواب لاءِ منتظر هئڻ جي باوجود مون چاچا سان ڪڏهن ذڪر نہ ڪيو هو. بي انتها پيار جي باوجود حيا جي پت حائل هئي. دل چاهيو تفصيلي خط لکي، سالن کان سيني ۾ سانديل سوالن جا جواب چاچا کان پڇي وٺان پرپوءِ همت ۽ سگهہ ساري نہ سگهيم. مون سڀ کان اڳ ڪانئس شادي نہ ڪرڻ بابت پڇڻ پئي چاهيو. ننڍپڻ کان انيڪ انومان ٻڌا هيم _ نامڪمل قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌيون هيم. پر، مان ڪهاڻين جون ڪڙيون ملائي نہ سگهيو هوم.

ٻڌو هوم تہ قديم آثارن واري کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ کان اڳ چاچا سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ تاريخ جو ليڪچرار هوندو هو. شاگردن کي پاڻوهہ مان پڙهائيندو هو ۽ شام جڏهن فٽ بال راند ۾ لهندو هو تہ انڻ انڻ، ۽ ڏهن ڏهن شاگردن کي ڊاج ڏيئي هڪ ڪلاڪ جي پريڪٽس دوران ڊزن کن گول ڪري ڇڏيندو هو. شاگرد مٽس ساهہ ڏيندا هئا. سيفٽي ايڪٽ ۽ ٻين ڪُڏن قانونن خلاف جڏهن. ٻہ هلچل هلي، چاچا پوليس جي ڏاڍ ڏمر خلاف شاگردن جي حق ۾ ٿاڻن، لاڪپن، جيلن ۽ عدالتن تائين اڪيلي سر جنگ جوتي. نہ پنهنجي سروس رڪارڊ جي پرواهہ ڪندو هو ۽ نہ نوڪري وڃڻ جي. اڪثر چوندو هو ’نوڪريءَ مان ڪيندا تہ ڪياماڙيءَ تي وڃي مزدوري ڪندس ۽ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي ٽيم طرفان کيڏندس.‘ ڪلاس

۾ ۽ ڪلاس کان ٻاهر شاگردن جون نگاهون تقدس ۽ عقيدت وچان سندس تعاقب ڪنديون هيون.

شاگردن ۾ روپ بہ هئي. شڪارپور جي ڏاڍي معزز گهراڻي جي ڇوڪري سهڻي، سٻاجهڙي. هوءَ تڪ ٻڌي چاچا ڏانهن ڏسندي رهندي هئي. چاچا کان گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سال ننڍي هئي. هڪڙي ڏينهن چاچا کي واٽڙو ڪري ڇڏيو هئائين. چيو هئائين، 'مون اچڻ ۾ پندرهن سال دير ڪئي آهي، يا اوهان پندرهن سال تڪڙ ڪئي آهي. ان ڳالهہ جو فيصلو ڪيئن ٿيندو!'

پوءِ الاءِ ڇا ٿيو هو. روپ ۽ چاچا جي باري ۾ ڳالهيون اخبارن ۽ رسالن تائين وڃي پهتيون هيون. چاچا جي ساک کي ڏاڍو ڌڪ لڳو. هن ڪاليج ڇڏي قديم آثارن واري کاتي ۾ وڃي نوڪري ڪئي. مائٽن روپ کي ڪاليج مان اٿاري ڇڏيو. اهو ساڳيو ڏينهن هو جڏهن ٻنهي سنڌ ڪاليج ڇڏيو هو. چاچا روپ کي سچل سرمست جو رسالو ڏنو هو جنهن جي پهرين صفحي تي هن لکيو هو"ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، آئون جوئي آهيان سوئي آهيان.'

روپ جي سهڻي اکين مان لڙڪ لڙي پيا هئا. هوءَ سچل جو رسالو سيني سان سانڍي سنڌ ڪاليج جي ٻاهرين در ڏانهن وڌي هئي، تڏهن، چاچا کيس سڏ ڪيو هو"روپ."

روپ بيهي رهي هئي.

چاچا وک کڻي سندس سامهون وڃي بيٺو هو ۽ پوءِ، چاچا جو آخري جملو روپ کان سواءِ ڪيترن شاگردن ۽ استادن ٻڌو هو. چاچا چيو هو "منهنجي مرڻ تي اچجانءِ روپ."

چاچا جي باري ۾ اڪثر اسان جي گهر ۾ ڳالهيون ٿينديون رهنديون هيون. انهن ڳالهين جي نہ ڪا ابتدا هوندي هئي ۽ نہ ڪا پڄاڻي. چاچا جي باري ۾ هر ڳالهہ اڌ مان شروع ٿيندي هئي ۽ اڌ ۾

ختم ٿي ويندي هئي. چاچا جي باري ۾ ان قسم جون ڳالهيون مون کي وڻنديون هيون. ننڍڙيون ننڍڙيون پراسرار ڳالهيون! مان يقين سان چئي نہ ٿو سگهان تہ، چاچا ساک خاطر چاهت قربان ڪئي هئي. يا چاهت خاطر ساک قربان ڪئي هئي. روپ ۽ چاچا جي باري ۾ جڏهن اخبار ڪالم ڪارا ڪري ڇڏيا، تڏهن امان، بابا ۽ ٻين مائٽن چاچا لاءِ روپ جو سڱ گهرڻ جو ارادو ڏيکاريو هو. انهن ڏينهن ۾ ڏاڏا سائين حيات هئا. جڏهن ڪانئس صلاح ورتي ويئي تہ، وراڻيو هئائون، ڪو بہ ڪم سندس مرضيءَ خلاف نہ ڪجو.

چاچا روپ سان شادي ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. هو. انڪار جو سبب روپ ۽ چاچا جي عمر ۾ پنڌرهن سالن جي وڇوٽيءَ کي سمجهيو ويو هو. پر، مان سمجهان ٿو تہ ائين نہ هو. مان ننڍپڻ ۾ پنهنجي ڪچي ذهن سان سندس انڪار جو اَنتُ لهي نہ سگهيو هوس. پر پوءِ، جڏهن چاچا مون کي پاڻ ۽ پيار سان مالا مال ڪري ڇڏيو ۽ مون کي پنهنجي ساهہ سان سانڍي ڇڏيو، تڏهن عمر جي ڏاڪي ڏاڪي تي پير رکندي مون هر دفعي چاچا جي هڪ هڪ عمل ۾ عميق معنيٰ جا تهہ ڏٺا. ياد ٿو پويم، هڪ لڳا زندگيءَ ۾ مان ڪروڌ جي چائنٺ تي پير رکي بيٺو هوس. انهن ڏينهن ۾ مان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس ۽ چاچا قديم آثارن واري کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو. يونيورسٽيءَ ۾ تعبير کان اڳ منهنجا خواب پرزا پرزا ٿي ويا هئا، ۽ مان انتشار جو شڪار ٿي سمورو ڏينهن ۽ رات چاچا وٽ پيو هوندو هوس. تڏهن چاچا هڪ دفعي، ڪلفٽن وٽ جهانگير ڪوٺاري پريڊ جي ڏاکڻ لهندي چيو هو" جنهن سان ازل جي محبت جي پڪ ٿي ويندي آهي، تنهن سان شادي نہ ڪبي آهي. اهي چاهتون، جن جا فيصلا آسمانن تي ٿيندا آهن، سي شاديءَ جون محتاج نہ ٿينديون آهن. شادي اهڙين چاهتن جي توهين آهي."

۾ پوءِ، ڪيتري دير تائين، ۾ الاءِ ڪيترن ڏينهن ۾ ڪيترين راتين تائين چاچا مون کي شاهه لطيف جي هڪ بيت جي معنيٰ ۾ مفهوم سمجهايو هو.

ڳوليان ڳوليان، مَ لهان،
شال مَ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، ملڻ سان ماٺي ٿئي!

چاچا مون کي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي سانحي کان بچائي ورتو هو. ان حوالي سان جڏهن سوچيان ٿو تڏهن محسوس ڪريان ٿو ته، روپ سان شاديءَ کان انڪار سندن عمر ۾ پنڌرهن سالن جو فرق نه هو. چاچا روپ جي چاهت ۾ آسماني تحريرن کي پڙهي ورتو هو. اهڙي چاهت جي تڪميل لاءِ هن شاديءَ کي توهين سمجهيو هو. سوال، ساک لاءِ چاهت جي قرباني، يا چاهت لاءِ ساک جي قربانيءَ جو نه هو. اهو ضمني سوال هو. سوال آسماني چاهتن جي تقدس جو هو. هن تقدس جي احترام لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو. هن حاصل ڪري وڃائڻ ۾ وڃائي هميشه لاءِ حاصل ڪرڻ جي فلسفي کي سمجهي ورتو هو. گهر ڀاتي ۾ مائٽ سنڌ ڪاليج واري سانحي کي چاچا جي زندگيءَ ۾ غير معمولي تبديليءَ جو سبب سمجهندا آهن. مان سندن راءِ سان ڪڏهن به متفق نه ٿيو آهيان. هڪ انسان جي زندگيءَ ۾ عمل جي تبديليءَ لاءِ آثار گهڻو اڳ شروع ٿي ويندا آهن. پر اسان جي نظرن کان اوجهل هوندا آهن. اهڙي ڪيفيت ۾ هڪ غير معمولي واقعو يا حادثو تبديليءَ جي عمل کي تيز ڪري ڇڏيندو آهي ــ بذات خود تبديليءَ جو سبب نه ٿيندو آهي. چاچا جي زندگيءَ ۾ غير معمولي تبديليءَ جا اهڃاڻ گهڻو اڳ ظاهر ٿيا هئا. جڏهن 1947ع وارن فسادن ۾ پنهنجي جگري دوست پرشوتم جي گهر ڀاهران خنجر کڻي بيهي رهيو هو. ڳالهه ڪندا آهن ته، مسلسل پنج ڏينهن ۾ پنج

راتيون فسادين سندس دوست پرشوتم جي گهر تي حملو ڪيو هو. ۽ چاچا اڪيلي سر جنوني ڪيفيت ۾ سر جو سانگو لاهي سندن مقابلو ڪيو هو. ڇهين ڏينهن هو برنس روڊ واري فليٽ تان پرشوتم جي ڪراڙي ماءُ، ٻن ڀينرن ۽ ٻين ڀائرن کي سلامتيءَ سان ڪڍي، اسان جي سعيد منزل واري فليٽ تائين آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. هن لاڳيتو پنج ڏينهن ۽ پنجن راتين تائين موت کي ايترو ويجهڙائيءَ کان ڏٺو هو جو موت چاچا لاءِ دهشت، ۽ خوف کان خالي ازلي سفر لاءِ انسان جي روانگيءَ جي علامت ٿي پيو ۽ ان کان وڌيڪ ڪجهه به نه. جنهن رات چاچا سامونڊي جهاز ۾ پرشوتم، سندس ماءُ، ۽ ڀينرن کي جلاوطن ڪري موٽيو هو ان رات هو سمهي نه سگهيو هو. اها رات مون کي اڄ به ياد آهي. هن مونکي هنج ويهاري ڏاڍو پيار ڪيو هو. ۽ رکي رکي آسمان ڏانهن ڏسندو رهيو هو. ان دوران هڪ گهڙي اهڙي به آئي هئي جو چاچا مون کي نرڙ تي مٺي ڏيندي چيو هو "جيڪي گول مان ڪري نه سگهيو آهيان، تون ڪندين. تون منهنجو ٽيون وجود آهين."

ان کان پوءِ، چاچا مون کي هنج ۾ کڻي کٽ تي آڻي ليٽايو هو. مان ننڊاکڙو هوس. منهنجي پٺي ٺپي، مون کي سمهاريندي چيو هئائين، "مان جاڳندس، تون ننڊ ڪر. جڏهن مان ننڊ ڪندس، تون جاڳندين."

چاچا موٽي وري دريءَ وٽ بيٺو هو. جتان کيس آسمان جو ڳپل حصو نظر اچي رهيو هو. سمهڻ کان اڳ مون امان کي ڳالهائيندي ٻڌو هو. هوءَ بابا سان ڳالهائي رهي هئي: چئي رهي هئي، "پاڻ ته اڌ چريو ٿي ويو آهين، اسان جي ڇوڪري کي به چريو ڪري ڇڏيندو."

"منهنجو هڪڙو ئي ڀاءُ آهي. مونکي اولاد کان وڌيڪ پيارو آهي." بابا چيو هو "تون ٿي پٽ سنڀال مون ڇوٽون پٽ پنهنجي ڀاءُ کي ڏيئي ڇڏيو آهي."

ان ڪانپوءِ سمورو خاندان ۾ مائٽ آهستي آهستي جيئن چاچا ڪان پري ٿيندا ويا. تيئن تيئن مون ڪان بہ پري ٿيندا ويا. ان ۾ ڏوهہ ڪنهن جو بہ نہ هو. طبيعتن ۾ پيدا ٿيندڙ فرق سبب ويڇا وڌي ويا. چاچا پاتين سان پريل گهر ۾ رهي نہ سگهيو. مون کي ساڻ ڪري جمشيد روڊ تي سرڪاري گهر ۾ وڃي رهيو. ورهين جا ورهيہ هو ان گهر ۾ رهيو. نہ اوڙي پاڙي سان راهہ رسم. نہ ڪنهن سان اچڻ وڃڻ جو رستو رکيائين. اول اسڪول، پوءِ ڪاليج ۽ آخر ۾ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم وٺڻ دوران مان جڏهن شام جو گهر پهچندو هوس، چاچا کي منتظر ڏسندو هوس. هو فٽ بال راند لاءِ بوٽ ۽ ڪپڙا پائي ورانڊي ۾ ويٺي رهندو هو. هٿ ۾ اخبار يا رسالو. مون کي ڏسي مرڪندو هو. شام جو چانهہ پي اسين فٽ بال راند ڪرڻ لاءِ پٽيل پارڪ ڏانهن ويندا هئاسين. بدن پرجي ويو هوس. وڌندڙ عمر سان گڏ استيمنا گهٽ ٿي وئي هئس. ڪلاڪ _ ڏيڍ ۾ ٿڪجي پوندو هو. پر، راند جي فن تي ايڏو عبور هوس جو ڏسڻ وارن کي ڏندين آڱريون اچي ويندي يون هيون. ميدان جي وچ تان بال کي لت هڻندو هو تہ بال ٻئي پاسي گول ۾ وڃي نڪاءُ ڪندو هو. راند دوران، ۽ راند ڪان پوءِ بہ هو ڪنهن سان نہ ڳالهائيندو هو. مان سمجهان ٿو، هو مون ڪانسواءِ ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندو هو. گهر موٽڻ ڪان پوءِ، وهنجي سهنجي اسين رات جي ماني کائي، پنهنجا پنهنجا ڪتاب کڻي ويهي رهندا هئاسين. مان اقتصاديات جا ڪتاب ۽ چاچا قديم آثارن، تاريخ ۽ راندين جا ڪتاب ۽ رسالا پڙهندو هو. ورهين جا ورهيہ هڪ محور تي زندگي گذارڻ جي باوجود مان ڪڏهن بہ ڪڪِ نہ ٿيس. اتلندو محسوس ڪندو هوس تہ اهائي زندگي آهي، جيڪا مونکي گذارڻي آهي. چاچا سان گڏ رهڻ زندگيءَ لاءِ حيرت انگيز تجربو هو. بظاهر هڪ محور تي زندگي گذارڻ جي روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ غير معمولي ٿيندو رهندو

هو. رات جي ماني کائڻ ويٺا آهيون _ چاچا خاص منهنجي لاءِ چانور، قيمي جون چاپون ۾ رائتو ٺاهيو آهي _ هڪ گرهه به نه کنيو اٿئون _ در ٻاهران فقير جي صدا بلند ٿي آهي _ ننڍڙن ٻارن سميت بکايل آهيان _ چاچا مرڪي مون ڏانهن ڏٺو آهي _ چيو اٿائين، "ٻاڻ چانهه ڊبل روٽي ٿا کائون، هي کاڌو وچي سوالي کي ڏيئي اچ." هفتي ۾ ٻه ٽي _ دفعا ائين ٿيندو هو. هڪ دفعي ڏاڏو سهڻو ڪوٽ سبايو هئائين. آفيس پائي ويو. موٽيو ته ڪوٽ غائب! پڇيومانس، ته ڳالهه لنوائي ويو. پوءِ خبر پئي ته آفيس جي هڪ ڪراڙي پٽيوالي کي ڏيئي ڇڏيو هئائين. کلي چيومانس، "هاڻي خدا جي واسطي ڪنهن کي پتلون لاهي نه ڏجو." ڏاڏو کليو هو. مون کي مڪون هڻندي ۽ کلندي چيو هئائين، "تون ڇا ٿو سمجهين، مان انڊرويئر نه پائيندو آهيان ڇا!"

چيو هوم، "اوهان تي ڪهڙو اعتبار. ڊپ اٿم. ڪنهن ڏينهن انڊرويئر به لاهي ڪنهن کي ڏيئي نه اچو."

مان يونيورسٽيءَ ۾ هوس جو چاچا قديم آثارن واري کاتي ۾ چڱي عهدي تي وڃي پهتو هو. پگهار سٺي کڻندو هو پر هٿ هميشه تنگ رهندو هو. اڌ کان وڌيڪ پگهار آفيس جي پٽيوالي، اردلين ۽ ٻنگين ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. مهيني جي پهرين آچر تي سيڌو سامان آڻيندا هئاسين ۽ پوءِ موڪل جو هڪ ڏينهن سيڙائي سموري مهيني لاءِ کاڌو پچائي فريزر ۾ رکي ڇڏيندا هئاسين. جنهن مان اڌ کان وڌيڪ کاڌو چاچا سوالين کي کارائي ڇڏيندو هو. ظاهري طرح غير متحرڪ نظر اچڻ واري زندگيءَ جي هڪ هڪ گهڙي متحرڪ هئي. انيڪ دفعا ائين به ٿيو جو ڪلفٽن گهمڻ وياسين. چاچا ڪنهن ٻارڙي کي ياڪنهن ٻڍڙي عورت کي ٻنندي ۽ ٻاڏائيندي ڏٺو. هڪدم مون کي چيو "ابا، ڏوڪڙ ته ڏي" مون وٽ جيتري رقم هئي، کيس ڏنم. هن پنهنجا سمورا کيسا خالي ڪري ٻارڙي يا ٻڍڙي کي ڏيئي ڇڏيا، ۽ پوءِ،

اسان کي جمشيد روڊ تائين، گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ميل پنڌ ڪرڻو پيو. گهر پهتاسين تہ چاچا سهڪندي چيو”ابا، پنڌ صحت لاءِ چڱو آهي.“

چاچا کي زندگيءَ جي بي مقصد بي معنيٰ هئڻ جو ڏاڍو احساس هو. لاشعوري طرح زندگيءَ جي هڪ لمحي کي ڪانہ ڪا معنيٰ ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هو ۽ اڪثر ان ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيندو هو. هو خاموشيءَ ۽ بي مقصديت جي بيٺل پاڻيءَ ۾ زندگي پيدا ڪري وجهندو هو. سندس زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو مقصد هو موهن جي دڙي جي تحرير پڙهڻ لاءِ طريقو ايجاد ڪرڻ. ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن راتين جون راتيون، ڪا نہ ڪا واٽ تلاش ڪرڻ لاءِ واجهائيندو رهندو هو. هفتا لنگهي ويندا هئا، مهينن جا مهينا گذري ويندا هئا، پر چاچو ٿڪبو نہ هو. راند جي ميدان ۾ بہ مون ڪيس موهن جي دڙي جي تحرير بابت چپن ۾ ڪجهہ چوندي، ۽ پاڻ سان ڳالهائيندي ڏٺو هو. چاچا ڪنهن انعام يا اڪرام لاءِ ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ لاءِ جستجو ۾ لڳل نہ هو قطعي نہ. هو زندگيءَ جي بي مقصديت کي ڪانہ ڪا معنيٰ ڏيڻ چاهيندو هو. ڪوچنا ۽ مطالعي لاءِ مختلف لائبريرين جو ميمبر هوندو هو. پر، تنهن هوندي بہ ٿامس اينڊ ٿامس بڪسيلرس تان ڪنڌي تي ڪتاب ضرور خريد ڪندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت خريد ڪيل ڪتابن جو بل ايتريقدر وڏي ويندو هو جو باقاعدي اعلان ڪندي چوندو هو”ابا، هن مهيني پيٽ سان پٿر ٻڌبو ۽ ٻن ويلن تي گذارو ڪبو. هڪ ويلو دال سان، هڪ ويلو بصر سان.“

ڪنهن ڪنهن وقت چاچا چرڪائڻ جهڙي حرڪت ڪري ويهندو هو. تڏهن، شروعات ۾، مونکي سندس ذهني ڪيفيت جي صحت تي شڪ ٿيندو هو. پر پوءِ مون محسوس ڪيو تہ سندس هر عمل، زندگيءَ جي بي معنونيت کي لاشعوري طرح ڪا معنيٰ ڏيڻ جي

ڪوشش هوندي هئي. هو جيڪي ڪجهہ ڪندو هو، سو سندس پختي يقين ڪان خالي نہ هوندو هو. هڪ دفعي ريگل سئنيما جي سامهون فريڊرڪس ڪيفي ٽيريا ۾ ويٺا هئاسين. اڄڪلهہ اتي ريڊيو ۽ ٽيليويزن جا دڪان کلي ويا آهن. اوچتو ڪيفي ٽيريا ٻاهران گوڙ ٻڌوسين. ٻاهر نڪري آياسين. فٽ پاٿ تي پراڻا ڪتاب وڪڻڻ واري احمد کي چار غنڊا ئونشن، لٺن ۽ خردمن سان ماري رهيا هئا. چاچا جي احمد سان دوستي هئي. هو ڪانئس ٻڌي ليکي پراڻا ڪتاب خريد ڪندو هو. فٽ پاٿ تي ويهي ساٽس ڪچهري ڪندو هو. احمد رتو ڇاڻ ۽ بيوس تماشائيءَ وانگر بيٺو رهيو. هو هڪ لمحي لاءِ سوين خاموش تماشائين ۾ هڪ ڏسي چاچا واڻڙو تي ويو. ٻئي لمحي هن ڪوٽ لاهي منهنجي ڪلهي تي رکيو ۽ اک ڇنڀ ۾ وڃي غنڊن تي ٽٽو. ان وقت چاچا جي عمر پنجاهہ جي لڳ ڀڳ هئي. چارئي غنڊا احمد کي ڇڏي چاچا تي اٿلي آيا. مون کان رهيو نہ ٿيو ويڙهہ ۾ لهي پيم. چاچا رڙ ڪندي چيو هو "متان! هر ڪنهن کي پنهنجي ويڙهہ اڪيلي سر وڙهڻي پوندي آهي. هيءَ منهنجي ويڙهہ آهي." چاچا ڏاڍو وڙهيو. مون کان جيتري ويڙهہ ٿي سگهي، وڙهيم. پر، چاچا اڪيلي سر وڙهندو رهيو. وار سهندو ۽ وار ڪندو رهيو. زخم ڪائيندو ۽ زخم هڻندو رهيو. آخر ۾ هو احمد کي بچائي وٺڻ ۽ غنڊن کي ڀڄائڻ ۾ ڪامياب ٿيو پر پاڻ تشويشناڪ حد تائين زخمي ٿي پيو. نڪ جي هڏي ڀڄي پيس. مٿيون چپ واڇ تان ڪپجي پيس. خردم لڳڻ سبب ڪيپرائيءَ وٽان مٿو ڦاٽي پيس، ۽ ساڄي پاسي واريون ٻہ پاسيريون ضربجي پيس. پندرهن ڏينهن اسپتال ۾ داخل رهيو.

اهڙي نموني سندس وڙهڻ ۽ پوءِ زخمي ٿيڻ مونکي نہ وڻيو هو. مون کي خبر هئي تہ ڦوهہ جوانيءَ ۾ هو پنهنجي دوست پرشوتم جي گهر ٻاهران پنج ڏينهن ۽ پنج راتيون لاڳيتو فسادين سان اڪيلي سر

وڙهيو هو. پر، تڏهن هو جوان هو. پنهنجي عمر واري ڪنهن به جوان کان وڌيڪ اورچ ۽ طاقتور هو. ڪيفي ٽيريا ۾ هاران جڏهن هو وڙهيو هو تڏهن پنجاهه جي لڳ ڀڳ هو. حالتن هٿان سندس وجود ۾ گهڻ پئجي ويا هئا. گهڻو سهڻ سبب اورچ به نه رهيو هو. سڀ کان وڌي ڳالهه ته قديم آثارن واري کاتي ۾ چڱي عهدي تي لڳل هو. مون ڌيمل لهجي ۾ پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو هو. هفتي کن کانپوءِ چاچا جڏهن هلڻ ڦرڻ ۽ ڳالهائڻ جهڙو ٿيو، تڏهن چيو هئائين، "هر انسان وڙهندو آهي _ ڪڏهن پنهنجي جسم سان، ڪڏهن پنهنجي ذهن سان ۽ ڪڏهن پنهنجي خاموشيءَ سان. وڙهڻ کي انسان جي فطرت کان ڌار ڪري نه ٿو سگهجي."

اسپتال ۾ ٽي هفتا هئاسين جو هڪڙي ڏينهن چاچا چيو هو "سڀ کان طويل ۽ جٽادار جنگ خاموش رهي وڙهبي آهي. ان جنگ ۾ انسان جو گهڻو ڪري مقابلو ڪائنات سان ٿيندو آهي."

اسپتال کان گهر موٽي آياسين. مهيني کن کان پوءِ چاچا آفيس وڃڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ انهن ئي ڏينهن ۾ مون چاچا کي هڪ زبردست جنگ لڙندي ڏٺي. اُها جنگ هن پنهنجي ذريعي جوٽي هئي. موهن جي دڙي جي ميوزيم ۾ رکيل ناياب شين سان هٿ چراند جو ڪيس شڪ پيو. ايوب خان جو دور هو. ڊپٽ ڏونس، گُهٽ، پوسٽ چاچا جانچ ڪئي ته خبر پيس ته ڪجهه وڏن عملدارن جن جي اشارن تي ملڪ هلي رهيو هو. شوڪيسن مان ڪجهه نڪرجا رانديڪا ۽ زيور ڪڍائي ويا هئا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هوبهو اصلوڪا رانديڪا ۽ زيور ٻيهر شوڪيسن ۾ رکي ويا هئا. چاچا ڪيميائين تجزيو ڪرايو. ڪافي تعداد ۾ نڪر جا رانديڪا ۽ زيور نقلي نڪتا. اتان کان چاچا جي ڏاڍ ڏمر خلاف جنگ شروع ٿي. همدردن سمجهايس ته يار مڙي وڃ اجايو مارجي ويندين، ڪجهه به هٿ حاصل ڪري نه سگهندين.

موهن جي دڙي جا اصلوڪا رانديڪا ۽ زيور يورپ جي قديم آثارن وارن ڪاٺن ۽ دڪانن تي لکين ڊالرن ۾ وڪامي ويا. چاچا تي حڪومت جي اهلڪارن کي بدنام ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس هليو. ڪيس لاڳيتو اٺ سال هليو. چاچا راتيون جاڳي قانون جي ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو ۽ پنهنجو ڪيس پاڻ لڙندو هو. هاءِ ڪورٽ ۾ چاچا جي خلاف ڪجهه به ثابت ٿي نه سگهيو. پر سندس زندگيءَ جا اٺ سال تاريخ ۽ قديم آثارن بابت مطالعي بدران پنهنجي بچاءَ واري جنگ لڙندي ضايع ٿي ويا. ان نقصان جو چاچا کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. ڪيس ان ڳالهه جو قطعي ڏک نه هوته انهن اٺن سالن جي وچ ۾ سندس حق تلف ڪري، ٻين کي وڏن عهدن تي ترقي ڏني ويئي هئي. عهدن جي معاملي ۾ هو قطعي بي نياز هو. چاچا کي آخر تائين يقين هو ته موهن جي دڙي واري ميوزيم ۾ رکيل نڪر جا رانديڪا، ٿانوَ ۽ زيور وڏي تعداد ۾ اصلوڪا نه آهن. اصلوڪا رانديڪا، ٿانوَ ۽ زيور ٻاهرين ملڪن ۾ وڏين وڏين قيمتن تي وڪامي ويا آهن. موهن جي دڙي واري ميوزيم ۾ رکيل ناياب شيون وڏي تعداد ۾ اصل شين جو نقل آهن.

جنهن شخص کي مون ابتر حالتن ۾ دم گهٽيندڙ ماحول ۾ ڪڏهن مايوس ۽ ملول نه ڏٺو، تنهن شخص کي مون هڪ دفعي ڏاڍو اُداس ڏٺو. پنهنجي ٽرانسفر جو خط مون ڪيس پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. مون کي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان بدلي ڪري اسلام آباد موڪلڻ جو پروانو جاري ڪيو هئائون. ڪجهه دير ۾ چاچا پاڻ کي سنڀالي ورتو. چيو هئائين، ”نوڪريءَ ۾ ائين ٿي ٿيندو آهي _ ڪڏهن هِت، ته ڪڏهن هُت.“

مان چاهڻ جي باوجود پنهنجي پريشاني لڪائي نه سگهيو هوس. چاچا تيزيءَ سان پوڙهو ٿي رهيو هو. ڪيس هيڪلو ڇڏي وڃڻ مون مناسب محسوس نه پئي ڪيو. چاچا مون کي ڪلهي تي مُڪ هڻندي

چيو "باقي ٻن ٽن سالن جي ڳالهہ آهي. رٽائر ٿي سڌو ٺٽو وٽ هليو ايندس."

"پر رٽائر ٿيڻ کان پوءِ چاچا اسلام آباد نہ آيو. ڪيس اسلام آباد نہ وڻندو هو. اسلام آباد جي ساوڪ، صفائي ۽ خاموشي ڏسي چوندو هو "اسلام آباد ڪرستانن جو قبرستان آهي. سائو صاف ۽ خاموش."

ڊاڪٽر ابراهيم واري انديشي کان پوءِ مون اسلام آباد ۾ هڪ ڏينهن سک جو نہ گذاريو هو. ٻئي ـ ٽئين مهيني ڪراچيءَ مان چڪر هڻي ايندو هوس. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پينشن ڪميوٽ ڪرائي ۽ جي پي فنڊ جي رقم جا پيسا وٺي هن ڪلفٽن وٽ. سمنڊ جي سامهون هڪ بلڊنگ ۾ فليٽ خريد ڪيو هو. شام جو سمنڊ جي ڪناري سان آلي واريءَ تي پير اگهاڙا ڪري پنڌ ڪندو هو. سڄو سڄو ڏينهن ۽ رات جو دير تائين تاريخ، ۽ قديم آثارن ۽ راندين متعلق ڪتاب ۽ رسالا پڙهندو هو. ٻڪ لڳندي هئس تہ ماني کائيندو هو ورنہ نہ. جڏهن ٻہ ٻئين يا ٽئين مهيني ڪراچي ويس. ڪيس اڳ کان هيٺو ڏٺم. نيٺ اها منحوس گهڙي ڏائڻ وانگر اڳيان اچي بيٺي، جنهن جي تصور کان مون پنهنجي روح کي فنا ٿيندي محسوس ڪيو هو. ڪراچيءَ مان منهنجي وڏي ڀاءُ جو خط آيو. لکيو هئائين ـ چاچا سخت بيمار آهي ـ اسين هن لاءِ اوپرا آهيون. هو اسان لاءِ اوپرو آهي، تون اچي سنڀالينس.

ڪراچيءَ ۾ مون چاچا کي ڏاڍو ڪمزور ۽ نڙيءَ جي سخت سور ۾ مبتلا ڏٺو. مون ڪيس ڏک ۽ پيار وچان ڀاڪر پائيندي چيو "مان اوهان سان وڙهندس. مان اوهان سان وڙهندس."

اها اُماس جي اونداهي ۽ وحشتناڪ رات هئي. سمنڊ اکين کان اوجهل هو پر سندس ڇولين جي ڇوهہ ۾ ازغيبي آواز هو. اها سموري رات ٻئي ڏينهن جي انتظار ۾ مون جاڳندي گذاري هئي.

ٻئي ڏينهن مان چاچا کي جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر وٺي ويس. ٽي ڏينهن سندس مختلف ٽيسٽ وٺندا رهيا. چوٿين ڏينهن ڊاڪٽرن يقين سان سندس نڙيءَ ۾ ڪينسر جي تصديق ڪري ڇڏي. اميد جو آخري ونجھ ڇڏائجي ويو. منهنجو ساهه نڪري ويو. چاچا ڏاڍو اُٻاٽڪو ٿهڪ ڏئي مون ڏانهن ڏٺو هو. ڊپ سبب منهنجي منهن جو پنو لهي ويو هو. چاچا منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي ڏاڍي ڏک واري لهجي ۾ چيو هو ”زندگيءَ جي راند ڪڏهن ڪڏهن پينلٽي ڪڪ تان به هارائي ويهبي آهي.“

اسپتال کان گهر تائين سفر صحرا جو سفر ٿي پيو هو. گهر پهچڻ کان پوءِ مون چيو هو. ”مان اوهان کي اسلام آباد وٺي ويندس.“

چاچا منهنجي ڳالهه لنوائيندي چيو ”سمنڊ کان سواءِ اسلام آباد ۾ پاڪستان نيوي جو هيڊ ڪوارٽر ته هلي سگهي ٿو پر مان نه. مان سمنڊ کان پري رهي نه سگهندس.“

چاچا جون ڪلفٽن ۽ سمنڊ سان اڻوسرندڙ يادون وابسته هيون. سندس سنگتين کان ٻڌو هوم ته سج لهڻ کان پوءِ چاچا اڪثر سمنڊ جي ڪناري سان سيبريز ريسٽورنٽ جي اڱڻ ۾ وڃي ويهندو هو ۽ استاد برڪت علي خان جي پيروين ٻڌندو رهندو هو ۽ سمنڊ جي بيچين ڇولين ڏانهن ڏسندو رهندو هو. تڏهن چاچا روپ جي ڪري سنڌ ڪاليج ڇڏي چڪو هو.

مون چاچا کي چيو ”مان اوهان کي اڪيلو ڇڏي نه ويندس.“

کلڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين، ”هن عمل ۾ خدا جي واسطي منهنجي شادي نه ڪرائجانءِ.“

مان کلي نه سگهيس. ماحول اذيتناڪ ۽ وڍيندڙ هو. چيو هيم، ”مان اوهان کي اسلام آباد وٺي ويندس.“

”رهين سرڪاري هاسٽلن ۾“ چاچا وري به منهنجي ڳالهه

لنوائيندي چيو هو "۾ اسيمبليءَ جو اجلاس ٿئي ٿو ته ٽپڙ کڻي وڃي رهين ڪنهن هوٽل يا موٽل ۾. اهڙي، خانه بدوشن واري زندگي اڳ وٺندي هئي؛ هينئر نه."

"اوهان هلو ته سهي." ايلاز ڪندي چيو هيم. "اوهين هلو ته سهي، مان مسواڙ جي جاءِ وٺندس."

تڪيلف، بي انتها سور ۽ پريشانيءَ جي باوجود چاچا جي اکين ۾ روشني جي تجلي تري آئي.

"هڪ شرط تي هلندس."

"مون کي اوهان جو هر شرط قبول آهي."

"پڌڻ کان سواءِ؟"

"ها. پڌڻ کانسواءِ."

"ڦري ته نه ويندين؟"

"نه."

تصديق ڪرڻ لاءِ چاچا منهنجين اکين ۾ ڏٺو هو. چيو هئائين، "اول، شادي ڪر."

مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو هو. جڏهن پنجويهن سالن جو هوس، تڏهن چاچا ڪڏهن به شاديءَ جو ذڪر نه ڪيو هو. ذري گهٽ پنجويهه سال گذري ويڻ ڪانپوءِ، جڏهن مون چاچا وانگر مڪمل هيڪلائين سان هميشه لاءِ ناته ڪري ڇڏيو آهي ۽ خاموشين جي ڪائنات ۾ پنهنجي وجود کي ڇڏي ڏنو آهي، چاچا جو شرط مون کي انوکو ۽ اوپرو محسوس ٿيو. ان باري ۾ مون گهڻي دير تائين سوچيو هو. انسان پنهنجي تجربن ۽ زندگيءَ ۾ طرز عمل سبب انفرادي حيثيت ۾ هر ڪو نتيجو پاڻ ڀوڳڻ لاءِ تيار رهندو آهي؛ پر پنهنجن پيارن کي پري رکندو آهي، يا پري رکڻ جي خواهش ڪندو آهي. چاچا جو مون سان پيار ماڻهو مثال طور استعمال ڪنداهئا. هڪ سال جو مس هوس

جو امان ۽ بابا کان مونکي گهري ورتو هئائين. راتيون جاڳي، سور سهي، ممتا کان ماريل ڪنهن ماءُ وانگر مونکي پاليو هئائين. زندگيءَ ۾ ڪجھ نہ ميڙيائين. مان ئي سندس ميراث هوس. مون کي پڪ تہ ڪونهي، پر، مان سمجهان ٿو هو منهنجي هيڪلائيءَ سبب فڪرمند رهندو هو. مان سندس ٽيون وجود هوس. پر، منهنجو وجود ڪو بہ نہ هو. ڪير درد جي ڇڪ سهي آخري گهڙي ۾ مون تائين هليو ايندو! آخري سفر تي اُسهڻ کان اڳ ڪير منهنجو خيال رکندو! ۽ پوءِ جڏهن اکين جي جوت ڊري ٿي ويندي، ۽ چپ سڪي ٺوٺ ٿي ويندا، تڏهن ڪير پاڻيءَ جي، سِپ ساهہ ۾ شامل ڪندو ۽ الوداع چوندو!

"ڇا پيو سوچين!"

"ڪجھ بہ نہ."

"شادي ڪندين نہ؟"

ڪيس جواب نہ ڏنم.

"مون کي پڪ هئي، تون ڦري ويندين."

مون ڏانهس ڏٺو. جواب ڏيڻ بدران، ڪانئس ورائي پڇيم. "اوهان شادي ڇو نہ ڪئي؟"

هڪ لمحي لاءِ چِڻ ڏڏي ويو. نرڙ تي انيڪ گهنج اُڀري گم ٿي ويس، ڏاڍي عجيب مرڪ چپن تي تري آيس. هو مون کي وڏيڪ پيارو، سباجهڙو ۽ شفيق نظر آيو. وڏو ساهہ کنيائين. چيائين، "وقت مهلت ئي نہ ڏني. ستر سالن جي زندگي اک ڇنڀ ۾ گذري وئي."

مان هڪدم اُٿي سندس پاسي کان وڃي ويٺو هوس. ڪيس پيار ڪندي چيو هوم، "ڪجھ بہ گذريو ناهي. چاچا. هيءَ تہ شروعات آهي."

ان موضوع تي وڌيڪ ڪجھ ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيو. سموري رات مان سندس علاج بابت سوچيندو رهيس، ۽ سمنڊ جو

احتجاج ٻڌندو رهيس. صبح ٿيڻ کان اڳ مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته مان چاچا کي اسلام آباد ضرور وٺي ويندس.

صبح جي نيرن تي کيس پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪيو هوم. ڏاڏي پيار سان منهنجو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهليندي فقط ايترو چيو هئائين، "پٽ، ممڪن نه آهي، وقت گذري ويو آهي."

هٿ ڇڏائي ورتو هوم. سمنڊ ڏانهن اشارو ڪندي چيو هوم، "هي سمنڊ ڏسو ٿا چاچا. مان اوهان جو ٿيون وجود آهيان. ڪجهه ڳالهين ۾ اوهان کان به رتيون سرس آهيان. مان سمنڊ ۾ ڪاهي پوندس. ۽ وري موٽي نه ايندس."

چاچا جي اکين ۾ مون فڪر جا ترورا ڏسي ورتا. هن وري انڪار نه ڪيو ۽ مون سان گڏ اسلام آباد هليو آيو.

اسلام آباد وارو عرصو مختصر هو. وقت ڇڻ اٽڪ وٽان وهندڙ سنڌو درياهه هو_ اٿل، تيز ۽ فيصلہ ڪن. مان وقت جي درياهه آڏو ڪو به تربيلا بند ۽ سکر بيراج بيهاري نه سگهيس. پولي ڪلينڪ، سي. ڊي. اي هاسپٽل، جنرل هاسپٽل، ۽ ڪينٽومينٽ هاسپيٽل ۾ ڪو اسپيشلسٽ نه ڇڏيم. اميد جو ڪو در اهڙو نه هو جنهن کي نه کڙڪايم. ڪو ڏس، ڪو گس اهڙو نه هو جنهن جي تلاش ۾ نه نڪتم. پٿر پوڄيم، پٿرن جو خالق پوڄيم، ڪجهه هڙ حاصل نه ٿيو. لهندڙ سج بيهر چڙهي نه سگهيو. هڪڙي ڏينهن چاچا چيو "ابا روهڙيءَ هلبو."

ڏک پگل شيشي وانگر روح ۾ چيي ويو. گهڻو اڳ ڳالهايل چاچا جو جملو منهنجي ذهن ۾ پڙاڏا ڪرڻ لڳو "ساهه ڏبو روهڙيءَ ۾، ۽ دفن ٿبو امان جي پرسان ٽڪر وري مقام تي."

بورچيخاني ۾ چانهه ٺاهيندي مون آليون اکيون اُگهي ورتيون.

چانهه جو ڪوپ کڻي مان سندس پاسي کان ويهي رهيس. مون ڪڏهن به نه سوچيو هو ته هو ڪو هليو ويندو. ڪڏهن به نه. هڪ لمحي

لاءِ بہ نہ. فٽ بال جي ميدانن ۾ اڪيلي سر هارايل ميچون کٽڻ وارو مسلم ليگ نيشنل گارڊ جي وردي ۽ ڪي باهہ ڏيڻ وارو پرشوتم جي گهر ڀاهران پنج ڏينهن پنج راتيون فسادين سان وڙهڻ وارو فريڊبرڪس ڪيفي ٽيريا ٻاهران پنهنجي دوست لاءِ غنڊن لاءِ لڙڻ وارو موهن جي دڙي جي قديم آثارن لاءِ ايوب شاهي ۽ جي آمرن سان جنگ جوٽڻ وارو وچوڙي جي ازلي چاهت جي تڪميل سمجهڻ وارو هڪ ڏينهن هليو ويندو! چاچا ممڪن، ناممڪن، ۽ امڪان جي حدن کان آزاد هو. سندس آخري سفر ڏسڻ لاءِ مون ڪڏهن بہ پاڻ کي ذهني طرح تيار نہ ڪيو هو. ان ڏينهن اسلام آباد ۾ مون پهريون دفعو دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ سندس روانگي ۽ جي تصديق محسوس ڪئي هئي. هڪ لمحي لاءِ لڳو هوم تہ سيني ۾ دل ڀِن نڪتل گرنيڊ وانگر ڦاٽي پوندي، ۽ منهنجي وجود کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندي ــ چاچا کان اڳ مان هليو ويندس! مان سندس روانگي ڏسي نہ سگهندس. مون پاڻ ۾ سندس روانگي ڏسڻ جي همت ۽ سگهہ نہ ساري هئي. مون پاڻ کي نبل ۽ ڪمزور محسوس ڪيو هو. چاچا پنهنجو هٿ منهنجي هٿ تي رکي ڇڏيو هو. مان ڏانهنس ڏسي نہ سگهيو هوس. هو لاڳيتو ٽِڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسندو رهيو هو. پوءِ تمام جهيڻي آواز ۾ چيو هئائين، ”جيئن هر خواب کي تعبير نہ ملندي آهي، تيئن هر چاهت جي تڪميل نہ ٿيندي آهي. تون شادي ڪري ڇڏجانءِ“

سڄي عمر هيڪلائين ۾ هلندي گذاري ڇڏي هئائين. پر، مون کي هيڪلو ڏسڻ نہ پئي چاهيائين. مان ڪنهن ڪنهن وقت سوچيندو آهيان، چاچا کي جيڪڏهن اولاد هجي ها، تہ هو انهن سان ايڏي محبت نہ ڪري ها، جيتري محبت هن مون سان ڪئي. جيترو پيار هن مون کي ڏنو هو شايد پنهنجي ڪنهن ٻار کي نہ ڏئي سگهي ها. هن منهنجي وجود ۾ پنهنجو ٽيون وجود ڏسي ورتو هو. مان سندس توسيع هوس. ڪائنس رهجي ويل ڳول مون کي ڪرڻا هئا. قبرستان

جهڙي خاموش ۾ بيحس رات ۾ چاچا چيو”ابا، هلڻ جي تياري ڪجي.“

ساڳيءَ رات مون فون ذريعي سکر ۾ ڊاڪٽر ابراهيم سان ڳالهايو هو. چيو هوم،”ڊاڪٽر ابراهيم، مان چاچا کي وٺي ٿو اچان.“ ان کان وڌيڪ مان ڪجهه به ڳالهائي نه سگهيو هوس. اها سڄي رات مون جاڳندي، ۾ مارگلهه ٽڪرين جي جهنگ ۾ لڳل باهه ڏانهن ڏسندي گذاري هئي.

روهڙيءَ تائين پهچندي چاچا جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي ويئي هئي. آواز ذري گهٽ بند ٿي ويو هوس. جسم بخار ۾ پچري رهيو هو. ساهه تکو تکو هلڻ لڳو هوس. ڊاڪٽر ابراهيم روزانو روهڙيءَ هليو ايندو هو ۽ رات جو دير سان گهر موٽي ويندو هو. هن وٽ چاچا جو علاج نه هو مان سندس بيوسيءَ کان باخبر هوس. علاج ۽ صحتيابيءَ واري حد تمام پوئتي رهجي ويئي هئي. چاچا جي صبر ۽ ڪينسر جي عذاب جي وچ ۾ هلندڙ جنگ ڊاڪٽر ابراهيم ۽ منهنجي لاءِ حواس خطا ڪندڙ هئي. هڪ رات بي انتها تڪليف جي باوجود چاچا جي چپن تي مرڪ ڏسي ڊاڪٽر ابراهيم ڪنبي ويو هو. مون کي ٻانهن کان جهڪيندي، سرٻاٽن ۾ چيو هئائين،”هيءَ ڪير آهي! هيءَ ڪير آهي!“

۽ پوءِ اها رات به آئي جڏهن ڊاڪٽر ابراهيم سکر موٽندي مون ڏانهن ڏسي نه سگهيو هو. چيو هئائين، اڄوڪي رات مان ايمرجنسي وارڊ ۾ هوندس. مان موٽي چاچا جي پرسان آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هوس. کيس ڏاڍي تڪليف هئي. هو صبر ۽ خاموشيءَ سان تڪليف برداشت ڪري رهيو هو. پر، سندس تڪليف منهنجي برداشت کان ٻاهر هئي. تڏهن، اندر جي عبادتگاهه ۾ مون پنهنجي رب آڏو ٻاڏايو هو. هن شخص کان زندگيءَ ۾ رهجي ويل ڳول مون کي

ڪرڻا آهن. هن جي حصي جو باقي رهيل عذاب منهنجي حصي ۾ داخل ڪري ڇڏ. اهو منهنجو حق ۽ تنهنجو فرض آهي.

روهڙيءَ ۾ بندر، ۽ بندر واري پٽ اسان جي گهر سامهون آهي. جڏهن بہ درياهہ بادشاهہ ۾ اُٿل آئي آهي. پاڻيءَ کي اسان پنهنجي گهر ۾ ڪاهيندي ڏٺو. آهي. درياهہ شاهہ جو زور اسان پنهنجي جاءِ جي بنيادن ۾ محسوس ڪيو آهي. ڪُنن جا ڪڙڪاٽ اسان در ٻاهران محسوس ڪيا آهن. اُن رات بہ ائين محسوس پئي ٿيو. ڄڻ درياهہ شاهہ بندر جا بند پيجي روهڙيءَ ۾ ڪاهي پيو هو. گجگاهہ جو آواز گڏرندڙ گهڙين سان گڏ وڌيڪ چٽو ۽ وڌيڪ وڏو ٿيندو پئي ويو. ائين پئي لڳو ڄڻ لوح جو شاعر لکين غمگسارن سان گڏ پنهنجي تحرير جو آخري نوحو پڙهي رهيو هو ۽ درياهہ ۾ اکين جي آب جو اضافو ڪري رهيو هو. درياهہ شاهہ کي ايڏي سوز سان وهندي مون پنهنجي حياتيءَ ۾ اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. اندر اُداس، من وياڪل، ۽ ماحول ماتم ڪدي وانگر ٿي پيو هو.

مون چاچا جي نرڙ تي هٿ رکيو. سندس نرڙ ڪامي رهيو هو. مون ٿرماس مان برف ڪڍي، پٽي پسائي سندس نرڙ تي رکي. چاچا کان تمام هلڪو ڇرڪ نڪري ويو. هن آهستي آهستي اکيون کولي مون ڏانهن نهاريو. ڪومايل چپن تي معصوم مرڪ تري آيس. هيٺو هٿ مٿي ڪيائين. ڪجهہ چورڻ چاهيائين. پر ڇئي نہ سگهيو. مون سندس هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهلي اکين تائين آندو. چاچا اکيون بند ڪري ڇڏيون. برف ۾ ٿڌي ٿيل ٻي پٽي مون سندس نرڙ تي رکي. ڏهن _ ٻارهن پٽين ڪانپوءِ هن ٿڌو ساهہ کنيو. اڌ ڪليل اکين سان هو ڇت ڏانهن ڏسڻ لڳو. اهڙي نموني ڇت ڏانهن ڏسڻ مون کي بيچين ڪرڻ لڳو. پئي گوڏا فرش تي، ۽ ٻانهون کٽ جي پاڻيءَ تي رکي مون پنهنجو منهن سندس منهن پرسان ويهاڻي جي ويجهو ڪري ڇڏيو. ڪيس

آهستي سڏ ڪيم. ”چاچا.“

منهنجو سڏ ٻڌي اکيون کولي ڇڏيائين. نرڙ تان پاڻيءَ ۾ آلا ٿيل وار پري ڪندي ڪانئس پڇيم، ”ڪيئن پيا محسوس ڪريو.“

جواب ۾ چپن تي ڏاڍي عجب مرڪ تري آيس. مون ڪانئس پڇڻ چاهيو: اُهي ڪهڙا مرحلا آهن، جن مان گذرڻ ڪان پوءِ انسان بهادريءَ ۽ صبر جي ان انتها کي پهچندو آهي، جتي هو هر عذاب، تڪليف ۽ موت کي منهن تي مرڪ آڻي قبول ڪندو آهي! پر، مان ڪانئس ڪجهه به پڇي نه سگهيس.

چاچا تمام جهيڻي، ڪمزور ۽ نبل آواز ۾ پڇيو ”ابا، وقت ڪيترو ٿيو آهي؟“

منهنجي لونءِ لونءِ ڪانڊارجي ويئي. واچ ۾ وقت ڏسندي چيم، ”سادا ڏهه ٿيا آهن.“

ساڳي نوع ۾ پڇيائين، ”ٻاهران ڪو آيو ته ناهي!“

سُڏڪو منهنجو نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. چيم، ”نه چاچا.“

چاچا اکيون بند ڪري ڇڏيون.

مون پنهنجا چپ سندس نرڙ تي رکي ڇڏيا. چاچا جو جهيڻو آواز ٻڌم، ”ابا روئين ته نه پيو.“

”نه، چاچا.“

”ابا، نه روئجانءِ.“

مان آرام ڪرسيءَ تان اٿي سندس پيرانديءَ ڪان وڃي ويٺس. ڏانهس ڏسندو رهيس. هيٺ جهڪي سندس پيرن کي پيار ڪيم. چاچا پنهنجو هيٺو هٿ اهڙي نموني مٿي ڪيو جڻ سڏ ڪندو هجي، ڦري وڃي پاسي ڪان ويٺومانس. تمام ڪمزور آواز ۾ چيائين، ”ابا، ٻاهر ڪو آيو آهي.“

”ڪوبه ڪونهي.“

”تون ڏسي اچ.“

سندس دل رکڻ لاءِ ٻاهريون در کولي ٻاهر نهاريم. موٽي اچي ڪيس ٻڌايم، ”ٻاهر ڪو به ڪونه آيو آهي.“

ٿڌو ساهه کنيائين. پوءِ ڪمزور آواز ۾ پڇيائين، ”وقت ڪيترو ٿيو آهي.“

واچ ۾ وقت ڏسندي چيم، ”پوڻا ٻارهن ٿيا آهن.“

ٿڌو ساهه کڻي چاچا اکيون بند ڪري ڇڏيون. سندس ساهه تکو هلند هلندي منجهڻ لڳو. هو نڪ بدران وات مان ساهه کڻڻ لڳو. مون ڇمڇي سان پاڻيءَ جا ٻه ٽي ڦڙا سندس وات ۾ وڌا. هن وات بند ڪري ڇڏيو ۽ وري نڪ مان تکڙا تکڙا ساهه کڻڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ مون کي سندس ساهه مان هيبتناڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جڻ ساهه جي نلڪين ۾ ڪجهه ڦاسي پيو هوس. ڏهن _ پندرهن منٽن کانپوءِ سندس ساهه مان ڪونگهري جهڙو آواز ڏرو ٿيندو ويو. جڻ معرڪو ختم ٿيو. ڪجهه دير اڳ جنهن جنگ ۾ رڻ گجيو ۽ راڙو ٿيو هو سا جنگ جڻ انجام کي پهتي. چاچا جو ساهه آهستي آهستي هلڻ لڳو. سندس نرڙ ۽ چهري تي پگهر ڏسي منهنجي دل جنب جي ٻن پڙن ۾ چچرجي ويئي. مون دريءَ کان ٻاهر آسمان ڏانهن ڏسندي چيو ”هن دلبر انسان جي صبر کي ايڏو نه آزمائين ها!“

درياهه شاهه ڪيهر وانگر گجگوڙ ڪندو رهيو صدين جي شدت سان وهندو رهيو. پانيم، هن دفعي درياهه ٻئي شهر، روهڙي ۽ سکر، پاڻ سان پٽي کڻي ويندو. ڪجهه باقي نه رهندو. بکر واري ڳُن ۾ وڏو نڪاءُ ٿيو. جڻ ڪو غوراب ٽڪر سان متوهٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. تڏهن، مون ٻاهريون در کڙڪندي ٻڌو. مون کان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو. مون منهن ورائي چاچا ڏانهن ڏٺو. هو جڻ گهري ننڊ ۾ سُتل هو. سندس ساهه تمام آهستي آهستي هلي رهيو هو.

ڪمري مان نڪري ورانڊو لنگهي مون ٻاهريون در کولي ڇڏيو. پنجاهه _ پنجونجاهه سالن جي هڪ مانائتي ۽ ٻاجهاري عورت بيٺي هئي. ڏاڍي ٿڪل ۽ پريشان پئي ڏٺي. احترام سان چاچا جونالو کڻندي پڇيائين، ”هي سندس گهر آهي؟“

”ها.“ در آڏو هٽندي چيم، ”اندر اچو.“

اندر ايندي چيائين، ”گذريل چوويهن ڪلاڪن مان ويهه ڪلاڪ سفر ۾ گذاريا اٿم. شهدادپور وٽ انجڻ خراب نه ٿئي ته مان شام ڌاري پهچي وڃان ها.“

ڪانئس بريف ڪيس وٺي ميز تي رکيم. ڪيپڙن تان مٽي ڇنڊيندي چيائين، ”سَرِ سان ملڻ لاءِ مان ڪراچي ويئي هيس. اُتان خبر پئي ته سر روهڙيءَ ۾ آهن.“

رومال سان اول اکيون ۽ پوءِ عينڪ جا شيشا صاف ڪندي هن مون کان پڇيو ”تون سر جو....“

هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

چيم، ”مان سندس پاڻثيو آهيان.“

چيائين، ”مان ميران ڪاليج جي پرنسپال آهيان. سر ڪيئن آهن؟“

اندرين ڪمري ڏانهن وڌندي چيم، ”اچو.“

ورانڊي ۾ رکيل پنهنجو سوٽ ڪيس کوليندي هن چيو ”سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ مان سر وٽ پڙهندي هيس.“

هڪ لحظي ۾ مون امڪان جي سرحدن کان اڳتي، ناممڪن کي ممڪن ٿيندي ڏٺو. ڪائنات جو هر آواز بي آواز ٿي ويو. سڀ ڪجهه پنڊ پهڻ ٿي ويو. ڪو گهنڊ، ڪا صدا نه رهي. تصديق جي ضرورت نه رهي. مان اچرج، بيقينيءَ وچان فقط هڪ لفظ اچاري سگهيس، ”اوهين!“

بريف ڪيس مان رومال ڪڍندي چيائين، ”منهنجو نالو روپ آهي.“

مان ذري گهٽ ڊوڙندو اندرئين ڪمري ڏانهن وڌي ويس. فرش تي گوڏا کوڙيندي، ۽ چاچا کي مِنيون ڏيندي ۽ پيار ڪندي چيم، ”چاچا، چاچا، ڏسو ته سهي! ڏسو ته سهي، اوهان سان ڪير ملڻ آيو آهي!“

مون ڪنڌ ورائي ڏٺو. روپ ڪمري جي در ۾ بيٺي هئي. اکين ۾ وحشت هئس. چپ اهڙي نموني ڏار ٿي ويا هئس. ڄڻ اندر مان اُٿلي آيل آهه سندس وجود مان ڏار ٿيندي ٿيندي رهجي ويئي هئس. مون کيس ٻانهن کان وٺي آرام ڪرسيءَ تي ويهاري ڇڏيو. هوءَ بي انتها غم وچان چاچا ڏانهن نهارڻ لڳي.

چاچا جو سمورو چهرو ۽ جسم پگهر ۾ آلو ٿي ويو هو. ڪجهه دير اڳ بخار ۾ پچرندڙ جسم ٺري ويو هوس. سمورا بند پڄي پيا. چاچا کي ڳرانڙي پائي ۽ روئيندي چيم، ”هڪ دفعو اکيون کولي ته ڏسو. اوهان سان ڪير ملڻ آيو آهي. ڏسو ته سهي چاچا. اوهان ڏسو ته سهي.“

اُجهامندڙ ساهن ۾ مون چاچا کي هڪ وڏو ساهه کڻندي ڏٺو. اڌ اکيون کولي هن مون ڏانهن ڏٺو. کيس نرڙ ڳلن ۽ ڪاڏيءَ تي پيار ڪندي چيم، ”ڏسو ته اوهان سان ڪير ملڻ آيو آهي.“

چاچا روپ ڏانهن ڏٺو. ۽ پوءِ اهڙي نموني اکيون بند ڪري هميشه لاءِ الوپ ٿيو جو خوابن کان سواءِ وري ڪٿي به نظر نه آيو.

***